بسم الله الرحمن الرحيم

# ائنيمل فارم

**ليکڪ:**

جارج آرويل

**ترجمو:**

حبيب سنائي

**ڪمپوزنگ:**

ذوالفقار علي ابڙو

**ڊجيٽل پبلشر:**

وائيس آف سنڌ

www.voiceofsindh.cjb.net

**نوٽ:**

هن ڪتاب کي ڪنھن بہ ٻي ويب سائيٽ ۾ ڏيڻ کان اڳ ۾ ”وائيس آف سنڌ“ (www.voiceofsindh.cjb.net) جو حوالو ڏيڻ ضروري آهي.

# هڪ گذارش

وائيس آف سنڌ جي هن اي بُڪ ڪارنر ۾ توهان سڀني سنڌ واسين کي خوش آمديد. اسان اميد ٿا ڪريون ته توهان دوستن کي هي سلسلو پسند ايندو ۽ توهان جي معلومات ۾ اضافي جو باعث بڻجندو.

وائيس آف سنڌ جيڪا ذاتي نه پر سچي سنڌ جي حوالي سان هڪ منفرد سنڌي ويب سائيٽ آهي. ٿوري عرصي ۾ وزيٽرس جي تعداد کي ڏسندي انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته هي ويب سائيٽ تمام سٺي مقبوليت حاصل ڪري رهي آهي. جنهن مان هن جي معياري هئڻ جو ثبوت عيان آهي. اسان جي توڙي هن ويب سائيٽ ۾ شامل ٽيندڙ بين دوستن جي اِهائي ڪوشش رهي آهي ته هِن ويب سائيٽ کي وڌ کان وڌ بهتر بڻائجي ۽ سنڌي مواد انٽرنيٽ تي منتقل ڪجي. اسان اي بُڪ ڪارنر ۾ ڪافي ڪتاب اڳتي هلي شامل ڪنداسين. اميد ته توهان دوست انهيءَ سلسلي ۾ پنهنجو ساٿ اسان سان شامل ڪندا.

ويب سائيٽ جي لاءِ هڪ عرض اهو ته جيئن ته وائيس آف سنڌ جي ويب سائيٽ جيڪا سنڌي ٻولي ۾ پنهنجي نوعيت جي پهرين ۽ منفرد ويب سائيٽ آهي، سان اڃان تائين فري هوسٽنگ سرور تي ڪم جاري رکيو پيئي اچي ۽ اڃان تائين ڪوبه ڊومين نيم خريد ناهي ڪري سگهيا آهيون. اسين چاهيون ٿا ته هن سائيٽ کي فري هوسٽنگ کان هٽائي ڪنهن معياري سرور تان هوسٽ ڪرايون ۽ ڊومين نيم خريد ڪريون پر اِهو اڪيلي سر اسان جي پهچ کان ٻاهر آهي. انهيءَ جي لاءِ اسان توهان کان رضاڪارانه تعاون جا طلبگار آهيون. توهان اِهو تعاون ويب سائيٽ تي موجود اشتهارن تي روزانو وڌ کان وڌ ڪلڪ ڪري، اسان کي

ڏيئي سگهو ٿا. توهان جي ٿورڙي توجهه ۽ محنت هن ويب سائيٽ جي مستقبل ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. توهان جي انهيءَ تعاون مان ملندڙ آمدني ڪي هوسٽنگ، ڊومين نيم، مواد ۽ اسڪينرز ۽ پيون بنيادي سهولتون خريد ڪرڻ لاءِ استعمال ڪنداسين. اسين اميد ٿا ڪريون ته توهان سڀ دوست اسان سان گڏجي اسان جي سنڌي ٻولي جي بقا ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا.

ايڊيٽر وائيس آف سنڌ
مير آفتاب احمد ٽالپر

www.voiceofsindh.cjb.net
editor@voiceofsindh.cjb.net

# فهرست


- باب پهريون 5
- باب ٻيو 15
- باب ٽيون 23
- باب چوٿون 28
- باب پنجون 36
- باب ڇهون 46
- باب ستون 54
- باب اٺون 66
- باب نائون 79
- باب ڏهون 89

# باب پهريون

مئنر فارم Manor Farm جي مسٽر جونز، رات لاءِ ڪڪڙن جي ڪُڏڻن کي تالا هنيا هئا، پر جيئن ته هو گهڻو پيتل هو، سو چور- خانا بند ڪرڻ وساري ويٺو. هُو جڏهن ٿڙندو ٿاٻڙندو گهر واپس اچي رهيو هو ته سندس بتيءَ جي روشنيءَ جي لار به نچندي ڪڏندي پئي آئي. هن پيرن مان جوتن کي در ڏي اڇليو. بورچيخاني پرسان ٿهيل ٽانون ڏوئڻ واري نندي ڪمري ۾ پيل پيپ مان بيئر جو آخري گلاس پري ڳڙڪايو ۽ پنهنجي بستري ڏي وڌيو، جتي سندس زال اڳيئي کونگهرا هڻي رهي هئي.

جيئن ئي بيڊ روم جي روشني ٻاهر پکڙي، تيئن فارم جي جاءِ ۾ هلچل ۽ ڦڙڦوٽ پيدا ٿي. ڏينهن جو اها ڳالهه هُلندي رهي هئي ته ميجر نالي واري هڪ ڪراڙي سوئر، جيڪو مڊل وائيٽ سوئر جو انعام ماٽي چڪو هو، اڳوڻي رات هڪ عجيب خواب لڌو هو، ۽ هاڻي هو آس وند هو ته ٻين کي انهيءَ خواب جو احوال ڏي. انهيءَ ڪري اهو سٽيو ويو ته جيئن ئي مسٽر جونز آخري چڪر لڳائي پنهنجي گهر وڃي آرامي ٿيندو، تيئن هي سڀ جانور وڏي پاندي وٽ اچي مڙندا. ڪراڙي ميجر (جيئن هيءُ سڏاتو ٿي ويو، پر هن جي رڪارڊ ۾ شناخت ولنگڊن بيوٽي طور ٿيل هئي) کي فارم ۾ وڏي عزت حاصل هئي. هر جانور ڪلاڪ ڪن جي ننڊ وڃائي به هن جا گفتا ٻڌڻ تي گهريا.

پاندي جي چيڙي تي ٺهيل ٿلهي تي ميجر اڳ ۾ ئي آرامده ڪکائين بستري تي ويٺو هو. سندس مٿان، ٿنڀي ۾ لڳل بتي ٻري رهي هئي. هن جي عمر ٻارهن ورهيه هئي. ويجهي چڪ ۾ هو مچي ويو هو، پر پوءِ به هو عاليشان ڏيک وارو سوئر هو. پنهنجي شڪل ۽ شبيهه مان هو داناءُ ۽ سخي لڳندو هو، جيتوڻيڪ هن جا نيش ڪڏهن به ڪتيا نه ويا هئا. ڪافي وقت کان جانور اچي رهيا هئا ۽ پنهنجي ڍنگ سارو ويهڪ جي جاءِ ولاريندا ويا. پهريائين بلو بيل، جيسيِ ۽ پنچر نامي ڪتا پهتا ۽ پوءِ سوئر آيا، جيڪي

پليٽفارم جي مهاڙ ۾ ڪکن تي اچي ويٺا. ڪڪڙن درين جي سلن تي ديرو ڄمايو, ته پارين ۽ ڪبوترن ڇت جي ڪاٽي تي وڃي ويٺا. رڍون ۽ ڳئون سوئرن کان پويان ٿي ويٺيون ۽ اوڳارڻ ۾ لڳي ويون. بار ڍوئڻ واري گاڏي وارا گهوڙا باڪسر ۽ ڪلوور گڏجي آيا. هو آهستي آهستي ۽ سنڀالي ويٺا ته متان ڪو ننڍو جانور سندن سنبن هيٺيان چيڀاٽجي نه وڃي. ڪلوور ٿلهي متاري مادي گهوڙي هئي ۽ عمر جي وچين وهيءَ ۾ اچي پهتي هئي. چوٿين ويم کان پوءِ سندس هاڻي اصلي صورت نه وٺي سگهي هئي. باڪسر به هڪ متارو وهٽ هو. ارڙهن گرانٺن وارو هيءُ گهوڙو سگهه جي لحاظ کان ٻن عام رواجي گهوڙن برابر هو. نڪ هيٺان اچي پٽي جي ڪري سندس منهن مان موڳي هئڻ جو تاثر ٿي مليو ۽ حقيقت ۾ هو اول درجي جو ذهين به نه هو, پر عالمي سطح تي هو پنهنجي ڪردار جي پختگيءَ, ثابت قدمي ۽ اورچائي جي ڪري مشهور هو. گهوڙن کان پوءِ مُيرئل نالي اچي ٻڪري, بينجمن نالي گڏهه پهتا. بينجمن هن فارم جو پوڙهو ترين جانور هو, پر پنهنجي خشڪ مزاجيءَ ڪري وڌيڪ مشهور هو. هو تمام گهٽ ڳالهائيندو هو, پر جڏهن ڪٿي ڪا ڳالهه ڪندو به هو ته اها به رکي ۽ ترش هوندي هئي. مثال طور هو چوندو هو ته الله تعالیٰ کيس پڇ ان ڪري عطا فرمايو آهي ته هو مکيون هڪلي, ۽ جلدي اهڙو ڏينهن ڏيندو, جڏهن نڪي پڇ رهندو ۽ نڪي هونديون مکيون. هن کي کلندي ڪڏهن به نه ڏٺو ويو هو. ان لاءِ جيڪر پڇبو هوس ته هو وراٽيءَ ۾ چوندو هو ته کيس ڪا کلڻ هاب ڳالهه نظر نٿي اچي. بهرحال, باوجود کلي عام اهو تسليم نه ڪرڻ جي, هُو باڪسر ڏانهن رغبت رکندو هو. ٻئي آچر ڏهاڙي باغ جي پويان قائم گهوڙن جي ميدان ۾ اچي گڏبا هئا ۽ پيا گاهه چرندا هئا, پر پاڻ ۾ ڳالهه ٻولهه نه ڪندا هئا.

ٻيئي گهوڙا اڃان ويٺا ئي مس هئا ته بدڪ جي ٻچن جو ولر, جن جي ماءُ گم ٿي ويئي هئي, هيٺائي ۾ آوازيندا, قطار ٻڌي اندر داخل ٿيا ۽ اهڙي جاءِ لاءِ, جتي هو ڪنهن وڏي مرون جي لتاڙ کان بچي سگهن, هيڏانهن هوڏانهن گهمندا رهيا. ڪلوور پنهنجي ٽنگ جو اڳ ڏيئي, هنن لاءِ پڻ ديوار اپي ڪئي. هاڻ هي اتي ييڙا ٿيا, ۽ جهٽ پٽ ۾ الوٽن ۾ پئجي ويا. آخري مرحلي ۾ مولي نالي واري هڪ مورک پر وٺندڙ گهوڙي, جنهن جونز جي هنيل ڪوڙڪي کولي

هئي، مزي مزي سان مصري جي ڳنڍ ڇهاڙيندي اندر آئي. هن مهڙ ۾ ئي جاءِ والاري. هوءَ پنهنجي اچي بشڪ سان ڪيڏيندي رهي، انهيءَ اميد سان ته هر هڪ کي ڳاڙهيون ربنون نظر اچن، جن سان سندس چوٽيون ٻڌل هيون. سيني کان آخر ۾ ٻلي پهتي، جنهن هميشه وانگر گرم ترين جاءِ جي ڳولا ۾ چوڌاري چڪر هنيو. نيٺ سڪرڄي ڪلوور ۽ باڪسر وچ ۾ وڃي ويٺي. هوءَ رڳو ميائون ميائون ڪندي رهي ۽ تقرير جو هڪ اکر به ٻڌڻ گوارا نه ڪيائين.

سواءِ پالتو جهنگلي ڪانءَ موزز جي، جيڪو پوئين در جي پٺيان ٺهيل پيهي تي ستو پيو هو، سڀ جانور اچي مڙيا هئا. جڏهن ميجر ڏٺو ته سڀ جانور اچي گڏ ٿيا آهن ۽ تقريرلاءِ آسائتا آهن، تڏهن هن پنهنجو گلو صاف ڪيو ۽ شروع ٿيو:

”دوستو! اوهان کي ته اڳ ۾ معلوم ٿي ويو آهي ته مون گذريل رات هڪ عجيب خواب ڏٺو آهي، پر آئون ان خواب متعلق پوءِ ڳالهائيندس. پهريائين مون کي ٻيو ڪجهه چوڻو آهي. ڪامريڊو! آئون سمجهان ٿو ته آئون هاڻي اوهان ساڻ گهڻو وقت رهي نه سگهندس، ان ڪري مرڻ کان پهريائين آئون آسروند آهيان ته مون جيڪا ڏاهپ حاصل ڪئي آهي، سا اوهان ڏي منتقل ڪري وڃان. هڪڙو ته مونکي وڏي ڄمار ملي آهي، ۽ ٻيو ته اڪيلو هجڻ باعث مون کي ڳڻ ڳوت جو موقعو ميسر ٿيو آهي. انهيءَ ڪري آئون چوان ٿو ته آئون نه صرف هن ڌرتي جي زندگي، بلڪ هر ٻي جوءِ جي زندگي، جتي جتي جانور وسن ٿا، کي چڱيءَ پر سمجهان ٿو. اڄ آئون انهيءَ موضوع متعلق ويچار ونڊڻ گهران ٿو.

”هاڻي دوستو! اسان جي زندگيءَ جي نوعيت ڇا آهي؟ اچو ته ان سان منهن مقابل ٿيون! اسان جون زندگيون ننڍيون پر ڪٺن ۽ ڏکن ڏولاون سان پريل آهن. اسان جڏهن ڄمون ٿا ته اسان کي صرف اوترو کاڌو ڏنو وڃي ٿو، جيترو اسان جي جسم ۾ ساهه سنڀالي سگهي، ۽ اسان مان جيڪي قابل ڪار آهن، تن کان سندن سگهه جي آخري اٽي تائين پورهيو ورتو وڃي ٿو.

جنهن ويل اسان جو ڪمائتو هئڻ ختم ٿئي ٿو، ته انهيءَ مهل ئي اسان کي ٻيانڪ ڪٺورتا سان ڪٺو وڃي ٿو. انگلنڊ جو ڪوبه جانور جڏهن هڪ سال جو ٿئي ٿو ته انکي خوشي ۽ فراغت جي خبر نه هوندي آهي. انگلنڊ جو ڪوبه جانور آزاد نه آهي. هر جانور جي زندگي غلامي ۽ ڪمبختي ۾ وڪوڙيل آهي. اهوئي ڪڙو سچ آهي.

”پر ڇا اهو رڳو فطرت جي دستور جو حصو آهي؟ ڇا اهو انڪري آهي ته اسان جي ڌرتي غريب آهي ۽ مٿس وسندڙن کي شانائتي زندگي گهارڻ جا وسيلا ميسر ڪري ڏيڻ کان قاصر آهي؟ نه ڪامريڊو نه - هزار دفعا نه. انگلنڊ جي مٽي زرخير آهي، ان جي آبهوا به دلڪش آهي ۽ اها ان لائق آهي ته هن وقت هتي رهندڙن مڙني جانورن کان به وڌيڪ جِيوَن کي جياپي لاءِ کاڌ خوراڪ مهيا ڪري سگهي. اسان جو فارم درجن گهوڙن، ويهارو ڳئن ۽ سوين رڍن کي ايترو کاڌو فراهم ڪري سگهي ٿو، جو اهي آرام ۽ عزت سان باقي زندگي بسر ڪري سگهن ٿيون. پر اها ڳالهه اسان جي تصور کان ڪوهين ڏور آهي. پوءِ به آخر ڇو اسان اهو جاڙ جيئون پيا؟ ڇاڪاڻ ته اسان جي محنت جو اپراسو انسان ذات چورايو وڃي. انهيءَ ۾ ئي اسان جي سيني سوالن جو جواب لڪل آهي. انهيءَ جواب کي جيڪر هڪ لفظ ۾ سموهجي ته اهو لفظ آهي ”ماڻهو“ - ماڻهو اسان جو حقيقي دشمن آهي. ماڻهو کي منظر تان هٽايو ۽ انهي ساڻ اسانجي بک ۽ ڳهڻ جو بنيادي سبب هميشه لاءِ مٽجي ويندو.

”ماڻهو ئي اهڙو جيو آهي، جيڪو پيدا ته ڪجهه به نٿو ڪري، پر الٽو کاڌي پويان آهي. هو کير نٿو ڏئي، هو بيضا نٿو لاهي، هو هر هلائڻ کان لاچار آهي، هو تکو ڊڪي سهن کي پڪڙڻ لائق به نه آهي. پر پوءِ به هو اسان جو آقا بنيو پيو ڦري. هو اسان کي ڪم ۾ لڳائي ٿو ۽ ان جي بدلي ۾ رڳو ايترو ڏئي ٿو جو اسان بک وگهي مرڻ کان بچيا رهون. باقي سڀ ڪجهه هو پاڻ هڙپ ڪريو وڃي. اسان جي پورهئي سان پوکي راهي ٿئي ٿي، اسان جو پاڻ ٻنيءَ کي زرخير ڪري ٿو، پر پوءِ به اسان مان اهڙو ڪونهي، جنهن وٽ پنهنجي چمڙيءَ کان وڌيڪ هجي. مونکي آڏو نظر ايندڙ اوهان ڳئون ٻڌايو ته

سهي تہ گذريل وقت ۾ ڪيترا هزارسير ڪير اوهان مان ڏڌو ويو آهي ۽ ان ڪير جو ڇا ٿيو؟ اهو هوند وڇين ۽ وڇڙن جي تات ۾ ڪم اچي ها. پر ان جو هر ڦڙو اسان جي ويريءَ جي نڙين ۾ لهي ويو. اي ڪڪڙيون! هن سال اوهان ڪيترا بيضا لاٿا ۽ ڪيترا ان مان ٻچن ڦوٽڻ لاءِ رکيا ويا؟ مسٽر جونز ۽ انهن جي ڪمين گهڻن کي منڊيءَ ۾ وڪرو ڪري ناڻو ڪمايو. مائي ڪلوور! تون ئي ٻڌاءِ تہ تو وارا چار ڦر ڪيڏانهن ويا؟ جيڪي هوند توکي وڏي وهيءَ ۾ ڪم اچن ها؟ هر هڪ کي سال جو ٿي وڃڻ کان پوءِ ڪپايو ويو، ۽ انهن مان ڪنهن کي بہ وري تون يا عمر نہ ڏسي سگهندينءَ؟ ٻنين ۾ ڪيل پورهئي ۽ پيٽائتي هئڻ واري ڪٺن وقت جو سلو توکي ڇا مليو آهي؟ رڳو مخصوص ۽ مقرر ڪاڏو ۽ ننڍي ڪڙهہ؟

”ايتري تائين اسان جيڪا هي ذلت ڀري زندگي گهاريون ٿا، تنهن کي بہ فطري نموني پڄاڻيءَ تي پهچڻ نٿو ڏنو وڃي. آئون پنهنجي سر لاءِ نٿو ڪُرڪان، ڇو تہ آئون وڏي نصيب وارو آهيان. آئون ٻارنهن ورهين جو اچي ٿيو آهيان. ان دوران چار سؤ ڪن ٻار ڄڻيا اٿم. ائين سوئرن واري فطري زندگي گذاري اٿم. پر ڪوبہ جانور آخري وقت ۾ ڪٺور ڇري کان نٿو بچي سگهي. اي ڪچڙا سوئرو! اوهان جڏهن سال کن جا ٿيندائو تہ اڏيءَ تي نيا ويندائو ۽ زندگي لاءِ رڙندائو! انهيءَ دهشت سان ملاقاتي اسان سڀ - سوئر، ڪڪڙيون، ڪڪڙ رڍون ۽ ٻيا - ٿينداسون. ايتري تائين جو گهوڙن ۽ ڪتن جي پوياڙي بہ چڱي ڪانهي. او باڪسرا جنهن ڏهاڙي تنهنجيون اهي سگهاريون مشڪون نٻل بنبيون، جونز توکي ڪمزور ۽ لاغر گهوڙا ڪُهندڙن جي حوالي ڪندو ۽ پئسا ڪمائيندو. اهو ڪاسائي وري تنهنجو گلو ڪٽي، توکي ٺهڪائي، لومڙيءَ جو شڪار ڪندڙ ڪتن جي لاءِ خوراڪ بنائيندو. ڪتا جڏهن جهُور ٿيندا آهن تہ جونز انهن جي ڳچيءَ ۾ پٿر ٻڌي، کين ڪنهن ڪائي ۾ ٻوڙي ڇڏيندو آهي.

”هاڻي اهو وائکو ٿي ويو آهي تہ اسان جي مڙني ڪشٽن جي اوسر انسان ذات جي بيداد مان ٿئي ٿي. سو رڳو ماڻهو مان جند آجي ڪرايو تہ پوءِ هر اپت اوهان جي پنهنجي هوندي ۽ اسان رات پيٽ ۾ امير ۽ آزاد بنجي

ويندا سين. ها تہ پوءِ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ اسان کي ڏينهن رات پوري تن من سان انساني ذات تي غلبو حاصل ڪرڻ لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجي. ان لاءِ منهنجو پيغام اوهان ڪامريڊن لاءِ اهو آهي تہ: بغاوت. مونکي پتو ڪونهي تہ ڪڏهن بغاوت ٿيندي. اها هفتي اندر ٿي سگهي ٿي يا وري ان ۾ سؤ سال بہ لڳي سگهن ٿا. پر آئون ڄاڻان ٿو تہ ڪڏهن نہ ڪڏهن انصاف ضرور ٿيندو. اوهان کي اهو نڪتو ذهن ۾ اڪري ڇڏڻ گهرجي ۽ باقي زندگي انهيءَ تي عمل پيرا ٿيڻ لاءِ ڪوششون وٺڻ گهرجن. ٻي ڳالهہ اها تہ اهو پيغام پنهنجي پونيرن کي ڏيندا رهجائو تہ جيئن اها ٿهي ڪاميابي ماڻڻ لاءِ جدوجهد جاري رکي.

”دوستو! ياد رکو تہ پنهنجن ارادن ۾ ڪمزوري نہ آڻجائو ۽ ڪوبہ مخالف دليل اوهان کي گمراهہ نہ ڪري. اوهان کي جيڪو اهو ٻڌايو ٿو وڃي تہ ماڻهن ۽ جانورن جا مفاد مشترڪ آهن ۽ هڪڙي جي خوشحالي ٻي جي ئي خوشحالي آهي، تنهن تي بلڪل اعتبار نہ ڪريو. ماڻهو ٻي ڪنهن بہ جيو واسطي ڪم نٿو ڪري، پر هو رڳو پنهنجي لاءِ سڀ ڪجهہ ڪري ٿو. اسان جانورن ۾ مڪمل ٻڌي هجي، مڪمل ڀائپي هجي. ياد رهي تہ سڀ ماڻهو اسان جا دشمن آهن ۽ سڀ جانور پاڻ ۾ ڀائر آهن ۽ ڪامريڊ آهن.“

انهيءَ وقت توري گڙ ٻڙ ٿي پئي. ڇا ٿيو جو ميجر جي تقرير هلندي چار ڪوئا بہ پنهنجي ٻرن مان ٻاهر اچي تقرير ٻڌي رهيا هئا. تڏهن اوچتو ڪتن جي مٿن نظر پئجي ويئي. ڪتا وٺي ڪوئن ڏي مڙيا ۽ ڪوئن ڀڄي جان بچائي. انهيءَ هُل دوران سوئر پنهنجو اڳيون پير اڳيان ڪري سيني کي خاموش ٿيڻ لاءِ چيو.

”ڪامريڊو! هن چوڻ شروع ڪيو، ”هي نڪتو بہ سلجهائڻ گهرجي: هي جيڪي جهنگلي جيو ڪوئا ۽ سها آهن، سي ڇا اسان جا سڄڻ آهن ڪي ويري! اچو تہ ان لاءِ ووٽنگ ڪريون. آئون هن ميڙ ۾ تجويز ٿو ڏيان تہ ڇا ڪوئا ڪامريڊ آهن؟“ انهيءَ وقت سيني کان ووٽ ورتو ويو ۽ وڏي اڪثريت سان طيءِ ٿيو تہ ڪوئا اسان جا ساٿي ۽ ڪامريڊ آهن. رڳو چئن ڄڻن يعني ٽن ڪتن ۽ هڪ ٻليءَ انهيءَ جي مخالفت ۾ راءِ ڏني. بهرحال پوءِ

معلوم ٿيو ته ٻلي ٻنهي پاسي ووٽ ڏنو آهي. ميجر وري شروع ٿي ويو: ”مونکي اجان به ڪجهه چوڻو آهي. آئون هي ٻيهر ورجايان ٿو ته رڳو اهو ذهن نشين ڪري ڇڏيو ته ماڻهو ۽ ان جي پرڪارن خلاف دشمني رکڻ اوهان جو فرض آهي. ٽنهن ڪري جيڪو جيو به ٻن ٽنگن تي هلي سو ويري آهي ۽ جيڪو چئن ٽنگن تي هلي يا کنڀ هجنس، سو اسان جو سنگي ساٿي آهي. ۽ اهو پڻ ياد رکو ته ماڻهوءَ خلاف ويڙهاند ۾ اسان کي هن جهڙو ٻڻجڻو نه آهي. جڏهن اوهان هن تي غالب پئجي وڃو، تڏهن هن جهڙيون برايون نه اختيار ڪجائو. ڪوبه جانور ڪنهن انساني گهر ۾ رهائش پذير نه ٿئي، نڪي بستري ۾ سمهي، ۽ نه ئي شراب ۽ تماڪ واپرائي، نه ڪپڙا پهري، نه پئسن کي هٿ لاهي ۽ نه ئي ڪاروبار ڪري. ماڻهوءَ جون مڙيئي عادتون برايون آهن ۽ وڏي ڳالهه ته ڪوبه جانور پنهنجي جاتيءَ تي ظلم نه ڪري. نٻل توڙي سگهو، هوشيار توڙي سادو، اسان مڙيئي پاڻ ۾ ڀائر آهيون. ڪوبه جانور ٻئي جانور کي نه ماري. جانور سڀ برابر آهن.

”ڪامريڊو! هاڻي آئون اوهان کي گذريل رات جي خواب متعلق ٻڌائيندس. اهو خواب اهڙي ڌرتيءَ واسطي آهي، جتي ماڻهو جو نالو نشان به نه هوندو. انهيءَ خواب مونکي هڪ وساريل ڳالهه ياد ڏياري آهي، جيڪا ورهيه ٿيا، مونکان وسري چڪي هئي. ڪي سال اڳ جي ڳالهه آهي. آئون جڏهن ننڍڙو سوئر هوس ۽ منهنجي ماءُ ۽ ان جون ساٿياڻيون گڏجي هڪ گيت ڳائينديون هيون، جنهن جي رڳو ڪين ڌن ۽ پهريان ٽي لفظ ياد هئا. ٻاروتڻ ۾ ته اها ڌن مونکي ياد هئي، پر پوءِ اها ذهن مان ميسارجي ويئي. پر گذريل رات خواب ۾ سنڀارجي آئي اٿم. وڏي ڳالهه اها ٿي آهي ته انهيءَ گيت جا لفظ به پلئه پيا اٿم، جيڪي مونکي پڪ آهي ته پراڻي وقت جا جانور ڳائيندا هئا، پر پوءِ جي نسلن کي ياد نه رهيا. آئون اهو گيت اوهان کي ڳائي ٻڌايان ٿو، پر آئون ڄُهور آهيان ۽ منهنجو آواز به گهگهو آهي، پر جڏهن آئون اوهان کي سيکاري بس ڪريان، ته پوءِ اوهان ان کي سهڻي طريقي سان ڳائجائو. انهيءَ جو گيت جو عنوان آهي ”انگلنڊ جا جانور“

پوڙهي ميجر پنهنجو گلو صاف ڪيو ۽ ڳائڻ لڳو. جيئن چيو هئائين، سندس آواز گهگهو هو، پر پوءِ به هن چڱي نموني ڳايو. هن گيت جي ڌن ڪافي جوشيلي هئي، ”ڪليمنٽائين“ ۽ ”لاڪروچا“ جي عين بين. گيت جا لفظ هئا :

” انگلنڊ جا حيوانو، آئرلنڊ جا حيوانو

هر ڌرتي ۽ ديس جا حيوانو!

منهنجي خوشخبري

ڪن لائي ٻڌو،

دير سوير اهڙو ڏينهن به ايندو،

ڪتور ماڻهن کي هتان ڀڄايو ويندو،

۽ انگلنڊ جون زرخيز ٻنيون،

رڳو اسانجي لتاڙ هيٺ هونديون،

نڪن مان ناڪوٿيا ڪڍيا ويندا،

اسان جي پٺن تي پيل سنج الوپ ٿيندا ـ

لغامون ۽ مهميزون زنگجي ونديون

ڦٽاڪا ۽ چهبڪ پيهر نہ آوازيندا ـ

تصور کان ٻاهر خوشحالي ايندي،

ڪڻڪ، جو، جئي ۽ سڪل گاهہ

برسيم، ڦرهيون ۽ چقندر

ان ڏينهن سڀ اسان جا هوندا ـ

انگلنڊ جي ٻنين ۾ روشني هوندي،

پاڻي بہ پوتر هوندو

منڙي هير پئي لڳندي،

ان ڏينهن جڏهن آزادي ملندي.

اهڙي سرهي وقت لاءِ اسان کي پورهيو ڪرڻو آهي،

ڀلي سگهي ٿو تہ ان جي آمد کان اڳ اسان جي زندگيءَ جو ڏيئو اجهامي وڃي،

ڳئون، گهوڙا، بدڪون ۽ ڪڪڙ

سيني ساٿين کي آجپي لاءِ ڳهڻو آهي.

انگلنڊ جا حيوانو! آئرلنڊ جا حيوانو

هر ڌرتي ۽ ديس جا حيوانو!

منهنجي خوشخبري

ڪن لائي ٻڌو.

هن گيت کي ڳائيندي جانورن ۾ هڪ طرح جو ولولو پيدا ٿيو. اجان ميجر گيت ڳائي پورو ئي نہ ڪيو، تہ ٻيا جانور پاڻ ئي اهو گيت ڳائڻ لڳا. ايتري تائين جو ڪند ذهن جانورن بہ ان جي ڌن ۽ ڪجهہ لفظن کي سمجهي ورتو پر چالاڪ ۽ هوشيار جانورن جهڙوڪ ڪتن ۽ سوئرن تہ پورو گيت ياد

ڪري ورتو هو. ڪجهه ابتدائي ڪوشش ڪانپوءِ سڄو واڙو گڏجي اهو گيت ڳائي رهي هيو. ڍڳين پنهنجي رنڀ لڳائي، گهوڙن هڻڪار ڪئي، ٻدڪن ڪُئي ڪُئي تي ڪئي، ڪتن ڀونڪڻ ۽ اوناڙڻ شروع ڪيو. رڍن ٻاڪار پئي ڪئي. گيت انهن کي اهڙو مزو ڏنو، جو ان کي لڳا تار پنج ڀيرا ڳاتو ويو. ۽ هوند اجان ٻہ پيا ڳائين ها، جيڪر ڪين روڪيو نہ وڃي ها.

انهيءَ مهل هنگامي جي ڪري، مسٽر جونز جاڳي پيو هو. هن کي پڪ ٿي تہ سندس فارم ۾ ڪو ٻگهڙ پهتل آهي. هو بستري تان اٿيو ۽ پر ۾ پيل بندوق کنئي ۽ ڪمري جي ڪنڌ وٽان ٻيهي فائر ڪيو. گوليءَ جا ڇيرا ياندي جي پٽين ۾ گم ٿي ويا ۽ ميڙ ٽڪڙ ٽڪڙ ۾ ختم ٿي ويو. هر هڪ پنهنجي سمهڻ واري جاءِ ڏي وڃي پهتو. پکي وڃي پنهنجي آکيرن ۾ ستا، جانور ڪکن تي وڃي آهليا. چند منٽن ڪان پوءِ سڄو فارم ننڊ ۾ گهيريل هو.

# باب ٻيو

ٽي راتيون پوءِ، پوڙهو ميجر ننڊ ۾ ستي ئي ڏٽيءَ کي وجي پرتو. سندس جسم کي باغ جي مهڙ ۾ پوريو ويو.

اهو موت مارچ جي شروع ۾ ٿيو. ان کان پوءِ ايندڙ ٽن مهينن دوران انتهائي خفيه سرگرميون به ٿينديون رهيون. ميجر جي تقرير سمجهدار جانورن کي زندگيءَ جو هڪ نئون نقطي نظر ڏنو هو. انهن کي اها خبر نه هئي ته ڪڏهن بغاوت ٿيندي، انهن وٽ اهو وسهڻ لاءِ ڪوبه سبب نه هو ته اها سندن حياتي ۾ ئي ٿيندي، پر هنن انهيءَ جي برپا ڪرڻ لاءِ تياري وٽڻ کي فرض پئي سمجهيو. ٻين کي سيکارڻ ۽ منظم ڪرڻ جي ذميواري سوئرن تي عائد ڪئي ويئي، جيڪي عام طرح مڙني جانورن ۾ زيرڪ سمجهيا ٿي ويا. سوئرن ۾ وڏيڪ چاتل سچاتل سنوبال ۽ نيپولن هئا، جن کي مسٽر جونز کپائڻ لاءِ تاتي رهيو هو. برڪشائير نسل سان تعلق رکندڙ نيپولن دهشت زده ڪندڙ ڊول جو مالڪ هو. هوگهٽ ڳالهائو ۽ پنهنجي طريقي هلندڙ جانور هو. هن جي ڀيٽ ۾ سنوبال خوشدل، تيز ڳالهائيندڙ ۽ جدت پسند هو، پر ڪردار جي لحاظ کان ايتري گهرائي جو مالڪ نه هو. ٻيا نر سوئر ڪسجڻ واسطي تيار ٿي رهيا هئا. انهن ۾ وري چاتل سچاتل هو ڊينيڊڙو ۽ ڦيڦو اسڪئيلر. سندس مِٽون گول، اکيون چنيندڙ چڙڪ چرپر ۽ آواز تکو هو. هيءُ ڏاڍو سٺو مقرر هو. جڏهن ڪنهن ڏکئي نڪتي تي دليل بازي پيو ڪندو هو ته ان سمي هن جي عادت هوندي هئي ته هڪ پاسي کان ٻئي پاسي پيو ٽپا ڏيندو ۽ پنهنجي پڇ کي به ڦيرا ڏيندو. اهو سندس ڍنگ سامعين کي قائل ڪري سگهڻ جهڙو هو. هن لاءِ اهو چيو ويندو هو ته هو ڪاري کي اڇو ڪري ثابت ڪري سگهجي ٿو.

هنن ٽنهي ميجر جي سکيا کي تفصيل سان نئين سوچ سرشتي ۾ منظم ڪيو، جنهن کي هنن نالو ڏنو انيملزم (جانورازم). جونز جي سمهڻ کان پوءِ هفتي جون ڪيتريون راتيون، هو ياندي ۾ اچي گڏجاڻيون ڪندا

هئا، جن ۾ هو جانورازم جا اصول پين کي سيکارڻ لڳا. شروع ۾ تہ ڪين پين جي بي ڏياني، بيوقوفائي ۽ لا پرواهي کي منهن ڏيڻو پيو. ڪن جانورن اهو ٿي چيو تہ اهو انهنجو فرض آهي تہ هو پنهنجي آقا جونز سان وفا ڪندا رهن. يا ڪن ائين ٿي چيو تہ آقا جونز ئي آهي، جيڪو کين کارائي پياري ٿو، سو جي مري پيو تہ هو رلي ويندا ۽ بکن ۾ پاهہ ٿيندا. پين وري اهي سوال پڇيا تہ ” آخر اسان جي مرڻ پڇاڙان ٿيندڙ ڪنهن واقعي متعلق هينئر اسان ڇو ويهي هلاڪ ٿيون؟“ يا ”جيڪڏهن بغاوت ڪنهن بہ نموني ٿيڻي آهي، تہ پوءِ ڪهڙو تو فرق پوي، جيڪر ان لاءِ ڪم ڪجي يا نہ ڪجي.“ سوئرن لاءِ پين جانورن کي اهو سمجهائڻ تہ اهي ڳالهيون، جيڪي هو ڪن پيا، جانورازم جي خلاف آهن، ڏاڍو ڪٺن ڪم هو. سڀ کان ڇسا سوال اڇي گهوڙيءَ مولي ڪيا. پهريون پهريون سوال جيڪو هن سنوبال کان ڪيو، اهو هو تہ ”بغاوت برپا ڪرڻ بعد ڇا کين مصري پئي ملندي.“ ”نہ“ سنوبال پختگيءَ سان وراڻيو، ”اسان وٽ هن فارم تي مصري ٺاهڻ جو ڪو وسيلو ڪونهي. وڌيڪ تہ اوهان کي مصري جي ڪاڻ ڪانہ رهندي ڇو تہ اوهان کي سڪل گاهہ جام ملندو.“

”يلا ڇا مون کي پنهنجي ڳچيءَ جي وارن ۾ ربن هڻڻ جي اجازت هوندي؟“ مولي پڇيو.

”ڪامريڊ!“ سنوبال چيو، ”اهي ربنون، جن لاءِ تون مريو ٿو وڃين، غلاميءَ جون نشانيون آهن. ڇا تون نٿي سمجهين تہ آزادي ۽ آجپو انهن ربنن کان وڌيڪ آهي؟“

مولي تہ انهن سان تہ ڪٿي هاڪار ڪئي، پر هوءَ انهن سان سهمت نٿي نظر آئي.

پاليل جهنگلي ڪانءَ موزز پاران جيڪي افواهہ ۽ ڪوڙيون خبرون پکيڙيون ٿي ويون، تن کي رد ڪرڻ ۾ هنن سوئرن کي وڌيڪ جاکوڙ ٿي ڪرڻي پئي. موزز مسٽر جونز جو خاص پاليل پکي هو ۽ هو ان جو جاسوس ۽ چغل خور هو. هيءُ ڳالهين جو ڳهير هو. هو دعوي ڪندو هو تہ هن کي

هڪ پراسرار ملڪ ”شگرڪينبدي مائونٽين“ جي ڄاڻ آهي، جنهن ڏانهن، سڀ جانور مرڻ بعد نيا ويندا آهن. انهيءَ ملڪ ۾ هفتي جا ست ڏينهن آچر ئي هوندو آهي ۽ هر موسم ۾ اتي برسيم گاهه ملندو آهي ۽ اتي لوڙهن تي نازبو ۽ ڳڙ اسرندو آهي. جانور موزز کان نفرت ڪندا هئا، ڇو ته هو ڪم جو ٽوٽي هو، پر قصا گهڙڻ ۽ ٻڌڻ جو ماهر هو. البت ڪجهه جانور شگرڪينبدي مائونٽين واري قصي تي اعتبار ڪندا هئا. انهيءَ ڪري سوئرن کي وڏي دليل بازي ڪري ثابت ڪرڻو پوندو هو ته اهڙي ڪنهن ملڪ يا جاءِ جو ڪو وجود ڪونهي.

هنن جا انتهائي اعتبار ڪندڙ پيروڪار هئا: گاڏي گهليندڙ ٻه گهوڙا باڪسر ۽ ڪلوور. اهي پنهنجي سر ڪا ڳالهه سوچڻ ۽ ان تي ويچار ڪرڻ ۾ وهلور پيا ويندا هئا، پر هڪ ڀيرو سوئرن کي استاد مڃي، ۽ انهن پاران ٻڌايل ۽ سيکاريل هر ڳالهه کي، پنهنجي ذهن ۾ سمائي، ٻين جانورن ڏانهن دليلن سان منتقل ٿي ڪيو. پاندي ۾ ٿيندڙ خفيه ڪڏجاڻين ۾ هو پابنديءَ سان شريڪ ٿيندا هئا ۽ انهن ۾ گيت ڳائڻ ۾ اڳواٽي ڪندا هئا، جيڪو ڇڃاٽي مهل ڳايو ويندو هو.

هيڏانهن بغاوت توقع کان اڳ ۽ ڪافي آسانيءَ سان برپا ٿي. پوين سالن ۾ مسٽر جونز جيڪو ڪٽي سخت گير آقا هو، پر لائق زميندار پڻ هو. مگر ويجهي ڇڪ ۾ ڪنهن ڪيس ۾ رقم ٻڏائي وجهڻ کان پوءِ اچاٽ ٿي پيو هو ۽ شراب نوشي ڏانهن وڌيڪ وڌي ويو هو. ۽ اها مي نوشي هن جي صحت لاءِ انتهائي خراب هئي. هو سڄا سڄا ڏينهن بورچيخاني ۾ وندسر Windsor ڪرسيءَ تي آهليو پيو هوندو، ۽ اخبارون پيو پڙهندو يا مڌ پيئندو هو. ڪڏهن ڪڏهن مانيءَ جا ٽڪرا بيئر ۾ ٻوڙي موزز کي اڇلائي ڏيندو هو. هن جا ڪمي ڪم چور ۽ بي ايمان هئا. ٻنين ۾ گند گاهه وڌي ويو هو، جاين جو ڇتيون مرمت جون گهرجائون هيون. وٿاڻ به ابتر حالتن ۾ هئا. جانورن کي تمام گهٽ ٿي کارايو ويو.

جون جو مهينو آيو ته گاهه به ڪٽجڻ لاءِ تيار هو. وچ اونهاري جي هڪ ڇنڇر تي مسٽر جونز ولنگڊن ويو هو، اتي ريڊ لائين نالي واري گٽي ۾ ايترو ته پيتو هئائين، جو آچر جي منجهند تائين هو واپس نه وريو. سندس نوڪر چاڪر جانورن کي کاڌو کارائڻ کان سواءِ ئي، صبح جو سويل ڳئون ڏهي، سها پڪڙڻ لاءِ ٻيلي ۾ نڪري ويا. جڏهن جونز آيو ته سڌو وڃي ڊرائنگ روم جي صوفا تي ليٽيو ۽ ”نيوز آف ورلڊ“ کي پڙهڻ ۾ لڳي ويو. انئين شام تائين جانور بکيا رهيا. نيٺ به اهو سڀ ڪجهه هنن جي سهپ کان ٻاهر هو. هڪڙي ڍڳيءَ گاهه واري ڀانڊي جي در کي پنهنجي سڱن سان ڀڳو. ان بعد هر هڪ جانور اندر آيو ۽ گندين ۾ پيل کاڌو کائڻ لڳو. انهيءَ وقت مسٽر جونز ننڊ مان جاڳيو. ٻي گهڙي هو ۽ سندس ڪمي ڀانڊي ۾ چهبڪن ۽ لٺين سان وارد ٿيا، ۽ هر هڪ جانور کي ڪٽڻ لڳا. بکايل جانورن لاءِ اهو عمل سهپ جوڳو نه رهيو، سو يڪراءِ ٿي، جيتوڻيڪ ان لاءِ ڪا اڳواٽ رٿابندي به نه ٿيل هئي، هو پنهنجي آزاريندڙن ڏانهن ڪاهي آيا. اوچتو مسٽر جونز ۽ سندس نوڪرن ڏٺو ته هو جانورن جي ٽونن ۽ لتن جو نشانو بنجي رهيا هئا ۽ صورتحال سندن ظابطي ۾ نه رهي هئي. هنن ته ڪڏهن به جانورن جو اهڙو ورتاءُ ڏٺو ئي ڪونه هو. هو جنهن جانور کي جهڙي نموني ڪٽڻ چاهيندا هئا، تيئن پيا ڪٽيندا هئا. جانورن جي هن رد عمل کين ڊيڄاري وڌو، سو هنن وٺي پويان پير ڪيا ۽ جانور سرخرو ٿي هنن جي پويان لڳا آيا.

بيگم جونز پنهنجي گهر مان اهو نظارو پئي ڏٺو، سو هن پنهنجي ٿيلهي ۾ ضرورت جون شيون وڌيون ۽ ٻئي در مان ٻاهر اچي فارم مان ٻاهر نڪري ويئي. موزز سندس پويان اڏامندو آيو ۽ روايتي آواز ڪيندو آيو. انهيءَ وچ ۾ جانور مسٽر جونز ۽ ان جي نوڪرن پويان لڳا آيا ۽ کين فارم مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ۽ مکيه وڏو در بندي ڇڏيو. انئين کين خبر پوڻ کان اڳ ئي بغاوت ٿي چڪي. جونز کي هڪالي ڪڍيو ويو ۽ مئنر فارم هاڻي هنن جي ملڪيت هو.

ڪجهه منٽن تائين ته جانورن کي پنهنجي ڀلي ڀاڳ تي يقين نٿي آيو. سندن پهريون عمل اهو ٿيو ته هو گڏجي سڄي فارم جي چئني پاسي

ڊڪندا رهيا، جڏهن اهو يقين ڪرڻ پيا گهرن ته هاڻي فارم ۾ ڪو انسان لڪل ڪونه آهي. ان بعد هو فارم جي عمارتن ڏي وڌي پيا، ته جيئن جونز جي حڪمرانيءَ جون آخري نشانيون به ٽڪاڻي لڳايون وڃن. طنبيلي جي چيڙي تي ٿهيل سنج گهر جو در پٽيو ويو. لغام، واڳون، مهارون، ٽٽون ۽ ٻيو سامان جهڙوڪ اهي چاقون، جيڪي سوئرن ۽ گهيٽن وغيره کي خصي ڪرڻ ۾ ڪم ٿي آيا، تن کي کوهه ۾ اڇلايو ويو. واڳون، مهارون، توبرون، انداريون، چهبڪ وغيره باهه جي حوالي ڪيا ويا. انهن شين کي ڀسم ٿيندي ڏسي، جانور ٽينگ ٽپا ڏيڻ لڳا. سنوبال ته انهن ربنن کي به باهه حوالي ڪيو، جيڪي وڪري واري ڏينهن جانورن جي ڳچي وارن وارن ۽ پڇ ۾ ٻڌيون ٿي ويون.

”ربنن کي“ هن چيو، ”ڪپڙا ڪري سمجهيو وڃي، جيڪي انسانن جون نشانيون آهن، سو سڀ جانور ننگا رهن.“

جڏهن باڪسر اهو ٻڌو ته هو هڪ ڪکائين ٽوپي کڻي آيو. جيڪا هو ڪنن کي مکين کان بچائڻ لاءِ گرمين ۾ پهريندو هو. هن اها به باهه ۾ اڇلائي وڌي.

ٿوري وقت ۾ جانورن هر اها شيءِ تباهه ڪري ڇڏي، جنهن مسٽر جونز جي ياد ٿي ڏياري. نيپولن وري هنن کي اسٽور ڏي وٺي ويو ۽ کين ٻيڻو راشن ڏنائين ۽ ڪتن کي ٻه ٻسڪوٽ ڏنائين. ان بعد هنن انگلنڊ جي جانورن وارو گيت لڳا تار ست گهمرا ڳاتو. آخر ڪار هو سمهي پيا ۽ اهڙي گهري ننڊ، کين هن کان اڳ ڪڏهن به نصيب نه ٿي هئي.

رواج موجب هو ڀنيرڪي ويل سجاڳ ٿيا، ڪالهوڪي عظيم وارتا کي ياد ڪندي، اوچتو، هو ڊوڙندا چرا گاهه پهتا. چراهه گاهه کان ڪجهه پوئتي هڪ ٽڪري هئي، جتان مڪمل فارم نظر جي گهيري ۾ ٿي آيو. هي ان ٽڪريءَ ڏي ڀڳا ۽ مٿي پهچي چوڦير تڪڻ لڳا. هاڻي اهو سڀ سندن ملڪيت هو - هر شيءِ، جيڪا کين نظر ٿي آئي، سندن ٻنجي چڪي هئي. انهيءَ احساس جي جولان ۾ هنن ٽينگ ٽپا پائڻ شروع ڪيا ۽ هوا ۾

بازوليون پائڻ لڳا. هن ماڪ ڀنل پٽ تي ليٽڙيون پاتيون ۽ پوءِ ڊوڙ ڪري گاهه چريو. هنن مٽيءَ جي ڍيرن کي لتون هنيون ۽ انهيءَ جي وٽندڙ خوشبوءَ کي سونگهيو. پوءِ گڏجي سڄو فارم چڪاسيو. هنن ڪيڙيءَ واري توڙي گاهه پوکيل پني، ڍنڍ، باغ ۽ هڙپي وغيره جو معائنو ڪيو. ائين ٿي محسوس ٿيو ته ڄڻ هنن انهي شين کي اڳي نه ڏٺو هو. ڪين اجان به مشڪل سان ويساهه ۾ ٿي آيو ته هيءُ سڀ ڪجهه هاڻي سندن آهي.

ان بعد هو وري فارم جي عمارتن ڏانهن قطارجي آيا ۽ فارم هائوس آڏو خاموش ٿي رڪجي بيٺا. اهو گهر به هاڻي هنن جي ملڪيت هو، پر اهي اندر وڃڻ کان ڊنا پئي. ٿوري ويرم ڪانپوءِ نيپولن ۽ سنوبال پنهنجي سڱن سان در کي کوليو ۽ سڀ جانور هڪ قطار ۾، ائين سنڀالي سنڀالي اندر گهڙيا، ڄڻ ڪين ڪنهن جي آرام ۾ مداخلت جو ڊپ هجي. هو پيرن جي پنجن تي بي آواز هيڏانهن هوڏانهن گهمندا رهيا ۽ چپن ۾ ڳالهائيندا، ڪمرن ۾ موجود بسترن، آرسين، صوفن، غاليچن ۽ بخاريءَ جي جاري تي رکيل راڻي وڪٽوريه جي مجسمي کي ڏسندا رهيا. هو جڏهن هيٺ اچي رهيا هئا ته ڪين احساس ٿيو ته مولي سندن سٿ مان غائب هئي. سو هو پوئتي وري ويا. ڏٺائون ته مولي هڪ بيڊ روم ۾ بيٺل هئي. هن مسز جونز جي نيري رِبن جو ڪو ٽڪرو ڪنيو هو ۽ آرسي آڏو بيهي، رِبن کي ڪلهي تي سجائي، پاڻ کي جانچي رهي هئي. مٿس سڀ ڪاوڙجي پيا. بورچيخاني ۾ سوئرن جون لوٽيل رانون ٽنگيل هيون، تن کي پورڻ لاءِ ڪنيو ويو. ٿانون ڌوئڻ واري ڪمري ۾ پيل بيئر جي پيپ کي باڪسر ڦهي وڌو. ان کان علاوه ٻي ڪنهن به شيءِ کي هٿ نه لاتو ويو. ٿڌي تي يڪمشت راءِ سان اهو فيصلو ڪيو ويو ته هن گهر کي عجائب گهر بنايو ويندو ۽ ان ۾ ڪوبه رهائش اختيار نه ڪندو.

جانورن جڏهن نيرڻ ڪائي پوري ڪئي ته ڪين سنوبال ۽ نيپولن گهرائي ورتو. "ڪامريڊو!" سنوبال چيو، "ساڍا ڇهه ٿيا آهن ۽ اسان جي آڏو پورو ڏينهن پيو آهي. اڄ کان اسين گاهه جي پوکائي ڪنداسين. پر پهرئين هڪ ٻيو مامرو نبيرڻو آهي."

سوئرن ان وقت ظاهر ڪيو ته اهي ٽن مهينن کان مسٽر جونز جي ٻارن جي هڪ پراڻي اسپيلنگ واري ڪتاب، جيڪو ڪچري مٿان پيل هو، مان لکڻ پڙهڻ سکندا رهيا آهن. نيپولن اڇو ۽ ڪارو رنگ گهرايو. ۽ مڙني جانورن کي فارم جي مکيه دوازي وٽ وٺي آيو. سنوبال لکڻ جو پڙ هو. هن پنهنجي اڳين ٽنگ جي ڏوڏيءَ وچ ۾ برش ڦاسائي، مئنر فارم کي ڊاهي اينيمل فارم لکيو. هاڻي هن فارم جو اهو نالو سڏيو ويندو. ان کان پوءِ هو فارم جي عمارتن ڏي آيا. هتي سنوبال ۽ نيپولن، چاڙهي گهرائي ۽ ان کي پاندي جي پٺ سان لڳايو ويو. هنن وضاحت ڪئي ته گذريل ٽن مهينن جي اڀياس بعد، اهي جانورازم جي اصولن کي ستن حڪمن ۾ سمائي سگهيا آهن ۽ اهي ست حڪم هن پٺ تي لکجي رهيا آهن ۽ اڄ کان پوءِ اهي هن فارم جو اَبدل قانون هوندا. ڪجهه تڪليف کان پوءِ (چو ته سوئرن لاءِ پاڻ کي چاڙهي تي متوازن رکڻ ڏکيو هوندو آهي) سنوبال چاڙهيءَ تي چڙهيو. اسڪئيلر رنگ جي باڙدي جهلي. ڪاري رنگ مٿان اڇي رنگ سان وڏن اکرن ۾، جيڪي پريان کان ئي نظر تي آيا، هي حڪم لکيا ويا.

ست حڪمناما:

? جيڪو ٻن ٽنگن تي هلندڙ آهي، سو اسان جو ويري آهي.

جيڪو چئن ٽنگن تي هلندڙ آهي، يا ٻه ٽنگون ۽ پر آهنس، سو اسان جو ساٿي آهي.

? ڪوبه جانور ڪپڙا نه پهريندو.

ڪوبه جانور بستري ۾ نه سمهندو.

ڪوبه جانور شراب نه واپرائيندو.

□ ڪوبه جانور ٻئي جانور کي قتل نه ڪندو.

{ سڀ جانور برابر آهن.

لکت صاف ستري هئي، البت سنگي ساٿي جي هِجي غلط لکيل هئي.
سنوبال وڏي آواز ۾ اهي حڪم پڙهي ٻڌايا. سيني انهن سان سهمت هجڻ جو اشارو ڏنو. ذهين جانورن ته اتي جو اتي هنن کي ياد ڪرڻ شروع ڪيو.

”هاڻي ڪامريڊبو!“ سنوبال رنگ اڇلائيندي چيو، ”هاڻي گاهه جي ٻنيءَ ڏي هلو. ۽ اچو ته وچن واريون ته اسان جونز ۽ ان جي ڪمين کان ٻه وڌيڪ تيزيءَ سان گاهه جي پوکائي ڪنداسين.“

انهيءَ مرحلي تي ٽن ڳئن رنڀڻ شروع ڪيو، جن کي چوويهن ڪلاڪن کان وٺي ڏڌو نه ويو هو، تنهن ڪري اهي تڪليف ۾ هيون ۽ سمجهيائون تي ته چاڻ سندن ٿڻ ڦاٽا. توري ويچار کان پوءِ سوئرن ٻاڙديون گهرايون ۽ پنهنجي کرن سان کين ڏڻ شروع ڪيو. جهٽ کان پوءِ پنج ٻاڙديون ڦيڻ واري کير سان ڏٿيل هيون، جن کي سڀ جانور شوق سان ڏسي رهيا هئا.

”هن کير جو ڇا ٿيندو؟“ ڪنهن پڇا ڪئي.

”جونز ڪڏهن ڪڏهن اسان جي کاڌي ۾ کير ملائيندو هو.“ ڪڪڙين چيو.

”ڪامريڊبو! کير جو ڪو الڪو نه ڪريو.“ نيپولن ٻاڙدين آڏو ٿي چيو، ”هن کي پوءِ ٿا ڏسون، پهرئين روني کي اڪلايون. ڪامريڊ سنوبال اوهانجي مهنداري ڪندو. ۽ آئون چند منٽن ۾ اچان ٿو. ٻني اسان جو انتظار پئي ڪري.“

ائين جانور گاهه جي ٻنيءَ ڏي وڌي ويا. اهي جڏهن شام جو واپس وٺاڻ تي وريا ته هنن کي خبر پئي ته کير ڪيڏانهن گم ٿي ويو آهي.

# باب ٽيون

گاهه جي پوکائي لاءِ هنن وڏي جفا ڪشي ڪئي. بهرحال هنن کي انهيءَ جو ڦل اهو مليو جو فصل سندن اميدن کان وڌيڪ حاصل ٿيو.

ڪڏهن ڪڏهن ڪم ڪار ڏکيو بڻجي ويندو هو، ڇو ته اوزار انساني استعمال جي حساب سان ٺهيل هئا، نڪي جانورن جي استعمال واسطي جڙيل هئا. پر وڏي خامي اها هئي ته جانور اهي اوزار استعمال تي ڪري سگهيا، جن کي ڪم آڻڻ ضروري هو ته جانور رڳو پوين ٽنگن تي بيهي ڪم ڪن. پر سوئر ڪافي ڪڙپيل هئا، سو هنن انهي تڪليف ۽ مشڪل جو حل ڳولي ڪڍيو. گهوڙن کي ٻنيءَ جي ذري پرزي جي پروڙ هئي ۽ کين ته جونز ۽ سندس ڪمين کان به وڌيڪ گاهه ڳولهڻ ڦولڻ ۽ لڻڻ جي خبر هئي. حقيقت ۾ سوئرن ڪم ڪار ۾ هٿ تي وندايو. بلڪ هنن ڪم ڪار لاءِ هدايتون ٿي ڏنيون ۽ ان جي نگراني ٿي ڪئي. اهو بلڪل فطري هو ته، هُو پنهنجي اعليٰ ڄاڻپ جي نتيجي ۾ اڳواڻپ جو ڪردار ادا ڪن. باڪسر ۽ ڪلوور پنهنجو پاڻ کي پاڻ ئي سنجيو ٿي، پوءِ سوئرن جي نگراني ۾ زمين جي چوڦير ثابت قدميءَ سان چڪر ٿي هنيا. سندن پويان هلندڙ سوئر کين موقعي ۽ مهل سارو تيز ڊوڙڻ يا آهستي رفتار وٺڻ جا آواز ڏنا ٿي. ننڍي کان ننڍي جانور به گاهه پٽي لٽيو ۽ ان کي سٿيون پٽي ڪيو. ايتري تائين جو بدڪون ۽ ڪڪڙيون به سڄو ڏينهن ڪاڙهي ۾ گاهه جي ڇڳن کي چهنبن ۾ پڪڙي ڪٽي رهيون هيون. انهيءَ هڻ وٺ جي نتيجي جونز ۽ سندس ڪمين جي پيٽ ۾ هنن جانور ٻه ڏينهن اڳ لاٻارو پورو ڪيو. وڏي ڳالهه ته اها ٿي ته هن پيري فصل به گهڻو ٿيو هو ۽ زيان به گهٽ ٿيو هو. بدڪن ۽ ڪڪڙين پنهنجي تيز اکين سان ڪوبه ڳانو يا ڏانڊي رهڻ نه ٿي ڏني، ۽ ان کي ڪٽي جائيتو ٿي ڪيو. هڪ ٻن گرهن کان وڌيڪ ڪنهن به جانور چوري به نه ڪئي.

سڄو اونهارو فارم جو ڪم بنا روڪ ٽوڪ لڳا تار هلندو رهيو. جانور بيحد سرها هئا. هنن ائين تي وچڻ جو تصور به نه ڪيو هو. ڪاڌي جو هر گراهه سندن لاءِ مسرت پريو هو. اهو هاڻي هنن جو پنهنجو هو، پنهنجي هٿن سان پيدا ڪيل هو، ۽ نه ڪرڪندڙ مالڪ کان مليل خيرات هئي. ٽڪريل ۽ مفت خور انسانن جي وڃڻ کان پوءِ سندن واسطي کائڻ پيئڻ جو سامان ڪافي هو. فرحت وٺڻ لاءِ به ڪافي ڪجهه هو، پر هي ان حوالي سان اڻڄاڻ هئا. بهرحال هنن کي ڪافي دشوارين به در پيش آيون. مثال طور سال جي پوئين حصي ۾ جڏهن انهن ان جو لابارو ڪيو ۽ ان کي ڳهڻ لاءِ ٿريشر نه هئڻ ڪري، قديم طريقو اختياريو ۽ ٻهه کي عليحده ڪرڻ لاءِ ڦوڪون ڏيٺون پيون. پر سوئرن پنهنجي چترائپ ۽ باڪسر پنهنجي سگهائپ سان کين ڪامياب ڪيو. باڪسر جي هر هڪ ساراهه تي ڪئي. هيءُ جونز جي وقت ۾ به محنتي هو، پر هاڻي ته هو ٽن گهوڙن جيترو ڪم ڪري رهيو هو. ڪڏهن اهڙو وقت به ايندو هو جو فارم جو سڄو ڪم هن جي ڪلهن تي اچي ويندو هو. هو پنيرڪي کان وٺي آڌي رات تائين ڇڪ ڇڪان ۾ مشغول هوندو هو. مطلب ته جتي به سخت پورهيو ڪرڻو هوندو، اتي ته هيءُ موجود هوندو هو. هن ڪنهن ڪڪڙ کي چئي ڇڏيو هو ته ڪيس صبح جو سوير ٻين کان اڌ ڪلاڪ اڳ اٿاري ته جيئن هو ٻهريائين رضاڪارانه ڪم ڪري ۽ پوءِ روزمره جو رواجي ڪم ڪري. هر مسئلي يا ناڪامي وقت هو جوابيندو هو ته ”آئون اجان به وڌيڪ پورهيو ڪندس.“ اهو جواب اڳتي هلي سندس ذاتي متو ۽ نعرو بنجي ويو.

بهرحال ٻيا جانور به پنهنجي صلاحيتن آهر ڪم ڪار ڪندا هئا. مثال طور بدڪن ۽ ڪڪڙين لاباري هلندي، هِتي هُتي پيل اناج جي ڪڻن کي ڪٺو ڪري پنج مڻ ان بچايو هو. ڪوبه راشن جي چوريءَ ۾ ملوث ڪين هو. ۽ نه ڪنهن راشن جي گهٽ وڌائي جي شڪايت تي آوازي. پراڻي وقت وارو حسد، جهيڙو جهٽو، ڇڪ ڇڪان ذري گهٽ ڪانئڻ وسري ويا هئا. تقريبن ڪنهن به پورهئي ڪرڻ کان نه تي ڪيپايو. اهو سچ هو ته مولي صبح جو اٿڻ ۾ دير ڪندي هئي ۽ ڪرن ۾ پٿر ڦاسڻ جي بهاني جلدي ڪم ڇڏيندي هئي ۽ ٻليءَ جي روش به نرالي هئي. اهو محسوس ڪيو تي

ويو ته جڏهن ڪم جي مهل هوندي هئي ته ٻلي ليندي ڪانه هئي، ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ گم رهندي هئي، پر ڪاڌي جي وقت اچي پڌري ٿيندي هئي. يا شام ويل ڪم ختم ٿيڻ پڇاڻان اتي موجود هوندي هئي ۽ تاثر اهڙو پئي ڏيندي هئي ته چڻ ڪجهه نه ٿيو هجي. هن جا عذر انوکا ۽ ڏاڍا دلچسپ هوندا هئا ۽ اهڙي ته پياري نوع ۾ ميائون ميائون ڪندي هئي، جو هر هڪ ان تي اعتبار ڪري وجهندو هو. پوڙهو گڏهه بينجمن به ساڳيو ئي رهيو. هو نڪو گهٽ، نڪي وڌ پر پورو پنو پورهيو ڪندو هو. بغاوت يا ان جي نتيجي متعلق هو پنهنجي راءِ نه ڏيندو هو. جڏهن ڪو ڪانئس پڇي وٺندو هو ته ڇا هو جونز واري وقت جي ڀيٽ ۾ هينئر وڌيڪ خوش نه آهي، ته هو ورائيندو هو ته گڏهه تمام گهڻو وقت جيئندا آهن. اوهان مان ڪنهن مرده گڏهه ڏٺو آهي. ٻڌندڙن کي انهيءَ عجيب و غريب جواب تي مطئمن ٿيڻو ئي پوندو هو.

آچر جي ڏينهن ڪم ڪار کان موڪل هوندي هئي. ان ڏهاڙي نيرڻ عام ڏينهن جي ڀيٽ ۾ هڪ ڪلاڪ دير سان ڏني ويندي هئي. ان کان پوءِ بنا ناغي جي هڪڙو ڪاڄ برپا ٿيندو هو. پهريائين هڪ جهنڊو چاڙهيو ويندو هو. سنوبال سنج خاني اندر پيل مسز جونز جي پراڻي سائي رنگ وارو ميز پوش ڳولي لڌو هو ۽ ان تي اڇي رنگ سان کر ۽ سنگ جا نشان چٽيا هئاسين. هاڻي اهو جهنڊو هر آچر جو صبح سمي باغ سان لڳ ٿهيل فارم هائوس مٿان لٺ ۾ ٻڌي چاڙهيو ويندو هو. سنوبال جهنڊي جي رنگ ۽ نشانين جي وضاحت اها ٿي ڪئي ته سائو رنگ انگلنڊ جي ٻنين جي علامت طور آهي، ۽ کر ۽ سنگ مستقبل جي جانورن جي جهموري راڄ جي علامت آهن. اهو راڄ تڏهن ئي قائم ٿيندو، جڏهن هن ڌرتي تان انسان جو نالو نشان متجي ويندو. جهنڊي جهولائڻ کان پوءِ جانور وڏي گودام ۾ اچي ڳاهٽ ٿيندا هئا. جتي عام اجلاس منعقد ڪيو ويندو هو. هن اجلاس ۾ ورنڊڙ هفتي لاءِ ڪمن جي رٿا بندي ٿيندي هئي ۽ قرارداد پيش ڪيا ويندا هئا. انهن قراردادن کي وڏي بحث مباحثي کان پوءِ قبول ڪيو ويندو هو. سوئر ئي اهي قراردادون پيش ڪندا هئا. ٻيا جانور رڳو ووٽ ڏيڻ وارو عمل سمجهي سگهندا، باقي قراردادن تي ويچاريندا نه هئا. سنوبال ۽ نيپولن انهي بحثن مباحثن

۾ اڳيان اڳيان هوندا هئا. اهو محسوس ڪيو ويو ته هو پاڻ ڪنهن هڪ ڳالهه تي سهمت ٿنا ٿين. هڪ جي پاران ڏنل راءِ جي لازمن ٻيو مخالفت ڪندو هو. ايتري تائين جو جڏهن اهو فيصلو ٿيو ته باغ جي پويان واري ٻني ۾ ڪو ٽڪرو مخصوص ڪيو وڃي، جتي جهور بنيل جانور آخري ڏهاڙا گذارين، تڏهن رٽائر ٿيڻ جي عمر جي حد تي وڏو طوفاني بحث ٿيو هو. قصو ڪوتاهه، انهيءَ اجلاس جي پڇاڙي انگلنڊ جي جانورن واري گيت ڳائڻ سان ڪئي ويندي هئي. ٽيهري تفريح لاءِ مخصوص ڪئي ويئي هئي.

سوئرن سنج خاني کي پنهنجي هيڊ ڪوارٽر طور استعمالڻ شروع ڪيو. هي هتي شام جو، لوهارڪي، واڍڪي ۽ ٻين اهڙن هنرن سيکارڻ وارن ڪتابن کي پڙهي ٻڌائيندا هئا. اهي ڪتاب فارم هائوس مان هٿ ڪيا ويا هئا. سنوبال هميشه پاڻ کي جانور ڪاميٽيون ٺاهي، جانورن کي منظم ڪرڻ ۾ مشغول رکندو هو. هيءُ ان معاملي ۾ اورچ هو. هن ڪڪڙين لاءِ بيضا پيدائش ڪاميٽي، ڳئن لاءِ صاف پڇن واري ليگ، ڪوئن ۽ سهن کي گهريچو ڪرڻ لاءِ جهنگلي ڪامريڊن جي ٻيهر تعليم واري ڪميٽي، رڍن لاءِ اڇي پشم واري تحريڪ ۽ ٻيون اهڙيون ڪافي ڪاميٽيون جوڙي ورتيون. ان کان علاوه شام جي وقت جانورن کي لکڻ پڙهڻ سيکارڻ لاءِ ڪلاس شروع ڪيا ويا. ٿلهي ليکي اهي مڙيئي منصوبا ناڪام بنيا. جهنگلي جانورن کي گهريچو بنائڻ واري ڪوشش ته اٿندي ئي ناڪام ٿي. چو ته انهن پنهنجي پراڻي روش برقرار رکي، التو انهن ساڻن ٿيندڙ نرمائي جو غلط فائدو ورتو. ٻلي کي نئين سر تعليم ڏئي سڌارڻ واري پروگرام ۾ شامل ڪيو ويو، جنهن ۾ هن ٻه ٽي ڏينهن سرگرميءَ سان حصو ورتو. هڪ ڏهاڙي ڏٺو ويو ته هو ڇت تي ويهي، پنهنجي پهچ کان ٻاهر ويٺل جهرڪين سان ڳالهائي رهي ۽ کين چئي رهي هئي ته هاڻي سڀ جانور پاڻ ۾ ڪامريڊ ۽ برابر آهن. انهيءَ ڪري ڪا به جهرڪي بنا ڪنهن دٻ ڊاءَ جي، اچي منهنجي چنبي تي آرام ڪري سگهي ٿي. پر جهرڪين دوريءَ کي قائم رکيو.

البت لک پڙهه سکيا جا ڪلاس ڪافي نموني فائديمند رهيا. سرءُ جي مند تائين تقريبا مڙئي جانور ڪنهن نه ڪنهن حد تائين خوانده بنجي ويا.

سوئرن تہ اڳ ۾ ئي لکڻ پڙهڻ سکي ورتو هو. ڪتن بہ پڙهڻ چڱي پر سکي ورتو، پر هو ستن حڪمانن کان وڌيڪ ٻي شيءِ کي پڙهڻ ۾ دلچسپي نہ رکندا هئا. ٻڪري مُريل ڪتن کان وڌيڪ سٺو پڙهي سگهندي هئي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن شام جو ڪچري جي ڍڳ مٿان پيل اخباري ٽڪرن کي ڪٽي، اهو ٻين کي پڙهي ٻڌائيندي هئي. بينجمن بہ سوئرن جيترو پڙهي ٿي سگهيو، پر انهيءَ اهليت ۽ قابليت کي استعمال نہ ڪيو. هن جو چوڻ هوندو تہ جيتري قدر مونکي پروڙ هئي، پڙهڻ لائق ڪجهہ بہ ڪينهي. ڪلوور سڀ اکر سکي ورتا، پر هو لفظ جوڙڻ ۾ ناڪام ٿي ويئي. باڪسر اکر ڊي (D) کان اڳتي نہ وڌي سگهيو. هو ڪر سان مٽيءَ ۾ ABCD ڏاهي لکندو هو. ۽ پنهنجا ڏگها ڪن پوئتي ڪري پيو انهن کي تڪيندو هو. ڪڏهن هو وارن جي اڳين چڳ کي ڌونڌاڙي، انهيءَ کان پوءِ وارن اکرن کي ياد ڪرڻ جي ڪوشش پيو ڪندو هو. پر ڪامياب نہ ٿيو. ڪن موقعن تي لاشڪ هو EFGH جا اکر سکيو، پر وري پهريان اکر ڪانئس وسري ويا. نيٺ هن فيصلو ڪيو تہ ڪيس شروعاتي اکرن تي ئي اڪتفا ڪرڻ گهرجي. پوءِ روزانو هو هڪ ٻہ ڀيرا اهي اکر لکي، ڪين پيو دهرائيندو هو. موليءَ صرف اهي اکر سکيا، جيڪي سندس نالي ۾ شامل ٿيل هئا. هوءَ انهن اکرن کي ڪاٺيءَ جو ٽڪرن سان ڀئي ٺاهيندي هئي. پوءِ انهن ۾ هڪ ٻہ گل سجائي، تحسين آفرين نگاهن سان انهن جي چوءِ ڦير ڀئي ڦيرا پائيندي هئي.

فارم جا ٻيا جانور اکر E کان اڳتي نہ وڌيا. ۽ اهو پڻ محسوس ڪيو ويو تہ سادڙي ذهنن وارا جانور جهڙوڪ رڍون، ڪڪڙيون، بدڪون تہ ستن حڪمنامن کي بہ ياد ڪرڻ کان قاصر هيون. گهڻي ڳڻ ڳوت ۽ سوچ ويچار کان پوءِ سنوبال پڌرايو تہ ستن حڪمن کي هڪ ئي مٽي ۾ سمايو وڃي: ”چار ٽنگون چڱيون، ٻہ ٽنگون بريون.“ هن جي خيال ۾ انهيءَ ۾ جانورازم جا ضروري اصول شامل آهن. سو جنهن بہ انهيءَ مٽي کي گهرائي سان پروڙيو، سو انساني اثراتن کان محفوظ رهندو. پکين پهريائين انهيءَ تي اعتراض واريو، چو تہ انهن جي خيال ۾، کين ٻہ ٽنگون هُيون، پر سنوبال اهو ثابت ڪري ڏيکاريو تہ ائين ڪونہ آهي.

”ڪامريڊبو! پکين جا پر“ هن چيو، ”ڏڪڻ ۽ ٿيلهڻ لاءِ آهن، نڪي اجائي حرفت باري لاءِ. تنهن ڪري انهن کي به ٽنگون ڪري سمجهيو ويندو. ماڻهن جو امتيازي نشان هٿ آهن، جن جي وسيلي ئي هُو سڄو خلم مچائي ٿو.“

پکين کي سنوبال جا ڊگها لفظ ته پلئه نه پيا، پر انهن هن جي وضاحت کي قبولي ورتو. سيني نماڻن جانورن انهيءَ متي کي ذهن نشين ڪرڻ شروع ڪيو. ”چار ٽنگون چڱيون، ٻه بريون“ کي وڏن اکرن ۾ ستن حڪمن مٿان لکيو ويو. جڏهن اهو رڍن کي ياد ٿي ويو ته اهو مقبولسندن پسنديده نعرو بنجي ويو. هُو ٻنين ۾ ويٺي ويٺي پيون اهو نعرو ٻاڪاريندي هُيون: ”چار ٽنگون چڱيون؛ ٻه ٽنگون بريون.“ اها ٻاڪار ڪلاڪن جا ڪلاڪ پئي هلندي هُئي ۽ ڪڏهن به ٿڪبيون نه هُيون.

نيپولن سنوبال جي ڪميٽين ۾ دلچسپي نه وٺندو هو. هن جي خيال ۾ نئين نسل جي تعليم وڌيڪ اهم هُئي، بنسبت تعليم بالغان جي. لاباري ڪانپوءِ جيسي ۽ بلوبيل ڪتيون وياميون. انهن نَوَ ٿلها متارا پونگڙا ڄڻيا. جيئن هنن جي ٿڃ ڇڏائي ويئي، تيئن نيپولن اُهي مائرن کان اهو چئي پاڻ وٽ آندا ته هو انهن جي سکيا ڪندو. هُو انهن کي گودام جي ماڙي تي وٺي ويو، جنهن تي پهچڻ لاءِ سنج خاني وٽان چاڙهي هُئي. هن انهن کي اهڙي ته نموني علحده ڪري رکيو. جو ڪجهه وقت کان پوءِ، اُهي ڪنهن کي به ياد نه رهيا.

کير گم ٿيڻ جو ڀيد به جلد ئي پڌرو ٿيو. اهو سوئرن جي خوراڪ ۾ ملايو ٿي ويو. صوف پڇي راس ٿيا ۽ باغ جا پٽ انهن جي ٽپڪي سان پريا پيا هُئا. جانورن اهو پئي خيال ڪيو ته اُهي برابر سيني ۾ ورهايا ويندا. پر هڪ ڏينهن اهو حڪم وارد ٿيو ته انهيءَ ٽپڪي کي گڏ ڪري، سنج خاني آندو وڃي ته جيئن سوئر صاحبان انهن کي استعمالي سگهن. ڪجهه جانورن انهيءَ فيصلي تي ارهائي جو هلڪو اظهار ڪيو، پر ڪوبه اثر نه ٿيو. انهيءَ فيصلي تي سڀ جا سڀ سوئر ويندي نيپولن ۽ سنوبال به يڪراءِ هُئا. اسڪئيلر کي عام جانورن ڏي اماڻيو ويو ته هو وڃي ڪين وضاحتون ڪري مطمئن بنائي.

”ڪامريڊبو!“ هن رڙ ڪندي چيو،”اوهان اهو چوڻا سوچيو ته اسان اهو ڪم خود غرضي وچان ڪري رهيا آهيون. اسان مان گهڻا سوئر ته کير ۽ صوفن کي پسند ئي ڪونه ڪندا آهن. آئون پنهنجي سر انهن کي پسند به نه ڪندو آهيان. پر اسان لاءِ انهن شين جو استعمال ڪرڻ ضروري آهي، جيئن ته اسان جي صحت قائم رهي. سائنس ثابت ڪيو آهي ته صوفن ۽ کيرن ۾ اهڙا جزا آهن، جيڪي سوئرن جي چڱيلائي لاءِ ضروري آهن. اسان سوئر سخت ذهني پورهيو ڪندا آهيون. سڄي فارم جي سنڀال سڙي اسان جي ٻلي آهي. اسان ڏينهن رات اوهان جي فلاح لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهيون. اهو اوهان جي ئي ڀلي لاءِ آهي ته اسان اهي ئي شيون واپرايون. اوهان کي ته پتو آهي ته جيڪر اسان پنهنجي فرضن جي ادائگي ۾ ناڪام ٿياسين ته ان جا ڪهڙا اگرا نتيجا نڪرندا! جونز واپس اچي ويندو. هائو! ڪامريڊبو! هائو! جونز واپس ورندو.“ اسڪئيلر پنهنجي پڇ کي ڦيرائيندي ۽ ٽپا ڏيندي ذري گهٽ ليلائيندي چيو، ” يقيني طور اوهان مان ڪوبه نه چاهيندو ته جونز وري واپس اچي.“

سڀ جا سڀ جانور جنهن نڪتي تي متفق هُئا، سو هو ته جونز کي واپس نه اچڻ گهرجي .جڏهن اهو جواز ان نڪتي جي روشنيءَ ۾ پيش ڪيو ويو ته وٽن ڪچڻ لاءِ وڌيڪ ڪجهه به نه رهيو .سوئرن کي سٺي حالت ۾ رکڻ جي اهميت واضح هئي .انهيءَ ڪري اهو طيءِ ڪيو ويو ته کير ۽ صوف ڀلي سوئرن جي واهپي ۽ ڪاپي لاءِ مخصوص ڪيا وڃن.

# باب چوٿون

اونهاري جي پوياڙيءَ تائين، ملڪ جي اڌ حصي ۾ انيمل فارم واري وارتا جي خبر ڦهلجي چڪي هُئي.

هر روز سنوبال ۽ نيپولن ڪبوترن کي اهي هدايتون ڏئي روانو ڪندا هُئا تہ اُهي پر پاسي جي فارمن جي جانورن ۾ ملي جلي وڃن، ڪين بغاوت جو احوال ٻڌائين ۽ گيت سيکارين .

انهيءَ سڄي عرصي ۾ مسٽر جونز پنهنجو وقت ولنگڊن جي ريڊ لائن محل جي شراب خاني ۾ ويهي گذاريندو هو. جيڪو ڪيس ٻڌڻ چاهيندو هو، تنهن کي شڪايت ڪندي ٻڌائيندو هو تہ هن کي چند ڪِينَ جهڙن جانورن زوريان پنهنجي ذاتي ملڪيت تان بي دخل ڪري ڇڏيو آهي ۽ ساڻس انياءُ ٿيو آهي. ٻيا زميندار ۽ جاگيردار اصوليءَ طرح هن سان همدردي رکندڙ هُئا، پر پهرئين پهرئين هو هن جي ڪا سهائتا نہ ڪري سگهيا. دل ئي دل ۾ هو ويچاريندا هُئا تہ هُو جونز جي بدقسمتي مان فائدو ماڻي سگهندا ڪي نہ. قسمت ڀلي هُئي جو پر پاسي جا ٻہ فارم پاڻ ۾ نہ ٺهندا هُئا. انهن مان هڪ جو نالو فاڪسوڊ هو. اهو تمام وڏو، پر نظر انداز ٿيل فارم هو. هن ۾ قائم هڙيون ۽ جهنگ ٻہ اجايا وڌيل هئا ۽ ان جا چراهہ گاهہ ٻہ جهونا ۽ ختم ٿي ويا هئا. ٻئي پاسي هن کي ڏنل لوڙها ٻہ ابتر حالت ۾ هُئا. هن جو مالڪ مسٽر پلڪنگٽن آرام طلب شخص هو، جيڪو پنهنجو وقت موسم سارو يا شڪار ۾ يا مڇيون مارڻ ۾ وڃائي ڇڏيندو هو. ٻئي فارم جو نالو پنچفيلڊ هو، جيڪو ڪٽي ننديو هو، پر چڱي سنڀال هيٺ هو. هن جو مالڪ مسٽر فريڊرڪ سخت جان، چالاڪ پر ٻارهيو ئي ڪيسن ۾ قاتل ۽ ڏکيا مامرا زورزبردستي طيءِ ڪرائيندڙن ۾ ناليارو هو. انهن فارم جا ٻئي مالڪ هڪ ٻئي کي ايترو تہ ناپسند ڪندا هُئا، جو انهن لاءِ هڪ ڳالهہ تي سهمت ٿيڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو هو. پوءِ ڀلي انهن جو يڪراءُ ٿيڻ سندن ئي مفادن وٽان چو نہ هجي.

بهرحال هُو انئيمل فارم ۾ ٿيل بغاوت ڪان چڱي طرح ڊنل هئا، ۽ دليان اهو پئي گهريائون ته سندن زبردست جانورن کي انهيءَ بغاوت مان سکڻ کان پاسيرو رکيو وڃي، پر هو جانورن پاران فارم جو انتظام پاڻ سنڀالڻ واري تصور کي گهٽ سمجهڻ ۽ ليکي ۾ نه آڻڻ جو تاثر ڏيندا هُئا. اُهي چوندا رهندا هئا ته پندرنهن ڏينهن ۾ اهو مامرو ختم ٿي ويندو. هنن اهو افواهه به ڦهلايو هو ته مئنر فارم (هو انئيمل فارم کي پراڻي نالي سان سڏڻ تي بضد هوندا هُئا) جا جانور پاڻ ۾ لڳا تار جهيڙيندا رهن ٿا، سو انهيءَ ڪري هو بکن ۾ پاهه ٿي رهيا آهن. جڏهن چڱو خاصو وقت گذري ويو ۽ جانور بک وگهي نه مُئا، ته فريڊرڪ ۽ پلڪنگٽن پنهنجو رينگٽ بدلايو ۽ وري اهو پڌائڻ شروع ڪيو ته جانور فارم اندر بچڙاڻ ۽ خبيثپڻو وڌي رهيو آهي. اهو به چيو ٿي ويو ته ان فارم اندر هڪ پاسي آدم خوري وڌيل آهي، ته ٻي پاسي هو هڪ ٻئي کي به ايذائي رهيا آهن. ۽ وڌي ڳالهه ته انهن جون ماديون به عام استعمال ۾ آهن. فريڊرڪ ۽ پلڪنگٽن جي خيال ۾ اهو عمل قدرتي قانون سان مهاڏو اٽڪائڻ جو لازمي نتيجو هو.

بهرحال انهن قصن تي مڪمل طرح اعتبار نٿي ڪيو ويو. اهي اڻ چٽا ۽ ٽوڙيل موڙيل افواهه به هُليل هئا ته هڪ اهڙو عجب جهڙو فارم آهي، جتي جانورن انسان کي هڪالي، ان جو انتظام پاڻ هلائڻ شروع ڪيو آهي ۽ ٻئي سڄي ملڪ ۾ بغاوتون جاري آهن. ڏاند، جيڪي سڌاري ۽ ترتيب هيٺ هئا، سي وحشي بنجي ويا، رڍن واڙيون ڀڃي برسيم جو گاهه ڳڙڪائي ڇڏيو، ڳئن کير رکڻ وارن ڏولن کي لتن سان اڇلائي ڇڏيو، شڪاري گهوڙن لوڙها ٽپڻ کان نابري واري ۽ مٿن سوار ٿيلن کي پٽ ڏي اڇلائي وڌو. وڌي ڳالهه ته ” انگلنڊ جا جانور“ واري گيچ جون ڌنون ۽ لفظ هر جاءِ چاتا ٿي ويا. اهو گيت ڏاڍو جلد ڦهليو هو. انسان جڏهن اهو گيچ ٻُڌو ته هو پنهنجو غيض ۽ غضب کي قابو ۾ نه رکي سگهيا، پر مٿانجري نموني انهن ڏيکاءُ اهو ڏنو ته اهو گيت کل جوڳو آهي. هو چوندا هئا ته هي اهو سمجهڻ کان قاصر آهن ته ڪيئن اهڙو ڪِجُ جانور ڳايو ٿا وٺن. جنهن به جانور کي اهو گيت جهونگاريندي پڪڙيو ٿي ويو، تنهن کي هڪدم ڦٽڪا ۽ چهبڪ لڳايا ٿي ويا. پر پوءِ به اهو گيت اجهل هو. يورپي نسل جا ڳائيندڙ پکي ان کي وڻن جي جهڳٽن ۾

آهستي آهستي پيا جهونگاريندا هئا. ڪبوتر وڻن تي ويهي پيا پنهنجي نوع ۾ ڪوڪاريندا هئا. اهو گيت لوهار خاني جي ٽڪا ٽڪ توڙي چرچ جي گهنٽين ۾ به شامل ٿي ويو. جڏهن انسان اهو ٻڌو ته هو من ئي من ۾ ڏڪي ويا، ڪين اهو سڀ ڪجهه مستقبل جي اڳڪٿي معلوم ٿيو.

آڪٽوبر جي شروع ۾ جڏهن سنگ ڪٽي هڪ جاءِ سٿيا پئي ويا ۽ ڪجهه ته ڳاهجي ويا هئا، تڏهن ڪبوترن جو ولر اڏامندو آيو ۽ جانور فارم جي لان ۾ اچي لٿو. انهن ٻڌايو ته جونز ۽ هن جا ڪمي ۽ فاڪسوڊ ۽ پنجفيلڊ جا اڌ ڊزن ماڻهو فارم جي مکيه دروازي وٽ اچي پهتا آهن ۽ چاڙهه اندر گهڙيا. جونز وٽ بندوق هئي. هو اڳيان اڳيان اچي رهيو هو ۽ ٻين جي هٿن ۾ لٺيون هيون. ان مان پڌرو هو ته هو فارم تي ٻيهر پنهنجو قبضو بحال ڪرڻ لاءِ آيا آهن. اهڙي حملي جي ته گهڻي وقت کان توقع پئي ڪئي ويئي، انهيءَ ڪري هيڏانهن به جوابي تياريون مڪمل هيون. سنوبال، جيڪو فارم هائوس مان ڪنيل هڪ ڪتاب ڪي پڙهي چڪو هو، جنهن ۾ جوليس سيزر جي جنگي مهمن جو احوال ڏنل هو، سو هن دفاعي مهم جي سرواڻي ڪري رهيو هو. هُن تيزيءَ سان حڪم صادر ڪيا. ۽ چند منٽن اندر هر هڪ پنهنجي مخصوص جاءِ تي موجود هو.

جيئن ئي انسان فارم جي عمارتن وٽ پهتا، سنوبال پهريون حملو شروع ڪرايو. 35 ڪبوتر اڏامي ماڻهن مٿان هڪ سر ۾ آوازڻ لڳا. انسان جيئن ئي هنن تي ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو ته وڻن ۾ لڪل هنج نڪري آيا ۽ انسانن جي مُرين تي ٺونگا هڻڻ لڳا. بهرحال اها ته هلڪي چٽا ڀيٽي هئي، جنهن جو مقصد رڳو هلڪي ڦلڪي گڙ ٻڙ پيدا ڪرڻ هُئو، تنهنڪري ماڻهن جهٽ پٽ ۾ هنجن کي لٺيون هڻي ڀڄائي ڇڏيو. سنوبال وري ٻيو حملو شروع ڪرايو. مُريل، بينجمن ۽ سڀ رڍون سنوبال جي مهنداري ۾ اڳتي وڌي ڊوڙيا ۽ ماڻهن تي ٽونن، چڪن جو وسڪارو لائي ڏنو. بينجمن چوڦير ڦري پنهنجي ڪرن سان ماڻهن کي ضربي رهيو هو. پر ماڻهن پنهنجي لٺين ۽ شيخن وارن بوٽن جي مدد سان ان حملي جو زور ٽوڙي وڌو. ان مرحلي تي سنوبال جي رڙ تي سڀ جانور پوئتي ڀڳا.

انهيءَ ياچ کي ڏسي ماڻهن وٽي خوشيءَ ۾ رڙيون ڪيون. انهن ڏٺو تہ سندن اميدن پٽاندڙ جانور ڀڄي رهيا هئا، سو هو بہ چڙ وچڙ هنن جي پويان ڪاهي ويا. سنوبال بہ ائين اهڙي نموني ٽيڻ پئي گهريو. اهي جيئن آڳند ۾ پهتا تہ ٽن گهوڙن، ٽن ڳئن ۽ سيني سوئرن، جي اڳيئي لڪا ويٺا هئا، اوچتو ماڻهن پٺيان پڌرا ٿيا ۽ انهن کي ورائي ويا. سنوبال جونز ڏانهن وڌي ويو. جونز ڪيس پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي، مٿس فائر ڪيو. ڇيرا هن جي پيٺ جي پرسان لنگهي هڪ رڍ جي جسم ۾ داخل ٿيا. اها رڍ ڪري پئي. سنوبال هڪ گهڙي بہ رڪجڻ بجاءِ، جونز جي ٽنگن کي پندرنهن پٿر اڇلائي هنيا. جونز وڃي، ڇيٽن جي ڍڳ تي ڪريو ۽ سندس بندوق هٿن مان ڪري پئي. پر انهيءَ تماشي ۾ سڀ کان وڌيڪ ڊيڄاريندڙ منظر اهو هو تہ باڪسر پنهنجي پوين ٽنگن تي بيهي، اڳين ٽنگن جي کرن سان حملو ڪري رهيو هو. سندس حملي جو پهريون شڪار فاڪسوڊ جي طنبيلي ۾ ڪم ڪندڙ هڪ ڇيرو هو. هن جي کوپڙيءَ تي سخت ڌڪ لڳو هو ۽ همراهہ بي سڌ تي ڳپ ۾ وڃي ڪريو. اهو ڏسي ڪيترن ماڻهن پنهنجيون لٺيون ڪٽي اڇلايون ۽ پنهنجي ڀڄان ۾ لڳي ويا. انهن ۾ ٽرٽلو پئجي ويو ۽ ٻي گهڙي جانورن هنن جي پويان مِڙي رهيا هئا. ۽ هو ميدان ۾ چوڌاري ڦري رهيا هئا. هنن کي لتون ۽ ٽونا هنيا ويا ۽ چڪ لڳايا ويا ۽ لتاڙيو بہ ويو. ڪوبہ جانور نہ بچيو هيو، جنهن پنهنجي نموني انهن کان وير نہ ورتو. ايتري تائين جو ٻلي بہ اوچتو ڇت تان ٽپو ڏيئي لهي آئي، ۽ هڪ ماڻهوءَ جي ڪلهي تي رانيوٽا هڻڻ لڳي. اهو ڏسي ڪري اهو ماڻهو هراسجي ويو ۽ دپ ۾ ڏاڍيون دهشتناڪ رڙيون ڪرڻ لڳو. نيٺ ماڻهو هتان ڀڄڻ لڳا ۽ سڌو مکيہ روڊ ڏي ويا. ائين حملي جي پنجن منٽن اندر ئي هو ٻجڙا ٿي پوئتي وٺي ڀڳا. هاڻي وري هنج ٻيهر وارد ٿيا ۽ هنن جي پِـنـيَنِ کي ضربڻ لڳا.

سڀ ماڻهو سواءِ هڪ جي، ڀڄي چڪا هئا. آڳنڌ ۾ پويان باڪسر، ڳپ ۾ اونڌو پيل نوجوان کي، سڌو ڪرڻ لاءِ کرن جو زور هڻي رهيو هو، پر ڇوڪرو چري پري نہ رهيو هو.

” لڳي ٿو ته همراهه مري ويو آهي.“ باڪسر غمگين ٿي چيو، ”مونکي ائين نه ڪرڻ گهربو هو. مونکي وسري ويو هو ته مونکي لوهي نال لڳل آهن. ڪير اعتباريندو ته مون هي سڀ بي ارادي ڪيو هو.“

”ڪامريڊ! ڪوبه جذباتيپڻو نه ڏيکاريو.“ سنوبال دانهن ڪئي. هن جي زخم منجهان رت اڃان به ڳڙي رهيو هو. ”جنگ جنگ هوندي آهي. مئل انسان ئي سڀ کان ڀلو ماڻهو هوندو آهي.“

”مونکي ڪنهن جي جان وٺڻ ڀلي ڪٺي اها ڪنهن انسان جي ڇونه هجي، جي خواهش نه هئي.“ باڪسر ورجايو ۽ هن جي اکين ۾ لڙڪ ڀرجي ويا.

”مولي ڪٿي آهي؟“ ڪنهن رڙ ڪندي پڇيو.

مولي واقعي به گم هُئي. ڪجهه گهڙين لاءِ هراس ڇانيل رهيو. ڪين ڊپ ٿيو ته متان ماڻهن هن کي ايذايو هجي يا هن کي پاڻ سان ڪٺي نه ويا هجن. بهرحال نيٺ هن کي پنهنجي وٿاڻ اندر لڪل ئي لڌو ويو، جتي هُوءَ آهري ۾ منهن مٿو لڪايو ويٺي هئي. اصل ۾ جيئن ئي ميدان ۾ بندوق هلي ته هو پڇي اڇي هتي وٿاڻ ۾ لڪي هئي. جڏهن هن کي ڳولي سڀ جانور وري ميدان ڏي آيا، ڇا ڏٺائون ته ڪَپ ۾ مرده بنيو پيل ڇوڪرو غائب هو. اهو اصل ۾ بي هوش ٿيو. پوءِ هوش ۾ آيو ته وٺي ڪڙين تي زور رکيائين.

جانور وري پنهنجي نئين جولان ۾ هڪ جاءِ ڪٺا ٿيا. هر هڪ پنهنجي ذات جي حوالي سان ڪارنامن جو ذڪر وڏي واڪ ڪري رهيو هو. بنا ڪنهن تياريءَ جي، جنگ جي فتح ملهائڻ جو جلسو ڪيو ويو. جهنڊو جهولائي، پوءِ انگلنڊ جا جانور گيت ڪافي ڀيرا ڳايو ويو. ان بعد مري ويل رڍ کي دفنايو ويو. هن جي قبر پرسان ڪانڊيرو پوکيو ويو. قبر وٽ سنوبال هڪ ننڍي تقرير ڪئي، جنهن ۾ هن زور ڀريو ته ضرورت وقت جان جو نذرانو ڏيڻ لاءِ هردم تيار رهو.

اُتي جانورن يڪراءُ ٿي ”جانورن جو هيرو، پهريون درجو“ نامي هڪ فوجي تغمو يا اعزاز جاري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ اُتي جو اُتي اهو اعزاز سنوبال ۽ باڪسر کي ڏنو ويو. (اهو پتل جو ميڊل هو، جيڪو حقيقت ۾ گهوڙن جي لغامن ۾ استعمال ٿيندڙ پتل هو) اهو تغمو هر آچر ۽ موڪل ڏهاڙي پهرڻو هو. اُتي ساڳئي وقت رڍ کي مُئي پڇاڙان ”جانورن جو هيرو درجو ٻيو“ وارو اعزاز ۽ تغمو ڏنو ويو.

وڏي بحثا بحثي ٿي ته جنگ کي ڪهڙي نالي سان ڪوٺيو وڃي. آخر ۾ ان کي ”ڳئن واري وٿاڻ واري جنگ“ جو نالو ڏنو ويو. ڇو ته انهيءَ جاءِ وٿان ٽِنيي هٽي حملو ڪيو ويو هو. مسٽر جونز واري بندوق ٻه مٽي ۾ پيل لڌي ويئي. پوءِ معلوم ٿيو ته ان ۾ پونڊڙ گوليون ٻه فارم هائوس ۾ پيل آهن. فيصلو ڪيو ويو ته جهنڊي جي هيٺان هن بندوق کي توبخاني جي نشان طور سجايو ويندو ۽ سال ۾ ٻه ڀيرا هن سان فائر ڪيو ويندو. هڪ ڀيرو ٻارنهن آڪٽوبر تي، جنگ جي ورسي واري ڏينهن، ته ٻيو ڀيرو وري بغاوت واري ورسي واري ڏهاڙي تي.

# باب پنجون

جيئن سياري جي مند شروع ٿي، تيئن موليءَ وڏيڪ جنجال بنجڻ شروع ڪيو. هوءَ روزدير سان ڪم تي ايندي هئي ۽ عُذر اهو ڏيندي هئي ته هن کي ننڊ اچي ويئي ۽ شڪايت ڪندي ته باوجود هن جي بک ستي هجڻ جي، ڪيس ڪنهن پراسرار سور اچي ورايو هو. ڪنهن نه ڪنهن بهاني ڪم کان ڀڄي ويندي هئي ۽ وڃي پاڻي واري حوض وٽ بيهندي هئي، جتي پاڻي ۾ ٿهيل پنهنجي پاڇولي کي پئي وائڙن وانگيان تڪيندي هئي. وڏيڪ ته هن جي حوالي سان ڪافي خطرناڪ افواهه به ڦهليا هئا. هڪڙي ڏينهن جڏهن هوءَ ڪانُو ڪائيندي، پڇ لوڏيندي خوش خوش آڳنڌ اندر آئي ته ڪلوور ڪيس پاسي ڏي وٺي ويئي.

”مولي“، هن چيو، ”مونکي توکي هڪ اهم اطلاع ڏيڻو آهي. اج صبح مون ڏٺو ته تون اسانجي فارم ۽ فاڪسوڊ جي وچ ۾ لڳل واڙ مٿان نهاري رهي هئينءَ. ڪو پلڪنگٽن جو ماڻهو ٻي پاسي بيٺل هو. جيتوٽيڪ آئون ڪافي پري هيس پر مون چٽو تي ڏٺو ته هو توسان ڪجهه ڳالهائي رهيو هو. ۽ تنهن جي نڪ تي ٿپڪيون به هڻي رهيو هو. مُولي انهيءَ جو مطلب ڇا ونجي؟“

”هن ائين نه ڪيو، آئون اتي نه هئس. اهو ڪوڙ آهي؟“ مولي رڙ ڪندي چيو ۽ وٺي لڳي ٽپا ڏيڻ ۽ دڙها هڻڻ.

”مولي منهنجي منهن ۾ ڏس ۽ ساک سان چئُ ته هو توکي ٿپڪيون نه ڏيئي رهيو هو.“

”اهو ڪوڙ آهي“. مولي ورجايو، پر هُوءَ ڪلوور جي منهن ۾ ڏسي نه سگهي ۽ ٻي گهڙيءَ هو ڀنين ڏانهن وٺي ڀڳي.

ڪلوور کي اوچتو ڪو خيال اچي ويو. هوءَ ٻين کي ڪجھ ٻڌائڻ بنان، موليءَ جي ڪڙھ اندر آئي. پنهنجي کرن سان ڪکن کي هٽايو. انهن جي هيٺان مصري جا ڳنڍيا ۽ مختلف رنگن جي رٻنن جا ٽڪر لڪا پيا هئا.

ٽن ڏينهن کان پوءِ مولي گم ٿي ويئي. ڪافي هفتن تائين ته هن لاءِ ڪجھ به نه معلوم ٿيو. پر پوءِ ڪبوترن ٻڌايو ته هُنن هِن کي ولنگڊن فارم جي ٻئي چيڙي تي ڏٺو آهي. هُوءَ ڪنهن ڳاڙهي ۽ ڪاري رنگ واري گاڏيءَ ۾ سنجيل هئي، جيڪا هڪ هوٽل جي اڳيان بيٺل هُئي. هڪ ٿلهو شخص، جنهن کي پٽين واري شلوار ٻڌل هئي، موزا بند پهريل هو ۽ ڪو سرڪاري عملدار ٿي لڳو، ڪيس ڪنڌ ڪارائي رهيو هو. هن جي ڳچيءَ جا وار تازو ڪتريل هُئا ۽ ڪيس ڳاڙهي رنگ جي رٻن پهريل هئي ۽ ڏاڍي خوش پئي لڳي. ان کان پوءِ ٻيهر موليءَ جو ذڪر ڪنهن ٻئي جانور نه ڪيو.

جنوريءَ جي موسم ڏاڍي اگري بنجي ويئي. ۽ زمين لوھ جهڙي سخت ٿي پئي هئي، سو اتي ڪم ڪرڻ محال هو. وڏي ٻاندي ۾ ڪافي گڏجاڻيون ڪرايون ويون ۽ سوئرن پاڻ کي ايندڙ موسم ۾ ڪم ڪار جي رٿا ٺاهڻ ۾ رنيائي چڙيو. هاڻي تسليم ٿي چڪو هو ته سوئرن، جيڪي به پڌري پٽ ٻين جانورن کان وڌيڪ چتر هئا، کي ئي فارم جي پاليسي متعلق فيصلا ڪرڻا هئا، جن کي پوءِ گهڻائي وٽان تصديق ڪرايو ويندو هو. اهو انتظام ستي نموني ٺيو هلي ها، جيڪر سنوبال ۽ نيپولن ۾ جهيڙا نه هجن ها. هو هر ڳالھ ۾ پاڻ ۾ اٽڪيا پيا هوندا هئا. اگر هڪڙو صلاح ڏيندو هو ته وڏي تعداد ۾ ٻاجهريءَ جي پوک ڪجي ته ٻيو چوندو هو ته گهٽي تعداد ۾ جئي پوکجي. ٻنهي مان هڪڙو اهو چوندو هو ته فلاڻي ٻني بند گوبي پوکڻ لاءِ موزون آهي ته ٻيو اها ڳالھ رد ڪندي چوندو هو ته سواءِ گجرن، شلغم وغيره جي، ان ٻني ۾ ٻي ڪا شيءِ نه ٿي پوکي سگهجي. هرهڪ جا پنهنجا پنهنجا حامي ۽ حواري هئا. ڪڏهن بحثا بحثي ۾ تشدد جو عنصر شامل ٿي ويندو هو. گڏجاڻين ۾ ته سنوبال پنهنجي شاندار تقريرن جي مدد سان اڪثريت کي پنهنجي پاسي ڪري وٺندو هو، پر نيپولن انهيءَ وچ ۾ فردن فردن جانورن کي مڃائي، حمايت حاصل ڪري ويندو هو. هو رڍن کان

حمايت وٺڻ جو ته پڙ هو. ويجهڙ ۾ اهو مشاهدي ۾ آيو هو ته هو وقت بي وقت اهو پڪاريندو رهن ٿيون: ”چار ٽنگون ڀليون، ٻه ٽنگون بريون.“ ۽ اُهي گهڻو ٽٽو، گڏجاڻين ۾ آوازي، ڪاروائيءَ ۾ رخنو وجهنديون هيون. اهو ٻه نوٽ ڪيو ويو ته جڏهن سنوبال تقرير ڪندي ڪنهن اهم مرحلي تي پهچندو هو ته هُو وني اهو آواز واڪڻ لڳنديون هيون. سنو بال ويجهڙائي ۾ ”فارمر ۽ اسٽاڪ بريڊر“ رسالي جي ڪجهه پراڻن شمارن جو ڳوڙهو مطالعو ڪيو هو، سو هن وٽ سڌاري ۽ نين تبديلن لاءِ وڏيون رٿائون هُيون. هُو عالماڻي نموني پٽين جي پاٽيءَ اَڏِنِ، سياري ۾ استعمال ڪرڻ لاءِ اڻ سڪايل محفوظ گاهه، تيل نيڪالي بعد بچيل صافي مواد، متعلق پيو ڳالهائيندو هو. هن هڪ ڏکي رٿا جوڙي هئي، جنهن موجب ڏوئڻ ۾ پورهيو ۽ وقت بچائڻ لاءِ، هر جانور کي مخصوص جاءِ تي بوسو لاهڻو هو. نيپولن پنهنجي طرفان ڪي ٻه رٿائون پيش نه ڪندو هو پر خاموش نموني چوندو ته سنوبال جي رٿائن مان ڪجهه ڪونه ورندو، ۽ هو رڳو وقت پيو وڃائي. پر مڙني تڪرارن ۾ تنازعن ۾ وڌيڪ سخت ۽ اگرو تنازعو پن بجلي واري منصوبي تي پيدا ٿيو. ڊگهي چراهگاه ۾، فارم جي عمارتن جي ويجهو ئي هڪ ننڍي ٽڪِري هئي، جيڪا سڀ کان مٿاهين جاءِ هئي. ميدان جي سروي ڪرڻ کان پوءِ سنوبال واضح ڪيو ته پن بجلي ڪارخاني لاءِ اها موزون ترين جاءِ هئي. هتي بجلي جو سانچو هلائي، فارم جي ضرورت لاءِ بجلي پئدا ڪئي ويندي. انهيءَ جي ڪري سياري ۾ وٿاڻ روشن ۽ گرم رهندا. ۽ ساڳئي وقت بجليءَ جي مدد سان، ڪُتِر مشينون، چقندر ڪٽڻ جا اوزار ۽ گول ڪارائي ٻه هلائي سگهبي ۽ اڳتي هلي بجليءَ جي مدد سان ڪير ڌهڻ واري مشين ٻه استعمال ٿي سگهندي.

فارم جي جانورن اڳي اهڙين مشينن جو احوال نه ٻڌو هو، سو جڏهن سنوبال انهن جو ذڪر ڪندو هو ته هي حيرانيءَ ۾ پئجي ويندا هئا. اصل ۾ هنن جو فارم پراڻي طرز جو هو سو هتي مشينري ٻه پراڻي نوع جي هئي. سنوبال انهن مشينن جي ڏاڍي دلڪش تصوير ڪشي ڪندو هو، جيڪي سندن جاءِ تي اڳتي هلي ڪم ڪنديون ۽ هو آرام سان گاهه چرندا ۽ پنهنجي ذهنن کي پڙهائيءَ ۽ عملي گفتگو سان روشن ڪندا رهندا.

چند هفتن اندر سنوبال پن بجلي منصوبي جي رٿا تاهي ورتي. رٿا جا ميڪانيڪي تفصيل مسٽر جونز جي  ٽن ڪتابن ”ون ٿائوزنڊ ٿنگز ٽُ ڊو ابائوٽ هوم“ (گهر واسطي ڪرڻ لاءِ هزار ڪارائتا ڪم)، ”ايوري مئن هز اون برڪ ليئر“ (هرماڻهو رازو آهي)، ۽ ” اليڪٽرسٽي فار بگنرز“ (سيکڙاٽن لاءِ بجلي) تان ورتل هئا. سنوبال پنهنجو اپياس گهر ان چانوري ڪي بنايو جيڪو اڳي آري لاءِ ڪم ايندو هو. هن جو فرش سڌو سنواٽو ۽ ڪاٺ مان ٺهيل هو. ان مٿان ڊرائنگ ٺاهڻ آسان هئي. هو ڪلاڪن جا ڪلاڪ اتي ويٺو رهندو هو ۽ ڪتاب کولي ان ۾ آيل نقشي کي پنهنجي ڪرن ۾ قابو ڪيل چاڪ سان فرش تي اُتاريندو هو ۽ ڪنهن ڪنهن وقت خوشي مان آواز پيو ڪيندو هو. آهستي آهستي هي رٿائون ڳتيل بنجي ويون ۽ انهن ورن وڪڙن جي شڪل اختياري ورتي. هي نقشا پين جانورن جي سمجهه  کان بالا تر هئا. پر هو اهي ڏسي انهن کان متاثر ضرور ٿيندا هئا. سڀ روزانو هڪ ڀيرو انهن کي ڏسڻ ضرور ايندا هُئا. ايتري تائين جو ڪڪڙيون ۽ بدڪون به انهن جي زيارت لاءِ  آيون، ۽ ڪوشش اها تي ڪيائون ته هو چاڪ جي نشانن مٿان نه چڙهن. رڳو نيپولن انهيءَ رٿا کان پري رهيو. هن شروع کان ئي انهيءَ رٿا جي مخالفت پئي ڪئي. پر هڪڙي ڏينهن هو به غير متوقع طور اچي پهتو. هن چڱي نموني رٿا کي هر رخ کان جانچي ڏٺو ۽ ان کي ٻه ڀيرا پڻ سونگهيو. ان کان پوءِ هو ڪجهه  گهڙيون ترسي ان کي غور سان تڪيندو رهيو ۽ اوچتو چا ڪيائين جو ٽنگ کڻي رٿا جي نقشي مٿان مٿي وڌو ۽ بنان ڪجهه  چوڻ جي ٻاهر هليو ويو.

پن بجليءَ جي مامري تي سڄو فارم ورهايل هو. سنوبال انهيءَ کان انڪار نٿي ڪيو ته هن کي ٺاهڻ انتهائي مشڪل هو. پٿرن کي ڪاٽين مان ڪڍي پٽيون اڏڻيون هيون. ان کان پوءِ پـرَ به ٺاهڻا هُئا. ان بعد وري ڊائنيمو Dynamo يعني جنريٽر ۽ تارن وغيره جي گهرج هئي. (اُهي ڪيئن حاصل ڪرڻا هئا، تن لاءِ سنوبال ڪجهه به نٿي ٻڌايو) پر هن جو چوڻ هو ته هيءُ منصوبو سال اندر مڪمل ٿي ويندو. پوءِ ان جي ٺهڻ کان پوءِ پورهيو گهٽجي ويندو ۽ جانور رڳو ٽي ڏينهن ڪم ڪندا. ٻئي طرف نيپولن جا دليل هي هُئا ته هن وقت ضرورت ان امر جي آهي ته  کاڌي جي پيداوار وڌائجي. سو اسان

جيڪڏهن انهيءَ پن بجليءَ واري منصوبي تي وقت وڃايو ته بکن ۾ پاهه ٿي مري ويندا سين. فارم جا جانور پن ڌڙن ۾ ورهايل هُئا. هڪڙن جو نعرو هو ته ”ٽن ڏينهن واري هفتي ۽ سنو بال لاءِ ووٽ ڏيو.“ ۽ ٻين جو نعرو هو ته ”پريل آهري ۽ نيپولن لاءِ ووٽ ڏيو.“ رڳو هڪ بينجمن هو، جيڪو ڪنهن به ڌر سان لاڳاپيل نه هو. هن کي اهو ويساهه ۾ نه ٿي آيو ته ڪو خوراڪ وافر مقدار ۾ ٿيندي يا پن بجلي ڪم ڪار ۾ گهٽتائي آڻيندي. هن جو چوڻ هو ته پن بجلي هجي يا نه هجي، زندگي ائين گذرندي جيئن گذري پئي - ڏکن ڏاکڙن ۾.

پن بجلي واري مُدي کان سواءِ ٻيو سوال اپريل هو فارم جي دفاع جو. اهو ته چڱيءَ پر سمجهيو پئي ويو ته جيتوڻيڪ انسانن کي جنگ ۾ شڪست ڏني ويئي هُئي، پر اهو لازم هو ته هُو ٻئي لڳان چڱي نموني پرپور حملو ڪندا ۽ فارم کي قبضي ۾ آڻي مسٽر جونز کي بحال ڪندا. هُو اهو سڀ ڪجهه ان لاءِ به ڪندا، جو هنن جي اڳوڻي ناڪاميءَ جي نتيجي ۾ ٻين فارمن وارا جانور سرڪشي اختيار ڪري رهيا هُئا.

حسب روايت سنوبال ۽ نيپولن صاحبان انهي نڪتي تي به پاڻ ۾ سهمت نتي ٿيا. نيپولن جو رايو هو ته جانورن کي وڏيڪ هٿيار خريد ڪري، تن جي استعماليءَ ۾ کين وڏيڪ پڙ ٻڌڻ گهرجي. جڏهن ته سنوبال جي سوچ اها هُئي ته انهن کي وڌ ۾ وڌ تيار ٿيل ڪبوتر اماڻي، پر پاسي جي فارمن ۾ بغاوت ۽ انقلاب برپا ڪرڻ لاءِ جانورن کي تيار ڪيو وڃي. هڪڙي جي خيال ۾ جيڪر هُو پنهنجو دفاع نه ڪري سگهيا ته مغلوب بنجي ويندا ۽ ٻئي جي سمجهه موجب جيڪڏهن هر جاءِ انقلاب ۽ بغاوت اپرندو ته کين پنهنجي دفاع جو ضرورت ئي نه پوندي. جانورن سڀ کان اول نيپولن جو موقف ٻڌو ۽ پوءِ وري سنوبال جي نقطي نظر سُئو. پر هو فيصلو نه ڪري سگهيا ته ڪير صحيح آهي. حقيقت ۾ هو انهيءَ سان سهمت ٿيندا هُئا، جيڪو ان وقت ڳالهائي رهيو هوندو هو.

نيٺ اهو ڏينهن به آيو، جڏهن سنوبال جي رٿا مڪمل ٿي. ورنڌڙ آچر تي اها رٿا گڏجاڻي ۾ پيش ڪري اهو طيءِ ڪرڻو هو ته ان کي عملي جامو

ڦهرائجي يا ترڪ ڪري ڇڏجي. تڏهن جانور وڏي پانديءِ ۾ اچي ڪٺا ٿيا، تڏهن سنوبال اٿيو ۽ رٿا جي فائدي ۾ دليل ڏيڻ لڳو. وچ ۾ رڙين پنهنجي ٻاڪار سان ان تقرير ۾ رخنو ٿي پيدا ڪيو. ان ڪان پوءِ نيپولن اٿيو ۽ هن ڏاڍي ٿڌائي سان چيو ته پن بجليءَ جو منصوبو بيوقوفاڻي رٿا آهي ۽ هن ايوان کي صلاحيو ته ڪير به ان جي حمايت ۾ ووٽ نه ڏئي. اهو پڌائي هو ويهي رهيو. هن صرف ٽيهه سيڪنڊ مس ڳالهائڻ ۾ ورتا هُئا. هو پنهنجي تقرير مان ٿيل اثرات کي معلوم ڪرڻ کان بي پرواهه بنيو ويٺو هو. انهيءَ تي سنوبال وري اٿيو ۽ رڍن کي خاموش ڪرائڻ لڳو، جن ٻاڪارڻ شروع ڪيو هو ۽ پوءِ هن انتهائي جذباتي انداز ۾ پن بجليءَ جي منصوبي جي حمايت ڪرڻ جو عرض ڪيو. هيسيتائين جانور اڌواڌ پاڻ ۾ ورهايل هُئا، پر هاڻي هو سنوبال جي خوش بيانيءَ جي اثر ۾ هُئا، جنهن ڏاڍي پر اثر نموني اها تصوير ڪشي ڪئي ته ڪُڏي پورهئي کان فراغت کان پوءِ فارم جي صورت ڪهڙي هوندي. هن جي تصور واري اڏامر ڪتر جي مشين ۽ گوگڙو ڪٽڻ وارن اوزار کان متانهين هُئي. هن جو چوڻ هو ته بجلي وسيلي ٿريشر هر ناڙي، ڪيڙ ۽ ٻيا اوزار هلائي سگهبا. ان کان پوءِ هر ڪُڙهه ۾ بجلي ساڻ گرم ۽ ٿڌي پاڻيءَ جو بندوبست هوندو. ۽ بجليءَ وارو هيٽر هوندو. هن جي تقرير جي پڇاڙي تائين لڳي رهيو هو ته ووٽ ڪهڙي پاسي ويندا هُئا. پر انهيءَ گهڙيءَ نيپولن اٿي بيٺو. سنوبال کي مخصوص ٽيڏي نهار سان ڏٺو ۽ هڪ اهڙو نرالو آواز ڪڍيو، جيڪو اڳ ۾ هن واتان نه ڪڍيو هو! اهو پڌي ٻاهر دل ڏارينڌڙ ڪتن جي ڀونڪ شروع ٿي ۽ نَوَ ٿلها متارا ڪتا، ڳچين ۾ پتل پايو، پانديءِ ۾ ڊوڪيندا آيا ۽ سڌو سنوبال ڏي رخ ڪيائون. هُو به وقت تي اٿي ڪڙو ٽيو ۽ ڪتن جي حملي کان بچي ويو ۽ وٺي ڀڳو. سندس پويان ڪتا به ڪاهيندا ويا. حيران ۽ هراسيل جانور اچي در وٽ ڳاهٽ ٿيا ۽ سنوبال پويان ڊوڙندڙ ڪتن جو نظارو ڪرڻ لڳا. سنوبال چراگاهن وچان ڊوڙندو روڊ ڏانهن ڀڄي رهيو هو. اصل ڪتا به وٽس جاڻ ڪي ڀهتا. اوچتو هو ڪري پيو ۽ پڪ هُئي ته ڪتا کيس ورائي ويا هوندا، پر هو وري اٿيو ۽ وڌيڪ تيز ڊوڙيو. هڪڙي ڪتي ته سندس پڇ ۾ چڪ پاتو هو، پر اهو ڇڏائي، سنوبال وڌيڪ روز لڳائي ڊوڙيو ۽ واڙ مان نڪتل سوراخ مان ٻاهر نڪري ويو ۽ وري ڪڏهن به کيس نه ڏٺو ويو.

دهشت ۾ ورتل ۽ خاموش ٿيل جانور واپس رڙهي پاڻدي ۾ آيا ۽ پوءِ ڪُتا بہ واپس وري آيا. اول تہ جانورن کي انهيءَ مخلوق جي اصليت جي خبر نہ هُئي، پر جلد ئي اهو معاملو بہ سلجهي ويو. هي اهي پونگڙا هُئا، جيڪي نيپولن مائرن کان وٺي پاڻ وٽ تاتيا هُئا. هاڻي اهي نہ صرف وڏيل ويجهيل هُئا، پر ڊيڄاريندڙ بگهڙن وانگر ٿي لڳا. هُو هاڻي نيپولن جي پر ۾ ئي اچي بيهي رهيا ۽ اهڙي نموني پڇ لوڏي رهيا هُئا، جهڙي نموني اڳوڻا ڪتا مسٽر جونز جي موجودگيءَ ۾ لوڏيندا هُئا.

نيپولن ڪتن جي سايي ۾ فرش جي مٿانهين حصي تي چڙهيو، جتي پهريائين ميجر چڙهي تقرير ڪئي هُئي. هن اعلان ڪيو تہ اڄ کان پوءِ آچر واريون گڏجاڻيون منعقد نہ ڪيون وينديون، ڇو تہ اهي غير ضروري آهن ۽ وقت جو زيان آهن. مستقبل ۾ فارم جي ڪم ڪار متعلق سڀ سوال، سندس سربراهيءَ هيٺ سوئرن جي هڪ مخصوص ڪاميٽي طيءِ ڪندي. جيڪي پڇي جاءِ تي اڪيلا گڏبا. ۽ پنهنجا فيصلا پوءِ ٻين کي ٻڌايا ويندا. جانور وري بہ آچر ڏهاڙي هڪ جاءِ ڪٺا ٿيندا، جهنڊي کي سلامي ڏيئي گيت ڳائيندا ۽ هفتي جي ڪمن جا حڪم حاصل ڪندا. پر ڪو بحث مباحثو ڪونہ ٿيندو.

سنو بال کي ڀڄائڻ واري صدمي جي باوجود جانور انهيءَ اعلان تي هراسيل هُئا. انهن مان ڪافي احتجاج بہ ڪن ها، جيڪڏهن انهن کي صحيح دليل سُجهن ها. ايتري تائين جو باڪسر بہ انهيءَ تي منجهيل ۽ پريشان هو. هن پنهنجي ڪنن کي اڳتي پوئتي ڪيو ۽ اڳين چڳ کي بار بار لوڏيو، پرڪيس ڪجهہ بہ سُجهي نہ آيو.

سوئرن مان ڪجهہ ڳالهہ بيان ڪرڻ ۾ هوشيار هُئا. چار ننڍا سوئر پهرئين قطار مان اٿي بيٺا ۽ هڪدم ڳالهائڻ لڳا. پر نيپولن جي چوڌاري ويٺل ڪتن ڊيڄاريندڙ نموني گرڻ شروع ڪيو، سو هو خاموش ٿي ويهي رهيا. ان کان پوءِ 15 منٽن تائين لڳا تار رڙون پنهنجو محبوب نعرو: ”چار ٽنگون چڱيون، ٻہ بريون“ پاڪاريندي رهيون. انهيءَ گوڙ بحث جي هلڪي بہ امڪان کي ختم ڪري ڇڏيو.

ڪجھ وقت کان پوءِ اسڪئيلر کي فارم ڏي اماڻيو ويو تہ جيئن هو نئين بندوبست جي وضاحت ڪري سگھي.

”ڪامريڊو“ هن چوڻ شروع ڪيو، ”مون کي پڪ آهي تہ مڙئي جانور ڪامريڊ نيپولن پاران وڌيڪ پورهيو پاڻ تي لاڳو ڪري جيڪا قرباني ڏني آهي، تنهن کي ساراهي رهيا آهن. ڪامريڊو! اهو نہ سمجھو تہ اڳواڻپ ڪو مزي وارو ڪم آهي. ان جي ابتڙ اها تمام ڳري ۽ ڪٺن ذميواري آهي. نيپولن کان وڌيڪ ڪو بيو اهو نٿو مڃي تہ سڀ جانور پاڻ ۾ برابر آهن. ڪيس اها اجازت ڏيندي ڏاڍي خوشي ٿيندي تہ توهان پنهنجا فيصلا پاڻ ڪريو. پر ان سان ڇا ٿيندو تہ ڪڏهن اوهان غلط فيصلا بہ ڪري وجھندائو. تہ پو ڇا ٿيندو؟ ڪٿي مڃيو تہ توهان سنوبال کي ووٽ ڪريو ها ۽ هن جي بيڪار پن بجلي منصوبي کي عمل ۾ آڻايو ها، ۽ سنوبال، اسان کي خبر آهي ڪنهن وڏي مجرم کان گھٽ ڪين هو!“

”هن جنگ ۾ بهادريءَ سان ويڙهہ ڪئي.“ ڪنهن چيو.

”بهادري سڀ ڪجھ نہ آهي.“ اسڪئيلر وراڻيو، ”راڄ پڳتي ۽ فرمانبرداري وڌيڪ اهم آهن. ۽ جيتري قدر جنگ جو سوال آهي، اهو وقت پري نہ آهي، جڏهن اسان کي ڄاڻ پوندي تہ ان ۾ سنوبال جو حصو اجايو وڌائي ڏيکاريو ويو هو. ڊسيپلين، ڪامريڊو! ڊسيپلين. اهوئي اڄ جو مول آهي. اسان جو هڪڙو غلط قدم ۽ دشمن اسان جي ڪنڌ مٿان هوندو. يقيني طور اوهان جونز جي واپسيءَ جا طالب نہ آهيو.“

هڪ ڀيرو وري اهو دليل بي جواب رهيو. لاشڪ جانورن جونز جي واپسي نٿي چاهي، سو جيڪڏهن آچر وارو بحث مباحثا ان جي واپسي ۾ مددگار ٿي بنيا تہ اُهي پلي ختم ڪيا وڃن. باڪسر جنهن کي هاڻي سوچڻ جو موقعو مليو هو، تنهن عام جي نمائندگي ڪندي چيو تہ ”اگر ڪامريڊ نيپولن ائين چوي ٿو تہ اهو سچ ئي هوندو.“ ۽ ان کانپوءِ هن جو متو ئي اهو مقولو ٿيو تہ ” ڪامريڊ نيپولن هردم سچو آهي.“ ۽ بيو تہ ” آئون اجان وڌيڪ پورهيو ڪندس.“

جيئن موسم ۾ ڦيرو آيو ته بهار جا هر ڪاهيا ويا. اهو چانورو جتي سنوبال بجليءَ جو منصوبو جوڙيو هو، سو بند ڪيو ويو ۽ سمجهيو ويو ته رٿا جا نقشا فرش تان ڊاٺا ويا آهن. هر آچر جو ڏهين وڳي سڀ جانور وڏي پانديءِ ۾ اچي گڏ ٿيندا هئا ۽ هفتي لاءِ حڪم وصوليندا هئا. پوڙهي ميجر جي کوپڙي، جيڪا هاڻي گوشت کان آزاد هُئي، باغ مان ڪڍي جهنڊي جي لٺ وٽ کوڙي ويئي. جهنڊو جهولائي، سڀ جانور ان کوپڙيءَ جي تعظيم بجا آڻيندا هئا ۽ پوءِ ئي باندي اندر ايندا هئا. اڳي وانگر هو هاڻي پاڻ ۾ گڏجي سڌجي نه وهندا هُئا. نيپولن اسڪئيلر ۽ هڪ ٻئي سوئر ”منيمس“ (جيڪو گيت جوڙڻ جو ماهر هو) ساڻ مٿيري پليٽ فارم تي ويهندو هو. ڪتا اڌ گول جي شڪل ۾ هن جي چوڌاري ويهندا هُئا. ان کان پوءِ هڪ پاسي ۾ سوئر ويهندا هُئا. انهن کانپوءِ ٻيا جانور سندس سامهون ٿي ويهندا هُئا. نيپولن رُکي ۽ فوجي نموني حڪم ٻڌائيندو هو. ۽ هڪ ڀيرو گيت ڳائي، سڀ جانور واپس ورندا هُئا.

سنوبال جي نيڪاليءَ کان پوءِ ٽئين آچر ڏينهن جانور اهو ٻڌي ڪجهه حيران ٿيا ته پن بجلي وارو ڪارخانو لڳايو ويندو. ان فيصلي جا سبب نه ٻڌايا ويا، پر کين چيو ويو ته انهيءَ لاءِ کين وڌيڪ ڪم يعني سخت پورهيو ڪرڻو پوندو ۽ ممڪن آهي ته سندن راشن به گهٽايو وڃي. رٿا بهرحال هر طرح مڪمل آهي. سوئرن واري خاص ڪاميٽي گذريل ٽن هفتن کان انهيءَ سلسلي ۾ ڪم ڪري رهي هُئي. پن بجلي جو منصوبو ڪيترن سڌارن سميت اڏجڻ ۽ مڪمل ٿيڻ ۾ ٻه سال کن وٺندو.

ان شام جو اسڪئيلر خانگي نموني جانورن کي سمجهايو ته حقيقت ۾ نيپولن ان ڪارخاني جي قيام جو مخالف نه هو، پر حقيقت ته اها آهي ته هن ئي پهرئين اها رٿا رٿڻ شروع ڪئي، پر پوءِ جيڪا سنوبال رٿا پئي ٺاهي، سا به نيپولن جي ڪاڳرن مان چورايل هُئي. ائين پن بجليءَ جو منصوبو نيپولن جي ئي تخليق آهي. ڪنهن سوال ڪيو ته پوءِ آخر ڇو هُن سخت نموني ان جي مخالفت پئي ڪئي. اُتي اسڪئيلر حرفتي نمونو اختياريو. هن ٻڌايو ته اها ڪامريڊ جي هڪ چالاڪي هُئي. هن مخالفت جي آڙ ۾ سنوبال مان اوهان جي جند آزاد ڪرائڻ پئي چاهي، جيڪو انتهائي پوائتو ڪردار

هو ۽ ڏاڍا خراب اثر وجهندڙ هو. هاڻي جڏهن سنوبال راهه ۾ موجود نه آهي ته پوءِ اهو رٿا، سڏي سنواڻي عمل ۾ ايندي. اسڪئيلر جي خيال ۾ اهو حڪمت عمليءَ ۽ تدبير جو هڪ نمونو هو. ”تدبير، ڪامريڊو تدبير.“ هن پڇ لوڏي ٽهڪڙا ڏيندي اهو لفظ ورجايو.

جانورن کي اهو لفظ سمجهه ۾ نه آيو. پر اسڪئيلر جون ڳالهيون مجائي سگهندڙ هيون ۽ ساڻس گڏجي آيل ڪتن به ڌمڪي آميز گريو پئي، سو جانور اهو نقطي نظر بنان سوال و جواب جي قبولي ورتو.

# باب ڇهون

سڄو سال جانور غلامن وانگي گهندا رهيا، پر هو پنهنجي ڪشالي مان ورچيل ڪونہ هُئا. انهن ڪنهن بہ ڪوشش توڙي قربانيءَ کان ڪين ٽيپايو. ڪين اهو يقين هو تہ هُو جيڪي ڪجهہ بہ ڪري رهيا آهن، سو سندن يا هنن جي پونئيرن جي فاعدي ۾ هو، نڪي ڪاهل ۽ ڪم چور انسانن جي ڀلي واسطي هو.

سڄي بهار ۽ اونهاري دوران هُو هفتي ۾ 60 ڪلاڪ ڪم ڪندا هُئا ۽ آگسٽ مهيني ۾ نيپولن پڌرايو تہ هاڻي آچر جي شام جو بہ ڪم ڪيو ويندو ۽ اهو ڪم رضاڪارانہ نوع جو هوندو، پر ان ۾ ڪو شريڪ نہ ٿيو تہ ان جو راشن اڌ گهٽايو ويندو. ايتري حد تائين جو ڪيترا ضروري ڪم ترڪ ڪرڻا پئجي ويا. اڳوڻي سال جي ڀيٽ ۾ هيلوڪو فصل ايڏو ڪامياب نہ لٿو هو. ٻن ٻنين ۾ اونهاري هلندي ئي گوگڙو، گجرون وغيره پوکي ڇڏڻا هُئا، پر اجا توڻي پوکجي نہ سگهيا هُئا. جو تہ هر ڪيڙي جلديءَ ۾ مڪمل نہ ٿي. اهو بہ وائکو ٿي ويو هو تہ ورندڙ سيارو بہ سخت ٿيڻو هو.

پن بجليءَ واري ڪم ۾ غير متوقع ڏکيائون بہ پيش اچي رهيون هُيون. فارم ۾ چن پٿر جي سٺي کاڻ هئي ۽ وڏيڪ تہ ٻاهرين ڪوٺين ۾ واري ۽ سيمنٽ بہ گهڻي مقدار ۾ پيل هو. ائين چئجي تہ اڏاوت لاءِ گهربل سامان ميسر هو. پر جيڪو مسئلو، پهرئين ست ۾ جانور سلجهائي نہ سگهيا هُئا، سو اهو هو تہ پٿرن کي مناسب سائيزن ۾ ڪيئن ڀڃيو وڃي. پٿرن ڀڃڻ وارو اوزار ٽيڪم وغيره هلائڻ لاءِ پوين ٽنگن تي بيهڻو ٿي پيو، سو ائين هو نہ پئي ڪري سگهيا. چند هفتن جي بيسود ڪوشش کان پوءِ ڪنهن کي اهو سُجهي آيو تہ چو نہ ڪشش ثقل جي قانون کي آزمائجي. وڏا وڏا لسا پٿر، جيڪي کاڻ جي تري ۾ پيل هُئا، تن جي چوڌاري رسا ٻڌا ويا. پوءِ سڀ جانور ۽ پکي گڏجي (ڪڏهن ڪڏهن سوئر بہ انهيءَ ڪار خير ۾ پائيوار ٿيندا هُئا) انهن کي مٿي ڇڪيندا هُئا ۽ مٿي چاڙهڻ کان پوءِ کين ڪناري تي رکي وري هيٺ اڇلايو ويندو هو. انهيءَ کانپوءِ هو ڀڃي ٽڪر ٽڪر ٿيندا هُئا. انهن ڀڳل

۽ ٽڪرا ٽڪرا ٿيل پٿرن کي آڻڻ نيڻ آسان هو. گهوڙا بار گاڏين ۾ پٿر ڍوئيندا هُئا. رڍون اڪيلا ٽڪر ڪٽي ايندڀون هيون. ايتري تائين جو مُريل ۽ بينجمن به پاڻ کي هڪ پراڻي گاڏي سان ٻڌو ۽ پنهنجي حصي جو ڪم ڪيو. اونهاري جي آخر تائين پٿرن جو چڱو تعداد گڏ ڪيو ويو هو ۽ پوءِ سوئرن جي نگرانيءَ ۾ اڏاوت جو ڪم شروع ڪيو ويو. اهو پڻ ڏاڍو ڏکيو ۽ آهستي آهستي هلندڙ مرحلو هو. اڪثر هڪڙي وڏي لسي پٿر کي ڪاڻ مان مٿي گهلي ڪڍڻ ۾ پورو ڏينهن لڳي ويندو هو. ۽ ڪڏهن وري ڪو پٿر ڪافي سخت هوندو هو ته پڃڻ جو نالو نه وٺندو هو. جيڪڏهن باڪسر نه هجي ها ته هي جانور ڪجهه به نه ڪري سگهن ها. هن جو ٻل ٻين مڙني جانورن جي برابر هو. جڏهن وڏو پٿر مٿي گهليندي وري هيٺ ترڪڻ لڳندو هو ته جانور به پيا پوئتي ڌڪبا هُئا. ۽ مايوسيءَ ۾ وٺي رڙيون ڪندا هُئا. انهيءَ سمي باڪسر ئي رسين کي پوري سگهه سان ڇڪيندو هو ۽ پٿر کي واپس هيٺ ڪِرڻَ کان بچائي وٺندو هو. جڏهن هو مٿي ويندڙ لاهي آهستي آهستي چڙهندو هو، ۽ سندس ساهه کڻڻ جا آواز پيا ٻڌبا هُئا ۽ سندس کرن جا چنبا ميدان ۾ کپيل هوندا هُئا، ۽ هُو پگهر ۾ شل ٿيل هوندو، تڏهن هر هڪ کيس تحسيني نگاهن سان پيو تڪيندو هو. ڪلوور ته کيس چتايو به هو ته هُو پاڻ کي ايترو هلاڪ نه ڪري. پر باڪسر هن جي ڳالهه ڏي ڌيان نه ڏريندو هو. هن جا ٻه نعرا يا مقولا " آئون اجان به وڌيڪ پورهيو ڪندس" ۽ "نيپولن هر وقت سچو آهي" مڙني مسئلن جو ڇڻ توڙ هُئا. هاڻي هن هڪ بانگائي ڪڪڙ کي اڌ ڪلاڪ اڳ جي جاءِ تي منو ڪلاڪ اڳ بيدار ڪرڻ لاءِ چئي ڇڏيو هو. پنهنجي واندڪائي وارين گهڙين ۾ جيڪي اڄ ڪلهه هونئن ئي تمام گهٽ هيون، هو اڪيلو اڪيلو کاڻ ڏي ويندو هو ۽ ٽٽل پٿرن کي گڏ ڪري، اڪيلي سر پن بجليءَ واري جاءِ ڏانهن ڪٽي ويندو هو.

پورهيو سخت هوندي به، اونهاري دوران، جانور ايڏي ابتر حالت ۾ ڪونه هُئا. جيڪڏهن وٽن جونز واري وقت کان وڌيڪ کاڌو نه هو، ته وري ان کان گهٽ به نه هو. عياش ۽ خرچائو پنجن ماڻهن جي پالنا ڪرڻ بجاءِ رڳو پنهنجي لاءِ ڪمائڻ وارو احساس اهڙو هو، جيڪو ٻين ناڪامين تي ڀاري

ٿي پيو. ڪن ڳالهين ۾ ڪم جو جانورن وارو طريقو وڌيڪ سقل ۽ محنت بچائيندڙ هو. مثال طور گڏ ڪڏڻ جهڙا ڪم جنهن ڪاملتا سان ٿيا ٿي، سا انساني هٿن وس نہ هُئي. ۽ وڌيڪ تہ هاڻي جانورن چوري نٿي ڪئي، سو زرعي زمين ۾ چراگاهن وچ ۾ لوڙهو وغيره رکڻ ضروري نہ رهيا هُئا. انهيءَ ڪري واڙ ٺاهڻ، لوڙهن يا دروازن جي سنڀال سڙي تي ڪپندڙ پورهيو بچي پيو. پوءِ بہ جڏهن اونهارو اڳتي رڙهيو تہ ڪافي اڻ ڏٺيون ڪميون پيشيون سامهون آيون. پارڻ جو تيل، ڪوڪا، رسا، ڪتن لاءِ بسڪوٽ، گهوڙن جي نالن لاءِ لوهہ وغيره کٽي ويا هُئا. اهي هن فارم ۾ نٿي پيدا ٿيا. اڳتي وري مصنوعي ڀاڻ ۽ ٻج، ٻين ڪيترن اوزارن ۽ ونڊ مل (پن بجلي) لاءِ مشنري جي ضرورت پيدا ٿي. اُهي شيون ڪيئن وٺيون هُيون، ڪنهن کي بہ پتو نہ هو.

هڪ آچر جي صبح جو جڏهن جانور حڪم وصولڻ لاءِ اچي مڙيا هُئا، نيپولن اعلان ڪيو هو تہ هن نئين پاليسي ٺاهي آهي. جنهن تحت هينئر کان جانورن جو فارم ٻين پاڙيسري فارمن سان واپار وڙو ڪندو. تجارتي مقصدن لاءِ نہ پر محض انهيءَ لاءِ تہ گهربل ۽ ضروري سامان حاصل ڪري سگهجي. هن چيو تہ پن بجليءَ جون ضرورتون، ٻين سڀني معاملن کان وڌيڪ اهم آهن. تنهنڪري هُو رکيل ڪٽڪ جو ڪجهہ حصو ۽ سڪل گاهہ وڪڻڻ جو انتظام ڪري رهيو آهي. اڳتي هلي جيڪر اجان بہ وڌيڪ روڪڙي جي طلب ٿي تہ ان جو پورائو بيضن جي وڪري مان ڪيو ويندو، جن جي ولنگڊن ۾ طلب آهي. نيپولن جو چوڻ هو تہ ڪڪڙيون انهيءَ قربانيءَ کي پن بجلي جي اڏاوت ۾ پنهن جي خاص حصيداري سمجهي ان کي پليڪار ڪنديون.

هڪ ڀيرو وري جانورن کي اڻ چٽي بي چينيءَ جو احساس ٿيو. ’انسانن سان ڪابہ ڏي وٺ نہ ڪئي ويندي، انهن سان واپار وڙ نہ ڪبو. پئسي جو استعمال نہ ڪيو ويندو‘ - جونز کي ڀڄائڻ کان پوءِ ٿيل فاتحانہ گڏجاڻيءَ ۾ اهڙا ٺهراءَ نہ پاس ڪيا ويا هُئا؟ مڙني کي ياد هو تہ اهي قرارداد منظور ڪيا ويا هُئا. يا سندن خيال هو تہ ڪين اهو سڀ ڪجهہ ياد هو. چئن نوجوان سوئرن، جن جڏهن نيپولن آچر گڏجاڻيون ختم ڪرڻ وارو حڪم صادر ڪيو هو، تڏهن احتجاج ڪيو، تن هينئر بہ ڊڄي ڊڄي آواز اٿاريو، پر

ڪتن جي خوفائتي گر ڪين چپ ڪرائي ولو. ان کان پوءِ جيئن متوقع هو، ردِن ٻاڪارڻ شروع ڪيو: ”چار ٽنگون سٺيون، ٻه ٽنگون بريون.“ ائين وقتي ڪُڏنگائي ختم ٿي ويئي. آخر ۾ نيپولن پنهنجي اڳين ٽنگ جو ڀِريون اڏ مٿي ڪنيو ۽ اعلان ڪيو ته هن اڳواٽ ئي سڀ بندوبست ڪري ڇڏيو آهي. ڪنهن به ٻئي جانور کي انسانن سان لهه وچڙ ۾ اچڻ جي ضرورت نه آهي، ۽ اها ڳالهه هونئن به مناسب ڪانهي. هن صاحب سڄو بار پنهنجي ڪلهن تي کنيو هو. ولنگڊن ۾ رهندڙ هڪ وڪيل مسٽر ومپر ان لاءِ راضي ٿيو آهي ته هو هن فارم ۽ ٻي دنيا وچ ۾ ٿياڪڙي ڪري. هو هر سومر جو فارم ۾ اچي ان حوالي سان ضروري هدايتون حاصل ڪندو. نيپولن پنهنجي تقرير جي پڇاڙي معمول واري رڙ ”جانور فارم زنده باد“ سان ڪئي. گيت ڳائي جانور پوءِ ڇڙوڇڙ ٿي ويا.

ان کان پوءِ اسڪئيلر فارم جو چڪر هنيو ۽ جانورن جون غلط فهميون دور ڪيون. هن انهن کي پڪ ڏياري ته واپار نه ڪرڻ توڙي پئسو نه استعمالڻ ڪرڻ وارو ٺهراءُ ڪڏهن به پاس نه ٿيو هو ۽ نه ئي ڪنهن ائين صلاحيو هو. اهو محض ڪنهن جو خام خيال آهي. ممڪن آهي اهو به سنوبال جي ڦهلايل ڪوڙن مان ڪو هڪڙو ڪوڙ هجي. ڪي جانور اڃا به ٿورو ٻڏتر ۾ هُئا، سو اسڪئيلر کين ڏاڍي چترائيءَ سان چيو ته ”اوهان کي پوري پڪ آهي ته اوهان اهو خواب ۾ نه ڏٺو آهي؟ ته پوءِ توهان وٽ انهن ٺهرائن جو ڪو رڪارڊ آهي، ۽ اهو ڪٿي لکيل آهي. سچ ته اهو آهي ته اهڙي ڳالهه ڪنهن به لکت ۾ نه آهي.“ اهو ٻڌي جانور مطمئن ٿي ويا. هنن کي پڪ ٿي ته هو غلطيءَ تي هُئا.

هر سومر تي مسٽر ومپر فارم جو دورو ڪندو هو. هو ننڍي قد وارو ۽ ڏسڻ ۾ عيار شخص ٿي لڳو. هن جي ڪياڙي جي پاسن کان وڏا وار هُئا. هو بظاهر ته ننڍو وڪيل هو، پر ايترو زيرڪ هو جو کيس احساس هو ته ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن جانور فارم وارن کي ٿياڪڙ جي گهرج پوندي ۽ انهيءَ ڪم ۾ ڪميشن به مناسب حاصل ٿيندي. جانور هن جي اچ وڃ کي دهشت وچان ڏسندا هُئا ۽ هن کان هر طرح پاسو پيا ڪندا هُئا. البت چئن ٽنگن واري جيو نيپولن پاران ٻن ٽنگن واري جيو مسٽر ومپر کي حڪم

ڏيڻ وارو نظارو منجھن فخر جا جذبا جاڳائيندو هو ۽ نئين بندوبست سان سهمت ٿيڻ ۾ کين مدد ڏيندو هو. انساني نسل ساڻ سندن ناتا اڳوڻي نوع جهڙا نه هُئا. انسانذات اڳ کان وڌيڪ هن فارم سان نفرت ڪندڙ هُئي. هر انسان پاران اهو وسهڻ چڻ انجي ايمان جو جزو هو ته دير سوير هن فارم جو ڏيوالو نڪرڻو هو. ٻيو ته پن بجليءَ جو منصوبو ناڪام ٿيڻو هو. اُهي مئخانن ۾ جڏهن گڏبا هُئا ته نقشن جي مدد سان هڪ ٻئي کي ثابت ڪري ڏيکاريندا هُئا ته پن بجليءَ جو ڍانچو ڍهي پٽ ٿيڻو آهي، پر جيڪر بيهي به رهيو ته ڪم ڪرڻ جوڳو نه هوندو. پر پوءِ به، نه چاهيندي به، منجهن جانورن پاران پنهنجا مامرا اڪلائڻ واري خاصيت لاءِ عزت پريا جذبا ڪرڪڻ ٿي لڳا. ان جي پهرئين نشاني اُها هُئي ته هاڻي هنن مئنر فارم کي جانور فارم ئي ڪوٺڻ شروع ڪيو هو. هنن هاڻ مسٽر جونز جي حمايت به گهٽائي ڇڏي هُئي. ان صاحب به فارم واپس ورڻ جي آس ترڪ ڪري ملڪ جي ٻئي ڇيڙي ۾ وڃي رهائش اختيار ڪئي هُئي. ومپر کان سواءِ هن فارم ۽ ٻي دنيا وچ ۾ ڪو به رابطو نه ٿيو هو. پر هاڻي اهي افواهه به برابر پکڙيل هُئا ته نيپولن جلد از جلد فاڪسوڊ جي مسٽر پلڪنگٽن يا پنجفيلڊ جي مسٽر فريڊرڪ سان واپاري معاهدو ڪرڻ وارو هو- البت اهو محسوس ڪيو ويو ته هڪ ئي وقت ٻنهي سان اهڙو معاهدو نه ڪيو ويندو.

انهيءَ زماني ۾ اوچتو سوئرن فارم هائوس جي عمارتن اندر رهائش ڪئي. تڏهن ٻين جانورن کي ياد پيو ته انهيءَ فارم هائوس کي رهڻ واسطي استعمال نه ڪرڻ جو ٺهراءُ منظور ٿيل هو. پر وري اسڪئيلر کين اهو مڃرائڻ ۾ ڪامياب ٿيو ته اهو قصو ائين نه هو. هن جانورن کي ٻڌايو ته اهو اشد ضروري آهي ته سوئر صاحبان، جيڪي فارم جو دماغ آهن، ڪم ڪار پر سڪون ماحول ۾ ڪن. ٻيو ته ليڊر (ويجهڙ ۾ هُو نيپولن جو ذڪر انهي لقب تحت ڪندو هو) جي عظمت جي خيال کان ضروري هو ته هو سوئرن جي واڙي ۾ رهڻ بدران ڪنهن گهر ۾ اچي رهي. جانور پريشان ٿيا، جڏهن کين خبر پئي ته نه رڳو سوئر بورچيخاني ۾ ويهي کاڌو کائين ٿا ۽ ڊرائنگ روم ۾ ڊاٻو ڪن ٿا، پر ساڳئي وقت رات جو بسترن ۾ سمهن ٿا. باڪسر ته انهيءَ خبر تي ڪو ڌيان نه ڌريو ۽ ”نيپولن هر وقت سچو آهي“ جو

نعرو هنيو، پر ڪلوورجو خيال هو ته ڪيس ياد آهي ته بسترا نه استعمالڻ جو قرارداد منظور ڪيو ويو هو. هوءَ ڀانديءَ جي ڇيڙيءَ ڏي ويئي ۽ لکيل ستن حڪمنامن کي جانچڻ لڳي، پر ڪيس انفرادي اکرن کان سواءِ ٻيو ڪجهه پڙهڻ ۾ نٿي آيو، سو هو مريل کي وٺي آئي.

"مُريل،" هن چيو، "چوٿون حڪم ته پڙهه. ڇا ان ۾ اهو نه آهي چيل ته بسترا ڪڏهن به استعمال نه ڪيا ويندا؟

ڪجهه تڪليفن سان مُريل اهو پڙهي ٻڌائڻ لڳي ته "اهو چوي ٿو ته ڪوبه جانور چادر سان بستري ۾ نه سمهندو."

ڪلوور کي عجب لڳو ته اڳ انهيءَ حڪم ۾ چادر جو ذڪر نه هو پر جيئن ته اهو ديوار تي لکيو پيو آهي، سو ائين ئي هوندو. ۽ اسڪئيلر جيڪو اتفاق سان اُتان اچي لنگهيو، تنهن معاملي کي صحيح تناظر ۾ سمجهائڻ جو جتن ڪيو.

"ته ڪامريڊو توهان ٻڌو آهي اسان سوئر فارم هائوس جي بسترن ۾ سمهي رهيا آهيون. يقيني طور اوهان ڀانيو ٿا ته بسترن ۾ سمهڻ جي خلاف اڳ ۾ حڪم نامو تاهيل هو. بستري مان مُراد آهي سمهڻ جي جاءِ. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته ڪکن جو ڍير به هڪ بسترو آهي. حڪم رڳو چادرن جي استعمال خلاف ڏنل هو، جيڪي انساني ايجادون آهن. اسان فارم هائوس جي بسترن مان چادرون ڪڍي ڇڏيون آهن ۽ رڳو اسان رلين يا ڪٽن ۾ سمهندا آهيون. اهي بيشڪ آرام ده بستر آهن، پر ڪامريڊو آئون اوهان کي عرض ڪندو هلان ته اڄ ڪلهه جيترو اسان ذهني پورهيو ڪريون ٿا، تنهنجي پيٽ ۾ هي آرامده ڪونه آهن. ڪامريڊو! ڇا اوهان اسان کان توريون آسائشون کسڻ چاهيو ٿا. توهان چاهيو ٿا ته اسان ڪم ڪار ڪري ٿڪل رهون؟ اوهان مان ڪير گهرندو ته مسٽر جونز واپس وري؟"

اهو نڪتو هنن کي مطئمن ڪرڻ لاءِ ڪافي هو. سو هنن سوئرن پاران بسترن ۾ سمهڻ واري عمل تي وڌيڪ ڳالهائڻ کان پاسو ڪيو. ۽

جڏهن ڪجهه ڏينهن بعد اهو اعلان ٿيو ته ’سوئر ٻين جانورن جي پيٽ ۾ هڪ ڪلاڪ پوءِ ننڊ مان سجاڳ ٿيندا‘ ته ڪنهن به ان تي شڪايت نه آوازي.

سرءُ جي مند تائين جانور ٿڪجي پيا هُئا، پر پوءِ به خوش هُئا. سندن سال ڪافي ڏکيو گذريو هو ۽ گاهه ۽ اناج جي ڪجهه حصي جي وڪري کان پوءِ سياري لاءِ خوراڪ جو ذخيرو جهجهو نه هو، پر پن بجليءَ جو منصوبو هر ڪميءَ لاءِ توڙ هو. اهو ذري گهٽ اڌوگابرو جڙي راس ٿيو هو. لاباري کان پوءِ موسم خشڪ بنجي ويئي. جانورن کي وڌيڪ ڪشالو ڪرڻو تي پيو. انهن ائين تي سوچيو ته جيڪر سندن پٿر ڍوئڻ جي ڪشٽ سان هڪ فوٽ به اڏاوت مٿي تي ٽِپي ته اهو پورهيو سندن لاءِ سجايو هو. باڪسر هاڻي ته رات جو ڪم تي ٿي چڙهيو ۽ چانڊوڪيءَ ۾ به ڪلاڪ ڪم تي ڪيائين. فارغ وقت ۾ جانور اڌ ٿهيل ونڊمل جو چڪر هڻڻ ويندا هُئا. هُو ديوار جي سگهه ۽ اُڀائي کي ساراهيندا هُئا ۽ سندن پاران ديو قامت عمارت ڪڙي ڪرڻ تي اچرج ۾ پوندا هُئا. رڳو پوڙهو بينجمن ئي هو، جيڪو ان کان لا تعلق هو ۽ ڪنهن به جوش جو اظهار نه ڪندو هو. هو پنهنجو اهو پراسرار مقولو ورجائيندو هو ته ’گڏهه وڏي ڄمار جيئندا آهن.‘

نومبر جو مهينو آيو ته ان سان ڏکڻ-اولهه واريون هوائون به گهليون. اڏاوت جو ڪم رڪجي ويو. ڇو ته آلاڻ ۾ سيمنٽ گڏڻ ممڪن نه هو. آخرڪار هڪ رات اهڙي به آئي، جنهن ۾ آيل طوفان ايترو ته خطرناڪ هو، جو فارم جي جاين جا بنياد لُڏي ويا ۽ ڀانڊي جي ڇت مان ڪيترين سرون اڏامي ويون. ڪڪڙيون ننڊ مان ڇرڪ ڀري اٿيون ۽ ڊپ ۾ آوازڻ لڳيون، ڇو ته سڀ ئي ننڊ ۾ خواب ڏسي رهيون هيون. ۽ هنن کي ڄڻ ڀري ڪان بندوق ڇٽڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. صبح جو جڏهن جانور ننڊ مان اٿيا ته ڇا ڏٺائون ته جهنڊي جي لٺ هيٺ ڪري پيئي آهي ۽ باغ ۾ لڳل جهنگلي وڻ پاڙئون اکڙيو پيو هو. اڃان انهن اهو ئي ڏٺو هو ته هر جانور جي وات مان دانهن نڪري ويئي. سندن اڳيان وارو نظارو ڏاڍو هيبت ناڪ هو. پن بجلي ڪارخانو تباهه ٿيل هو. سڀ ونئي اوڏانهن ڀڳا. نيپولن جيڪو ڪڏهن نه ڊوڙيو هو، تنهن وٺي لُوهہ پاتي. هائو سندن محنتن جو ثمر ۽ سخت ڪشالن

سان ٽوڙي ڪنيل پٿر وکريا پيا هُئا ۽ ونڊمل جا بنياد ڏٺا پيا هُئا. ٽڙيل پکڙيل پٿرن کي ڏک سان ڏسندي جانوور ڄڻ گونگا بنيل هُئا. نيپولن خاموش بنيو هيڏانهن هوڏانهن هلندو رهيو ۽ ويچاريندو رهيو. اوچتو هو هڪ هنڌ بيهي رهيو، ڄڻ هن پنهنجو ذهن ڪنهن نڪتي تي ٺاهي ڇڏيو هجي.

”ڪامريڊو، “ هن ٺڏائي سان چيو، ”اوهان کي خبر آهي ته هيءَ ڪارستاني ڪنهنجي آهي؟ توهان کي ان دشمن جي ڄاڻ آهي، جيڪو رات ۾ هتي اچي هن کي ڊاهي ويو آهي. اهو آهي سنوبال.“ هن گجگوڙ ڪندي چيو، ”سنوبال ئي هيءُ سڀ ڪجهه ڪيو آهي. غدار رات جي اونداهيءَ ۾ هتي آيو ۽ اسان جي سڄي سال جي پورهئي کي غارت ڪري ويو آهي. ڪامريڊو! آئون هتي جو هتي اعلانيان ٿو ته هُن کي موت جي سزا ڏني وڃي. هن کي جيڪو ٺڪاڻي لڳائيندو ان کي جانور هيرو سيڪنڊ ڪلاس جو پلو ۽ اڌ مڻ صوف تحفي ۾ ڏنا ويندا. جيڪو کيس زنده پڪڙي ايندو، سو هڪ مڻ صوف جو حقدار بنبو.“

جانور اهو پڌي صدمي ۾ وٺجي وييا ته اهڙي تباهيءَ جو آٽيندڙ سنوبال هو. سيئي ڪروڌ ۾ وٺجي ويا ۽ سوچڻ لڳا ته جڏهن هو پيهر اچي ته کيئن کيس پڪڙيو وڃي. ان کان پوءِ جهٽ ۾ ئي ٽڪريءَ جي پر ۾ گاه ۾ ڪنهن سوئر جي پيرن جا نشان لڌا ويا. اهي نشان چند والن تائين هلندڙ هُئا ۽ انهن جو رخ لوڙهي جي سوراخ ڏانهن هو. نيپولن انهن کي چڱي طرح سونگهي ڏٺو ۽ اعلان ڪيو ته هي نشان سنوبال جا آهن. هن وڌيڪ اهو به چيو ته امڪان آهي ته سنوبال فاڪسوڊ فارم جي پاسي کان آيو هجي.

”وڌيڪ دير ڪرڻ مناسب نه آهي.“ پيرن جي نشانن کي جانچڻ بعد نيپولن چيو، ”اسان کي ڪم ڪرڻو آهي. اڄ صبح کان ئي اسان پيهر اڏاوت جو ڪم شروع ڪريون ٿا. اسان سياري توڙي اونهاري، مينهن ۾ يا سج جي تپش ۾ اهو ڪم جاري رکنداسون. اسان انهيءَ غدار کي سبق سيکارينداسين ته اسان کي آسانيءَ سان مٽائي نٿو سگهجي. ڪامريڊو، ياد رکو ته اسان جي رٿا ۾ تبديلي نه ايندي، اها جيئن جو تيئن عمل ۾ آڻبي. ڪامريڊو! اڳتي وڌو! ونڊمل زنده باد. اينيمل فارم زنده باد.“

# باب ستون

سيارو ڪافي سخت هو. طوفاني موسم ڪانپوءِ وري برفباري ٿي ۽ ڳتڻ جو مينهن وسيو. پوءِ وري سخت پارو پيو، جيڪو فيبروري تائين هلندو رهيو. جانور پڻ بجلي جي نئين سر اڏاوت ۾ مگن رهيا ۽ هو انهيءَ حقيقت کان با خبر هُئا ته ٻاهرين دنيا کين ڏسي رهي هُئي ۽ ٻيو ته ڪم کي وقت اندر پورو نه ڪرڻ باعث حاسد انسان ذات خوش ٿيندي ۽ جشن ملهائيندي.

ڪيني مان، انسانذات اهو ڏيکاءُ ٿي ڏنو ته کين اهو ويساهه ۾ نٿو اچي ته ونڊمل کي سنوبال اکوڙيو آهي. انهن جي راءِ ۾ اها انهيءَ لاءِ ڊهي پيئي هُئي جو ان جون ڀتيون سنهيون هيون. سو هن ڀيري فيصلو ڪيو ويو ته 18 انچن جي جاءِ تي، ڀتين جي ويڪر ٽي فوٽ رکي ويندي. انهيءَ حساب سان هن ڀيري وڌيڪ پٿرن جي گهرج پيدا ٿي. گهڻي وقت تائين ته کاڻ برف سان ڀريل هُئي. ان ڪري ڪم بند هو. جڏهن خشڪ ٿڌ شروع ٿي ته پوءِ ئي ڪجهه پيش رفت ٿي. پر اهو ڪم ڏاڍو اڙانگو هو ۽ ان حوالي سان جانور ايڏو پراميد ڪونه هئا، جيترو اڳي رهندا هُئا. کين نه رڳو سيءَ جڪڙي ورتو هو، پر هُو هاڻي بکايل به رهندا هُئا. رڳو باڪسر ۽ ڪلوور نراس نه ٿيا. اسڪئيلر پورهئي جي عظمت، خدمت جي مزي تي ڏاڍيون عاليشان تقريرون ڪيون، پر جانور وڌيڪ اتساهه باڪسر جي ٻل ۽ هن جي اڻ ڪُتِ نعري ته ”آئون اڃان به وڌيڪ پورهيو ڪندس“ مان ٿي ماڻي.

جنوريءَ ۾ خوراڪ گهٽجي ويئي. اناج جي راشن ۾ گهٽتائي آندي ويئي ۽ اعلان ڪيو ويو ته اناج جي کوٽ جو پورائو پٽاٽن جي وڌيڪ راشن سان ڪيو ويندو. پوءِ اهو ڄاتو ويو ته پٽاٽي جي فصل جو وڏو حصو صحيح طرح نه ڍڪجڻ جي ڪري پاري جي نظر ٿي ويو هو. پٽاٽي جو نه صرف رنگ خراب هو، پر اهي وڌيڪ نرم ٿي ويا هُئا. ۽ ڪي ٿورڙا کائڻ جوڳا هُئا. ڪڏهن ڪڏهن ته جانورن کي گهڻا ڏينهن ٿلهي ٻهه يا گوگڙوئن جي چاري تي گذارن ٿي ڪرڻو پيو. بک ۽ بدحالي کين گهوري رهي هُئي.

اهو هاڻي ضروري ٿي پيو هو ته اها حقيقت دنيا وارن کان لڪائي وڃي. پر بجلي جي ڍهي پوڻ کان پوءِ انسان هن فارم متعلق تمام گهڻا نوان ڪوڙ گهڙي رهيا هئا. هڪ دفعو وري اهو هُلايو ويو ته جانور ڏڪار ۽ بيمارين وگهي مري رهيا آهن ۽ پاڻ ۾ مسلسل جهيڙيندا رهن ٿا. آدم خوري توڙي صغير خوري به ڪندا رهن ٿا. نيپولن انهيءَ حقيقت کان باخبر هو ته جيڪر حقيقي صورت جي ٻاهرين دنيا کي خبر پيئي ته ان جا برا نتيجا نڪرندا، ان ڪري هن مسٽر ومپر جي وسيلي ان جي ابتڙ اهڙو تاثر ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. هيستائين ومپر سان جانورن جو رابطو نه هئڻ برابر هو، پر هاڻي ڪجهه چونڊ جانورن، خاص ڪري رڍن کي سيکاريو ويو ته هُو ومپر جي موجودگيءَ ۾ اهو چون ته هاڻي ته پاڻ راشن به وڌايو ويو آهي. نيپولن اهو حڪم ڏنو ته اسٽور ۾ رکيل گُندين ۾ پهرئين واري پري، پوءِ ان مٿان ان ۽ ماني رکي وڃي. پوءِ ڪنهن مناسب بهاني سان ڪيس اتي آندو وڃي ته جيئن هو ڀريل گُندين جو نظارو ڪري ۽ اها ڳالهه ٻاهرين دنيا کي وڃي ٻڌائي. هو دوکي ۾ اچي ويو ۽ اهو سڀ ڪجهه جو هو مٿان مٿان ڏسندو ۽ ٻڌندو هو، سو وڃي ٻاهر ٻڌائيندو هو ته هن فارم ۾ غذا جي کوٽ بلڪل ڪانهي.

ان هوندي به جنوريءَ جي آخر تائين اهو واڪو ٿي ويو ته ڪٿان نه ڪٿان اناج وٺڻو پئجي ويندو. انهن ڏينهن ۾ نيپولن ورلي ڪو عام جاين تي ظاهر ٿيندو هو، هو گهڻو وقت فارم هائوس ۾ گهاريندو هو، جنهن جي هر دروازي تي خونخوار ڪتا چوڪيدار ٿي بيٺل هُئا. هُو جڏهن به ٻاهر نڪرندو هو ته جلوس جي شڪل ۾ ڇهن ڪتن جي گهيري ۾ نڪرندو هو. جيڪڏهن ڪو ڪيس ڪم چوڻ چاهيندو هو ته اهي ڪتا گرڻ شروع ڪندا هُئا. اڪثر هو آچر جي صبح جو به ظاهر نه ٿيندو هو، پر پين سوئرن خاص ڪري اسڪئيلر جي وسيلي پنهنجا حڪم صادر ڪندو هو.

هڪڙي آچر جي ڏينهن اسڪئيلر اچي اعلانيو ته ڪڪڙيون، جن بيضا لاهڻ شروع ڪيا هُئا، سي پنهنجي بيضن تان هٿ کڻن. نيپولن ومپر جي ذريعي هر هفتي چار سو بيضا وڪڻڻ جو معاهدو ڪيو آهي. انهيءَ

وڪري مان ٿيندڙ آمدني مان ڪافي اناج ۽ ماني ملي پوندي، جنهن سان گرمين تائين يا سٺين حالتن پيدا ٿيڻ تائين گذارو ٿي ويندو.

جڏهن ڪڪڙين جو اهو ٻڌو ته هنن وڏي هاءِ گهوڙا مچائي. ڪين چتايو ويو ته اها قرباني بيحد ضروري آهي، پر انهن کي اعتبار ئي نٿي آيو ته ائين به ٿيندو. اُهي ته بهار جي آري لاءِ پر ساهي رهيون هيون ۽ انهن جي خيال ۾ هاڻي بيضا ڏئي چڏڻ قتل ڪرڻ برابر ٿيندو. جونز جي ياچ بعد پهريون پيرو بغاوت جا آثار ٿي نظر آيا. ٽن ڪارين پهريات ڪڪڙين جي اڳواڻي ۾ انهيءَ حڪم کي ناڪام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هنن طريقو اهو اختياريو هُئو ته اهي مٿي اڏامي ڪاين تي ويهي بيضا لاهينديون هيون، جيڪي پٽ تي ڪري پچي پوندا هئا. نيپولن جو جوابي قدم به تڪڙو ۽ ڦهري هو. هن حڪم ڏنو ته ڪڪڙين جو راشن بند ڪيو وڃي. ڪوبه جانور جيڪر ڪڪڙين کي اناج جو داڻو ڏيندو ته انهيءَ کي موت جي سزا ڏني ويندي. ڪتن انهيءَ حڪم جي پوئيواري جي نگراني ڪئي. پنج ڏينهن ته ڪڪڙيون باغي رهيون، پر پوءِ پيش پيون ۽ اصلي خانن ڏي ويون. انهيءَ دوران نو ڪڪڙيون ته مري کپي ويون. انهن کي باغ ۾ پوريو ويو ۽ چيو ويو ته اُهي آنڊن ۾ خرابيءَ واري بيماري وگهي مُيون آهن.

ومپر کي انهيءَ صورتحال جي ڪڙڪ به ڪانه پئي، هن کي بيضا وقت تي پهچايا ويا. دڪاندارن جو گاڏو هر هفتي اچي بيضا کڻي ويندو هو.

انهيءَ عرصي ۾ سنوبال بابت وڌيڪ ڪجهه به نه ڏٺو يا ٻڌو ويو. افواهه هُئا ته هو ٻنهي مان ڪنهن هڪ فارم ۾ لڪل هو. نيپولن ان وقت تائين ٻنهي فارمن سان ناتا سڌاري چڪو هو. فارم ۾ عمارتي ڪاٺ جو چڱو خاصو ڍڳ پيو هو. جيڪو ڏهاڪو سال اڳ ڪناري واري ٻُڙي ختم ڪندي سٿيو ويو هو. اجان به اهو استعمال لائق هو. ان ڪري ومپر نيپولن کي صلاحيو ته ان کي کپائي ڇڏي. ٻئي جاگيردار مسٽر پلڪنگٽن ۽ مسٽر فريڊرڪ ان کي خريدڻ لاءِ آتا هُئا. نيپولن دل من هٽي رهيو ته هو ڪنهن کي اهو ڪاٺ وڪڻي ڏئي. ڏٺو ويو ته هُو جڏهن فريڊرڪ کي کپائڻ جو ذري گهٽ فيصلو ڪرڻ وارو هو ته پڌرو ٿيو ته سنوبال فريڊرڪ جي فارم

فاڪسوڊ ۾ لڪل هو. يا وري هُن پلڪنگٽن کي ڪپائڻ جو ارادو ٿي ڪيو ته هُلايو ٿي ويو ته سنوبال پنچفيلڊ ۾ لڪل آهي.

اوچتوئي اوچتو بهار جي شروع ۾ هڪ خطرناڪ ڳالهه جاتي ويئي: سنوبال لڪي ڇپي رات وڳڙي ۾ فارم تي ايندو ويندو رهيو آهي. اهو ٻڌي فارم جا جانور ايترا ته پريشان ٿيا، جو اُهي پنهنجي وٿاڻن ۾ سمهي نه سگهيا. اهو چيو ويو هو ته هُو هر رات جو اونداهيءَ ۾ فارم ۾ اچي ٿو ۽ هر طرح جون شيطان گيريون جهڙوڪ ان چورائڻ، کير جون ٻاڙديون الٽائڻ، بيضا ڀڃڻ، ٻيجي وارن ٻارن کي وڃائڻ ۽ ميون جي وڻن جا چوڏا لاهڻ وغيره هن جو معمول آهن. جڏهن به ڪا ڳڙ ٻڙ ٿي ٿِي ته عام طرح ان جو الزام سنوبال تي ٿي مڙهيو ويو. جڏهن ڪا دري ٽٽي يا نالي بند ٿي ته لازمن ڪنهن آوازيو ٿي ته سنوبال رات وچ ۾ آيو هوندو ۽ اها ڪارستاني سر انجام ڏني هوندائين. جڏهن ڀانڊي جي چاٻي گم ٿي ويئي ته سڄي فارم کي پڪ هُئي ته سنوبال ان کي کوه ۾ اڇلائي ڇڏيو آهي. عجيب ڳالهه اها ٿي ته وڃايل ڪنجي ملڻ کان پوءِ به جانور انهيءَ کوه ۾ اڇلائڻ واري ڳالهه تي اعتبار رکندا آيا. ڳئن يڪمشت تي دعوي ڪئي، ته سنوبال سندن وٿاڻ ۾ اچي ٿو ۽ کين ڏهي ٿو. ڪوئا، جيڪي هن سياري ۾ آزار بنيا رهيا، تن لاءِ چيو ويو ته اُهي سنوبال جا ساٿاري آهن. نيپولن حڪم ڏنو ته سنوبال جي سرگرمين جي مختلف نمونن سان جانچ ورتي وڃي. ڪتن جي سايي ۾ هُو سنيري نڪتو ۽ فارم جي مڙني جاين جي چڪاس ڪئي، ٻيا جانور هن کان مرعوب ٿي ڪجهه فاصلي تي رهيا. هر قدم تي هو رڪيو ٿي ۽ پٽ کي ٿي سونگهيائين، چو ته هو سنو بال جي پيرن جي نشانن کي سونگهي سمجهي ٿي ويو. هن ڀانڊي، ڪڪڙين جي کڏين ۽ ڀاڄين واري ٻني جي هر ڪنڊ ۾ سونگهي ڏنو ۽ هر جاءِ ان کي سنوبال جا پيرا نظر آيا. هو پنهنجو ٻوٿ پٽ تي هُٽي سونگهيندو رهيو، پوءِ اوچتو ڊيڄارينڌڙ نموني رڙ ڪندي چيو ته ”سنوبال هتي آيو آهي. آئون هن جا پيرا سونگهي سڃاڻان ٿو.“ ڪتن سنوبال جو لفظ ٻڌنڏي ئي رت سڪائيندڙ ٻونڪ شروع ڪئي ۽ پنهنجا پاسيرا ڏگها ڏند ٿي ڏيکاريائون.

جانور تمام گهڻو ڊنل هُئا. انهن کي لڳو ٿي ته ڄڻ سنوبال وٽ ڪا غيبي قوت آهي، ۽ هو هوا ۾ ڦهليو، هنن لاءِ هر طرح جا خطرا ٺاهي رهيو هو.

شام جو اسڪئيلر سيني کي سڏيو ۽ چهري کي ڏيڄاريندڙ نموني ۾ ٻڌايو ته هن کي اڪيلائي ۾ هڪ سنجيده خبر ٻڌائڻي آهي.

”ڪامريڊو،“ هن رڙ ڪندي ۽ ٽپا ڏيندي چيو، ”انتهائي خراب ڳالهه معلوم ٿي آهي. سنوبال پاڻ کي پنچفيلڊ جي مسٽر فريڊرڪ وٽ وڪڻي ڇڏيو آهي، جيڪو هاڻي اسان تي حملو ڪرڻ ۽ فارم کي واپس وٺڻ لاءِ ستون پيو سٽي. ان حملي ۾ سنوبال هن جو سونهون بڻجي ڪم ڪندو. پر اڃان به بري خبر ٻي آهي. اسان سمجهيو پئي ته سنوبال جي بغاوت ۾ شرڪت هن جون وڏيون خواهشات ۽ توقعات هيون، پر اسين غلط هُئاسون. ڪامريڊو! اوهان کي اصلي سبب جي خبر آهي؟ سنوبال ته شروع کان ئي جونز جو ٻيلي هو. هُو هن جو جاسوس هو. هن جيڪي ڊاڪيومينٽ پوئتي ڇڏيا آهن. تن مان اهو ثابت ٿيو آهي ۽ ڇاتوويو آهي. ڪامريڊو، انهيءَ مان ڪافي ڳالهيون سمجهه ۾ اچن ٿيون. اسان نه ڏٺو هو ته هن ڪيئن ڪوشش ڪئي هُئي اسان کي ڳئن جي واڙي واري جنگ ۾ شڪست ڏيارڻ جي، پر اسان ان ۾ سوڀارا ٿياسون.“

اهو ٻڌي جانورن جا هوش حواس خطا ٿي ويا. اهو عمل ته ونڊمل کي تباهه ڪرڻ کان وڌيڪ ڪريل هو. ڪجهه گهڙين کان پوءِ هو سامت ۾ آيا. هنن کي ياد آيو، يا هنن سمجهيو ته کين ياد آيو آهي، ته ڪيئن هر موڙ تي سنوبال جنگ ۾ سيني کي همٿايو ٿي ۽ يڪجا ڪيو ٿي. جونز جي بندوق جي ڇرن سندس پُٺِ کي گهائي وڌو هو، پر هو هڪ گهڙي به نه رڪيو هو. پهرئين ته اها سار سنوبال جي جونز جو ساٿي هئڻ واري ڳالهه سان ٺٿي ٺهڪي آئي. ايتري تائين جو باڪسر جيڪو سوال نه ڪندو هو، سو به منجهيل هو. هُو ويهي رهيو ۽ اڳيان کر هيٺ رکيا ۽ اکيون بند ڪري پنهنجي ويچارن کي ترتيب ڏيڻ لڳو.

”مونکي ويساهه ۾ نٿو اچي. سنوبال انهيءَ جنگ ۾ بهادريءَ سان وڙهيو. مون کيس پاڻ جهيڙيندي ڏٺو هو. اسان کيس اينيمل هيرو فرسٽ ڪلاس جو تغمو به ڏنو هو.“

”اها اسان جي غلطي هُئي ڪامريڊو! چو ته هاڻي اسان کي خبر پئي آهي. اهو سڀ هن جي دستاويزن ۾ لکيل هو. حقيقت ۾ هُو اسان جي خاتمي ڏانهن جنگ کي ڇڪي رهيو هو.“

”پر هو ته زخمي به ٿيو هو. اسان سڀني هن کي خون ۾ لت پت ڏٺو هو.“

”اهو ته اڳواٽ بندوبست جو نتيجو هو.“ اسڪئيلر رڙ ڪندي چيو، ”جونز جو ڏڪ ته رڳو هن کي چامائون لڳو هو. آئون اوهان کي هن جي پنهنجي لکت ۾ اهو ڏيکاريندس. رٿا اها ڪيل هُئي ته اهم مرحلي تي سنوبال ڀاڄ جو اشارو ڪري ها، ۽ پوءِ هي پنيون دشمنن حوالي ٿين ها. هو ذري گهٽ ان ۾ ڪامياب به ٿيو هو – آئون ته ائين چوندس ته هو ڪاميابي ماڻي وٺي ها، جيڪر اسان جو بهادر اڳواڻ ڪامريڊ نيپولن اُتي نه هجي ها. توهان کي ياد نه آهي ته جڏهن جونز ۽ ان جا ماڻهو ميدان ۾ گهڙيا ته سنوبال ۽ ڪجهه جانور پوئتي وري ڀڄڻ لڳا هُئا. اوهان کي ياد نه آهي ته انهيءَ گهڙي جڏهن افراتفري هُئي ۽ هر شيءِ هٿن مان وڃي رهي هُئي، تڏهن ڪامريڊ نيپولن ”انسان مرده باد“ جا نعرا هڻندو اڳتي وڌيو هو، ۽ جونز جي ٽنگن ۾ پنهنجا ڏند ٿنبيا هُئائين. يقينن اهو اوهان کي ياد هوندو.“ اسڪئيلر ٽپندي ڪُڏندي اهو سڀ ڪجهه جولان ۾ چيو.

هاڻي جڏهن اسڪئيلر انهيءَ تز نموني منظر ڪشي هُئي ته اهو لڳو ته جانورن کي اهو ياد اچي ويو هو. بهرحال ڪين ياد آيو ته انتهائي نازڪ مرحلي تي سنوبال ڀڄڻ لڳو هو. پر باڪسر اجان به بي آرام هو.

” آئون نٿو اعتبار ڪريان ته شروع ۾ سنوبال ڪو غدار هو.“ هن آخر چيو، ”ان کان پوءِ هن جيڪو ڪيو سو ٻي ڳالهه آهي. پر آئون سمجهان ٿو ته هو انهيءَ جنگ ۾ سنو ساٿي هو.“

”اسان جي اڳواڻ ڪامريڊ نيپولن“ اسڪئيلر آهستگيءَ ۽ پختگيءَ سان اعلانيو ته ”صاف لفظن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته سنوبال اول ڏينهن کان جونز جو همراهه هو. هائو بغاوت جي سوچ ويچار کان به اڳ.“

”اها ٻي ڳالهه آهي“ باڪسر چيو، ”جيڪر ڪامريڊ نيپولن ائين چوي ته اهو صحيح هوندو.“

”اها ئي صحيح سوچ آهي. ڪامريڊو!“ اسڪئيلر وڏي واڪ چيو، پر اهو نوٽ ڪيو ويو ته هنن ننڍين چمڪندڙ اکين سان باڪسر کي حقارت سان ڏٺو. هو وڃڻ لاءِ مڙيو، ته وري رڪيو ۽ متاثر ڪندڙ نوع ۾ چيائين ”آئون هر جانور کي چتايان ٿو ته اهي هوشيار رهن چو ته اسان سمجهون ٿا ته سنوبال جا ايجنٽ اسان جي وچ ۾ آهن.“

چار ڏهاڙا پوءِ، لڙيءَ شام جو، نيپولن حڪم ڪيو ته سڀ جانور ميدان ۾ اچي گڏ ٿين. جڏهن سڀ ڪٺا ٿيا ته نيپولن فارم هائوس مان ٻاهر آيو. ڪيس ٻئي تغما (هن تازو پاڻ کي ”جانور جو هيرو فرسٽ ڪلاس“ ۽ ”جانور جو هيرو سيڪنڊ ڪلاس“ جا تغما ڏنا هُئا) پهريل هُئا. ۽ نَوَ ڪتا ڪيس چوڌاري ڦريل هُئا ۽ ڳِرِي جانورن ۾ ڏهڪاءُ پيدا ڪري رهيا هُئا. سڀ ئي جانور هراسيل هُئا. لڳو ٿي ته ڄڻ ڪين پرون پئجي ويا هئا ته ڪهڙي ويڌن ٿيڻ واري آهي.

نيپولن بيهي حاضرين جو جائزو ورتو ۽ هن وڏي آواز ۾ ڪنجهيو. جلديءَ ۾ ڪتا وڌيا ۽ چئن سوئرن کي ڪنن کان پڪڙي گهليندي، نيپولن جي پيرن ۾ ڦٽو ڪيو. انهي سوئرن جي ڪنن مان رت وهڻ لڳو هو ۽ ڪتن کي رت جي چڪ ٿي هئي، سو ڪجهه وقت لاءِ چريا ٿيل ٿي پاسيا. هر هڪ عجب ۾ ونجي ويو جڏهن ٽي ڪتا باڪسر تي اچي ڪڙيا باڪسر ڪين پاڻ طرف ايندو ڏسي اڳين ٽنگن سان هڪ ڪتي کي مٽي ڪٽي پٽ ڏي اچليو، ۽ ڪتي دل ڏاريندڙ رڙ ڪئي ۽ ٻه ڪتا پڇ لڪائي ونجي ڀڳا. باڪسر نيپولن ڏانهن ڏٺو ته جيئن هو ڄاڻي سگهي ته هو ان ڪتن کي ڦهي چڏي يا ڇڏي ڏي. نيپولن پنهنجي منهن ۾ تبديلي آندي ۽ تکي نوع ۾

ڪتن کي چڙهڻ جو اشارو ڪيو. ان کان پوءِ باڪسر ڪتي کي چڙهي ڏنو ۽ زخميل ڪتو وٺي ڀڳو.

هاڻي هُل ڪجهه ماٺو ٿيو. چار سوئر ڏڪي رهيا هُئا. سندن مهاندن تي بي وسي عيان هُئي. نيپولن کين سڏيو ۽ چيو ته هو پنهنجي ڏوهه جو اعتراف ڪن. هي اُهي ساڳيا سوئر هُئا، جن جڏهن آچر واري گڏجاڻي ختم ڪرڻ وارو اعلان ٿيو هو، تڏهن ان تي اعتراض واريو هو. وڌيڪ ڪنهن زور ۽ بار جي هنن اعتراف ڪيو ته اُهي سنوبال جي ياڃ کان وٺي هن ساڻ رابطي ۾ رهيا آهن. ۽ هنن سنوبال سان گڏجي ونڊمل کي تباهه ڪيو هو. ۽ وڌيڪ اُهو ته هنن سنوبال سان معاهدو ڪيو آهي ته اُهي جانور فارم مسٽر فريڊرڪ کي ڏياريندا. هنن به اهو به چيو ته سنوبال کين خانگي طرح ٻڌايو هو ته هو ماضيءَ ۾ مسٽر جونز جو ايجنٽ بنيل هو. هنن جيئن ئي پنهنجو اعتراف پورو ڪيو، ڪتن وجي سندن ڳچيءَ ۾ چڪ پاتا ۽ انهيءَ مهل نيپولن هيبتناڪ نموني چيو ته ”ڪنهن ٻئي جانور کي به اعتراف ڪرڻو آهي؟“

ٽي ڪڪڙيون جيڪي بيضن واري مامري ۾ سرواڻي ڪندڙ هيون، سي اڳتي آيون ۽ اعتراف ڪيائون ته سنوبال سندن خوابن ۾ آيو هو ۽ کين نيپولن جي حڪم عدوليءَ جي ترغيب ڏني هُئائين. انهن کي به اُتي جو اتي ڪٽيو ويو. وري هنج اڳيان آيو ۽ اعتراف ۾ چيائين ته گذريل سال هن لاباري دوران ڇهه اناج جا سنگ لڪائي رات جو کاڌا هُئا. ان کان پوءِ هڪ رڍ به ٻڌايو ته هن سنوبال جي چوڻ سان پاڻي پيڻ واري ڍنڍ ۾ مُتيو هو. ۽ ٻن پين رڍن اهو تسليم ڪيو ته هن هڪ پوڙهي گهيٽي کي، جيڪو نيپولن جو جانثار هو، جڏهن هو کنگهه ۾ ورتل هو، هڪ آڙاهه جي چوگرد ڊوڙائي ماريو هو. اهي سڀ اعترافي جانور هڪ دم ڪٽيا ويا. ائين اعترافن ۽ قتلن جو سلسلو هلندو رهيو ۽ نيپولن جي پيرن ۾ لاش جا ڍير ٿي ويا هُئا ۽ هر طرف رت جي بوءِ ڦهليل هئي، جيڪا جونز جي ياڃ کان پوءِ جڻ هتي ڪڏهن به ڪنهن کي محسوس نه ٿي هُئي.

جڏهن اهو معاملو ختم ٿيو ته سواءِ ڪتن ۽ سوئرن جي، ٻيا جانور گڏجي اڳتي رڙهيا. اهي ڏهلجي ويا هُئا ۽ پريشان ٿيل هُئا. انهن کي سمجهه ۾ نٿي آيو. ڪهڙي ڳالهه وڌيڪ آزاريندڙ آهي: جانورن جي سنوبال جي ساٿ ۾ دغابازي يا انهن کي بي رحمانه نموني ڏنل سزا. پراڻي زماني ۾ به خونريزي جا منظر ٿيندا هُئا، پر هاڻي پنهنجو پاڻ ۾ قتل گيري انتهائي ڏکوئيندڙ ۽ اگري هُئي. جڏهن کان وٺي جونز فارم ڇڏي ڀڳو هو، تڏهن کان وٺي اڄ تائين، ڪنهن به جانور ٻئي کي قتل نه ڪيو هو. ايتري تائين جو ڪنهن کي به نه ماريو ويو هو. اُهي ننڍي ٽڪري ڏي آيا، جتي اڌو ڳابري وندمل ڪڙي هُئي. هو سڀ گڏجي پٽ تي ويهي رهيا، ڪلوور، مريل، بينجمن، ڍڳا، رڍون، ڪڪڙيون، هنج وغيره سواءِ ٻليءَ جي، جيڪا نيپولن جي جانورن جي ڪٺي ٿيڻ واري حڪم کان اڳ ئي ڪٿي غائب هُئي. ڪجهه وقت تائين ڪنهن به ڪجهه نه ڪڇيو. رڳو باڪسر بيٺو رهيو. هُو بي چين بنيو هيڏانهن هوڏانهن ايندو ويندو رهيو، ۽ پنهنجي پڇ کي پاسي ۾ هٽندو رهيو. ڪنهن مهل حيرانگي وارا آواز هٽڪاريندو رهيو. آخرڪار هن چيو: ”نڪي مونکي سمجهه ۾ ڪجهه اچي ٿو ۽ نه ئي اعتبار ٿو اچيم ته اهڙيون ڳالهيون به اسانجي فارم تي ٿينديون. اهي لازمن اسانجي خامين جو ئي نتيجو آهن. منهنجي نظر ۾ ان جو حل اهو آهي ته اسان کي اڃان به وڌيڪ محنت ڪرڻ گهرجي. اڄ کان پوءِ آئون هڪ ڪلاڪ اڳ ساجهر ئي ننڊ مان اٿندس ۽ ڪم تي چڙهندس.“

۽ هو پوءِ ڪاڻ ڏي هليو ويو. اتي پهچي هن پٿر ڪٺا ڪيا، تن کي هن وندمل تائين پهچايو ۽ پوءِ اچي ننڊ ڪيائين.

ٻيا جانور ڪلوور جي چوڌاري خاموش ٿيو ويٺل هُئا. جنهن ٽڪري تي هو ويٺل هُئا، اُتان هيٺ جو نظارو چڱي نموني ٿيو ٿي. فارم جو چڱو خاصو حصو هنن جي نگاهن جي گهيري ۾ هو. وڏي مکيہ روڊ سان لڳندڙ ڊگهو چراگاهہ، گاهہ جون واڙيون، هُڙي، پاڻيءَ جو تلاءُ، ڪڻڪ واري ٻني، فارم جي عمارتن جو ڳاڙهيون ڇتيون، جن جي چمنين مان دونهون نڪري رهيو هو. اها بهار جي صاف شام هُئي. گاهہ واڙيون ۽ لوڙها سج جي روشنيءَ

۾ چمڪي رهيا هُئا. سندن واسطي ڪڏهن ﺑہ فارم – جيڪو ڪين حيرانگيءَ سان ياد آيو سندن ملڪيت (هڪ هڪ انچ سندن ملڪيت) هو – اهڙي نموني گهربل جاءِ نہ بنيو هو. ڪلور جڏهين هيٺ ٽڪري ڏي نهاريو تہ سندس اکيون پرجي آيون. اگر هن کي پنهنجا ويچار ٻڌائڻا پون ها تہ هيئن هجن ها: چند سال اڳ جڏهن انسانن کي هتان ڀڄائڻ لاءِ جيڪا تحريڪ هلائي ويئي، ان ۾ هھڙو منظر نامو پلجي ﺑہ ڪنهن نہ سوچيو هوندو. جنهن رات ميجر بغاوت ڪرڻ جو سڏ ڏنو هو، تنهن رات ﺑہ هنن اهڙا قتل عام ۽ دهشت گرديءَ جا منظر نہ سوچيا هُئا. هنن وٽ مستقبل جي جيڪا تصوير جڙي هُئي سا اها هُئي تہ اهو اهڙو جانورن جو سماج هوندو جيڪو بک، بدحالي ۽ چهبڪ جي آزار کان آجو هوندو ۽ هر جانور برابر هوندو ۽ پنهنجي اهليت آذار ڪم ڪندڙ هوندو. سگهو، ڪمزور جي سهائتا ڪندو، جيئن هن بدڪن جي ٻچن کي بچايو هو، جڏهن ميجر تقرير ڪري رهيو هو. پر انهيءَ جي جاءِ تي – ڪين خبر نہ هُئي ڇا جي ڪري – اهڙو ماحول جڙيو آهي، جو ڪوبہ جانور پنهنجا حقيقي خيال ۽ ويچار ونڊڻ لاءِ تيار ڪونهي، خاص ڪري جڏهن گرندڙ ۽ ڀونڪندڙ ڪتا هر جاءِ نوسيندا وتن، يا جڏهن توهان جا پنهنجي ساٿي اعتراف ڪرڻ کانپوءِ ٽڪرا ٽڪرا ڪيا پيا وڃن. هن جي من ۾ بغاوت ۽ نافرمانيءَ جو ڪو ويچار نہ هو، هنن سمجهيو ٿي تہ اهڙي ماحول هوندي ﺑہ هُو جونز واري وقت کان وڌيڪ خوشحال هُئا ۽ وڌيڪ اهو پڻ ضروري هو تہ انسانن جي واپسيءَ کي روڪيو وڃي. جيڪي ڪجهہ ﺑہ ٿيندو، هُوءَ وفادار رهندي ۽ جفا ڪشي ڪندي رهندي، نيپولن جي اڳواٽيءَ کي مڃيندي حڪمن جي بجا آوري ڪندي رهندي. پر پوءِ ﺑہ انهيءَ ڪارستانيءَ لاءِ هن توڙي ٻين جانور هڻ هٽان ۽ محنت نہ ٿي ڪئي. هنن اچوڪي ڏينهن لاءِ نڪو وندمل ٿاهي هُئي ۽ نہ جونز جي گولين جو مقابلو ڪيو هو. اهي هن جا ويچار هُئا پر هن وٽ لفظ نہ هُئا، جن جي سهاري هو بيان ڪري سگهي.

نيٺ پنهنجي سوچن کي اظهار ڏيڻ لاءِ هن ”انگلنڊ جا جانور“ گيت آلاپڻ شروع ڪيو. هن جي چوڌاري ويٺل ٻين جانورن ﺑہ هن ساڻ گڏجي

گيت ڳائڻ شروع ڪيو. ۽ تي لڳاتار اهو گيت آهستگيءَ ۽ ڏک ڀريل لهجي ۾ ڳاتو ويو. ۽ ڳائڻ جو اهو ڍنگ ڪڏهن به نہ اختياريو ويو هو.

هنن جڏهن ٽيون ڀيرو گيت ڳائي بس ڪيو تہ اسڪئيلر ٻن ڪتن جي ساٿ ۾ وٽن اچي پهتو ۽ سندس تاثر مان لڳو ٿي تہ هن وٽ ڪا اهم خبر آهي. هن اعلان ڪيو تہ ڪامريڊ نيپولن جي خاص حڪم تحت اهو گيت ڳائڻ بند ڪيو وڃي. اڄ کان پوءِ ان کي ڪير بہ نہ ڳائي. اهو ٻڌي جانور پريشان ٿي ويا.

”ڇو؟“ مريل رڙ ڪندي پڇيو.

”ڪامريڊو! هاڻي ان جي ضرورت نہ رهي آهي. اهو گيت بغاوت جو گيت هو. هاڻي بغاوت ختم ٿي چڪي آهي ۽ غدارن جو خاتمو آخري عمل هو. اندروني توڙي ٻاهرئين دشمن کي مڪمل شڪست ڏني ويئي آهي. ان گيت ۾ بهتر ڏهاڙن لاءِ اسان جي اڇائن جو اظهار هو. هاڻي اهڙو سماج جڙي چڪو آهي. بس ٻڌرو آهي تہ هاڻي انهيءَ گيت جو ڪو ڪارج نہ رهيو آهي.“

جيتوڻيڪ ڪُهو هراسيل ۽ ڊنل هُئا، پر ڪجهہ ضرور انهيءَ تي احتجاج وارين ها، پر عين انهيءَ مرحلي تي رڍن ٻاڪارڻ شروع ڪيو: ”چار ٽنگون چڱيون، ٻہ بريون.“ اهو گوڙ ڪافي وقت هلندو رهيو ۽ انهيءَ ڪري بحث ٻچاڻي پهتو.

ائين انگلنڊ جا مرون وارو گيت ٻيهر نہ ٻڌو ويو. ان جي جاءِ تي شاعر منيمس ٻيو گيت ٺاهيو هو. جنهن جا ٻول هُئا.

اي جانورن جا فارم، اي جانورن جا فارم

شل توکي ڪڏهن بہ نقصان نہ پهچي..............

هاڻي هر آچر جو جهندو جهولائڻ کانپوءِ اهو گيت ڳارايو ٿي ويو. پر
هن گيت جا لفظ توڙي ڌن اڳوڻي گيت سان برابري نٿي ڪري سگهيا.

# باب اٺون

ٿورڙن ڏينهن کان پوءِ جڏهن قتل عام واري دهشت جهڪي ٿي، ته ڪن جانورن کي ياد آيو، يا انهن سمجهيو ته کين ياد اچي پيو ته ڇهون حڪم اهو هو ته ڪوبہ جانور ٻئي جانور کي قتل نہ ڪندو. جيتوڻيڪ ڪنهن بہ جانور سوئرن يا ڪتن جي موجودگيءَ ۾ اهو حوالو نہ ڏنو، پر انهن کي احساس هو ته اهو قتل عام انهيءَ حڪم سان ٺهڪي نٿي آيو. ڪلوور بينجمن کي چيو ته هُو هلي هن کي اهو حڪم پڙهي ٻڌائي. پر عام رواج موجب جڏهن هن اهو جواب ڏنو ته هو اهڙن معاملن ۾ نہ وچڙندو ته هوءَ مريل کي وٺي ويئي. مريل هن کي اهو حڪم پڙهي ٻڌايو. ان موجب ڪوبہ جانور ڪنهن جانور کي بي سبب قتل نہ ڪندو. ڪنهن طرح سان "بي سبب" وارو لفظ جانورن جي ياداشت مان متجي ويل هو. پر هاڻي هنن ڏٺو ته انهيءَ حڪم جي ڀڃڪڙي نہ ڪئي ويئي آهي، ڇو ته انهن غدارن کي، جن سنوبال جو ساٿ ڏنو، قتل ڪرڻ لاءِ صحيح سبب موجود هُئا.

انهيءَ سڄي سال جانورن اڃان بہ وڌيڪ سخت پورهيو ڪيو. اڳي جي ڀيٽ ۾ ٻيڻن ٿلهين ڀتين واري ونڊمل کي وقت اندر ٺاهڻ ۽ ٻئي عام رواجي ڪم ڪندي، نئين سر اڏڻ وارو ڪم واقعي بہ تمام وڏو ۽ دشوار هو. ڪڏهن ڪڏهن جانورن کي لڳندو هو ته اهي جونز واري وقت جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ وقت پورهئي ۾ لڳائين ٿا ۽ گهٽ خوراڪ تي گذارو ڪن ٿا. آچر جي صبح جو اسڪئيلر پنن جا ٿها کڻي ايندو هو ۽ کين ٻڌائيندو هو ته فلاڻن فلاڻن ڪاڌي وارن فصلن ۾ 200 سيڪڙو، 300 يا 500 سيڪڙو واڌ آئي آهي. جانورن وٽ هن جي ڳالهين کي قبول ڪرڻ کانسواءِ ٻي واهہ نہ هئي، ڇو ته هنن کي بغاوت کان اڳ واري وقت جي حالتن جي يادگيري نہ هئي. ساڳئي وقت، اهي ڪڏهن ڪڏهن چاهيندا هئا ته اهڙا ڏينهن جلد اچن ته هو گهٽ انگ اکر ٻڌن ۽ وڌيڪ کاڌو حاصل ڪن.

هاڻي سڀ حڪم اسڪئيلر يا ڪنهن ٻئي سوئر جي ذريعي اعلانيا ويا ٿي. نيپولن پاڻ تمام گهٽ ٻاهر ٿي نڪتو. ٻن هفتن ۾ هڪ ڀيرو هو ٻاهر ٿي ڏٺو ويو.

جڏهن هُو ٻاهر وارد ٿيندو هو، ته نہ رڳو ڪتن جي گهيري ۾ رهندو هو، پر هن جي جٿي اڳيان اڳيان ڪارڙو ڪڪڙ هلندو هو، جيڪو هن جي ڳالهائڻ کان اڳ ڪڪڙو ڪو آوازي منادي ڏيندو هو. ايتري تائين جو نيپولن فارم هائوس ۾ بہ علحده جاءِ ۾ وڃي رهيو هو. هوُ ڪتن جي حاضري ۾ اڪيلي سر ماني کائيندو هو، جيڪا ڪيس شهنشاهي ٿانون ۾ پيش ڪئي ويندي هُئي. اهو پڻ اعلانيو ويو تہ هاڻي ٻين ٻن ڏڻن سان نيپولن جي جنم ڏينهن تي بہ بندوق جا فائر ڪيا ويندا. نيپولن جو ذڪر هاڻي ٺلهو نيپولن طور ٿي ڪيو ويو. هن جو ذڪر عام طرح ”اسان جو اڳواڻ ڪامريڊ نيپولن“ جي نالي سان ڪيو ٿي ويو. سوئر هن جي لاءِ ”باباءِ جانور“، ”انسانذات جو موت“، ”ڌڻ جو نگهبان“، ”ٻدڪن جو سنگي“ جهڙا لقب ۽ خطاب پيا ڏاهيندا هُئا. پنهنجي تقريرن ۾ اسڪئيلر جڏهن نيپولن جي ڏاهپ، نيڪ دلي، سچائي ۽ جانور ذات سان سندس اڻ مئي پيار ۽ غلامي ۽ جهالت ۾ وڪوڙيل ٻين جانورن لاءِ سندس تڙپ ۽ اون جو ذڪر ڪندو هو تہ هن جا نيڻ برسي پوندا هُئا. هاڻي اهو معمول ٿي ويو هو تہ هر ڪاميابيءَ ۽ سٺائي جو ڪريڊٽ يا سهرو نيپولن جي سر تي سجايو ٿي ويو. اوهان ڪي اڪثر اهو ٻڌڻ ۾ ايندو تہ هڪ ڪڪڙ ٻئي ڪي ٻڌائيندي هئي تہ اسان جي سرواڻ ڪامريڊ نيپولن جي رهنمائي ۾ ڇهن ڏينهن ۾ پنج بيضا لاٿا آهن، يا ٻہ ڳئون تلاءُ تي پاڻي پيئندي هڪ ٻئي کي آگاهہ ڪنديون هُيون تہ ”ڪامريڊ نيپولن جي اڳواڻيءَ جي مهربانين سان هي پاڻي ڪيترو نہ وڻندڙ آهي.“ فارم جي عام سوچ جي نمائيندگي شاعر منيمس جي لکيل طويل نظم بعنوان ”ڪامريڊ نيپولن“ ٿي ڪئي. اُن نظم ۾ هو تہ :

يتيمن جو دوست

خوشين جو آبشار

شراب–باڙديءَ جو مالڪ

منهنجي روح ۾ ولولو اچي ٿو،

جڏهن آئون تنهنجي پر سڪون ۽ حڪم ڏيندڙ اکين کي تڪيان ٿو.

ڪامريڊ نيپولن آسمان ۾ سج سمان آهي.

تون اهو سڀ ڏئين ٿو،

جيڪي هي جيو طلبين ٿا،

ٻه ڀيرا پيٽ ڀري کائڻ ۽ رات جو سمهڻ لاءِ ڪکائون بسترو،

هر ننڍيو وڏون مرون امان ۽ سڪون سان پنهنجي وٿاڻ ۾ سمهي ٿو.

ڪامريڊ نيپولن تون هر جاءِ ڏسين ٿو.

جيڪر مونکي ڪير ٻياڪ سوئر هجي ها،

ته هو وڏڙو ٿئي ها،

تنهن جو وفادار بنجي ها،

هن جي پهرئين دانهن هجي ها:

”ڪامريڊ نيپولن“.

نيپولن هن نظم کي منظور ڪري حڪم ڏنو هو ته هن کي گودام جي وڏي ڀت تي ستن حڪمن جي مخالف ڪنڊ تي لکيو وڃي. هن جي مٿان نيپولن جو پورٽريٽ ٽاهيو وڃي، جنهن کي اسڪئيلر پينٽ ڪيو.

انهيءَ عرصي ۾ نيپولن ومپر جي ٺياڪرٽيءَ ۾ فريڊرڪ توڙي پلڪنگٽن سان ڳالهه ٻولهه ۾ رڌل رهيو. ڪاٺ جو ڍڳ اجا ٺائين وڪرو نہ ڪيو ويو هو. ٻنهيءَ مان فريڊرڪ ڪاٺ حاصل ڪرڻ جو وڌيڪ خواهشمند هو، پر ان پاران آڇيل قيمت معقول نہ هُئي. ساڳئي وقت وري اهي بہ افواهہ ٿي هليا تہ فريڊرڪ ۽ ان جا حواري خفيہ نموني سٽائون سٽي رهيا آهن تہ اينيمل فارم تي حملو ڪري ونڊمل کي تباهہ ڪيو وڃي. مل جي نئين سر اڏاوت انهن ۾ حسد جي باهہ دُکائي ڇڏي هُئي. سنوبال لاءِ مشهور هو تہ هُو پنچفيلڊ فارم ۾ ٺُـنيي هٽي ويٺو آهي. اونهاري جي وچ ڌاري جانور اهو ٻڌي ڏڇي ويا تہ ٽن ڪڪڙين اعتراف ڪيو آهي تہ انهن سنوبال جي چُرچُ تي نيپولن جي قتل واري خفيہ شازش ۾ حصو ورتو آهي. انهن کي فوري طور ڦاهيون ڏنيون ويون. ۽ نيپولن جي حفاظت واسطي تازا اپاءَ اختيار ڪيا ويا. رات جو چار ڪتا هن جي ڪٽ جي چوڪسي ڪندا هُئا. نوجوان سوئر پنڪي کي اهو فرض سونپيو ويو تہ هُو پهرئين نيپولن جو کاڌو چڪاسي ۽ چکي تہ جيئن زهر جو اڳواٽ پتو پوي.

ساڳئي وقت اهو بہ ٻڌايو ويو تہ نيپولن مسٽر پلڪنگٽن کي ڪاٺ وڪڻي ڏيڻ جو سودو ڪري ڇڏيو آهي ۽ هو فاڪسووڊ ۽ اينيمل فارم وچ ۾ ڪن شين جي تبادلي واسطي بہ معاهدو ڪرڻ وارو آهي. نيپولن ۽ پلڪنگٽن وچ ۾ ومپر جي ذريعي هلندڙ ناتا دوستاڻا هُئا. جانور پلڪنگٽن تي اعتبار نہ ڪندا هُئا، ۽ هن کان سخت ڊنل هُئا ۽ ڪائنس نفرت ڪندا هُئا. جيئن اونهارو گذرندو رهيو، تيئن ونڊمل جو منصوبو بہ مڪمل ٿيڻ لڳو. ساڳئي وقت متوقع حملي جا افواهہ بہ زور پڪڙيندا رهيا. اُهو هليل هو تہ هُو ٻاڻ ساڻ ويهارو ماڻهو آڻيندو، جيڪي سڀئي بندوقن سان ليس هوندا. ۽ اهو بہ تہ هن پوليس ميجسٽريٽ کي رشوت ڏيئي اهو بندوبست ڪري ڇڏيو آهي تہ قبضي جي صورت ۾ فارم جي مالڪيءَ جي منتقليءَ تي هو بہ سوال نہ ڪندو. وڌيڪ تہ فريڊرڪ پاران پنچفيلڊ ۾ جانورن تي ڪيا ويندڙ ظلمن جا دل ڏاريندڙ داستان بہ پڌرا ٿي رهيا هُئا: هن هڪ پوڙهي گهوڙي کي ڦٽڪا هڻي ماري وڌو آهي، هو ڳئن کي بکن ۾ پاهہ ڪري رهيو آهي، هُن ڪتي کي ڪوري ۾ اڇلي ساڙي ماريو ۽ هر شام جو هُو ڪڪڙين جو ميل ڪري

لطف اندوز ٿيندو رهي ٿو. انهيءَ ميل ۾ حصو وٺندڙ ڪڪڙين جي ڪڙهن ۾ تيز بليڊ ٻڌا ويندا آهن. جڏهن جانور پنهنجي ساٿين سان ٿيندڙ اهي ظلم ٻڌندا هُئا ته هو ڪاوڙ ۾ تپي باهه ٻنبا هئا ۽ ڪڏهن اهو چوندا هُئا ته ڪين اجازت ملي ته هُو گڏجي پنچفيلڊ تي حملو ڪن ۽ انسانن کي اُتان ڀڄائي ڪڍن ۽ جانورن کي آزادي ڏيارين. پر اسڪئيلر کين سمجهائيندو هو ته اِپهرا قدمن کڻڻ کان پاسو ڪن ۽ هُو ڪامريڊ نيپولن جي حڪمت عملي تي ڀروسو رکندا اچن.

پوءِ به فريڊرڪ خلاف نفرت وڌي وڌندي. هڪ آچر جي صبح جو نيپولن ياندي ۾ آيو ۽ وضاحت ڪيائين ته هن ڪڏهن به فريڊرڪ کي ڪاٺ وڪڻڻ جو نه سوچيو هو. هن چيو ته هن کي اهو عمل پنهنجي وقار کان گهٽ ٿي لڳو ته هو ظالمن سان سودا ڪري. ڪبوترن کي، جن کي ٻاهر بغاوت جون خبرون پهچائڻ لاءِ موڪليو ويندو هو. تن کي منع ڪئي ويئي ته فاڪسوڊ ۾ نه گهڙن ۽ کين حڪم ڏنو ويو هو ته هر پراڻي نعري ”انسانيت مرده باد“ بجاءِ ”فريڊرڪ مرده باد“ جا نعرا هڻن. اونهاري جي آخر ۾ سنوبال جي هڪ ٻي هٿنات کي وائکو ڪيو ويو. ڪڻڪ جو فصل گند گاهه سان ڏٽيو پيو هو ۽ اهو ڄاتو ويو ته پنهنجي ڪنهن رات واري ياترا ۾ هن ڪڻڪ جي ٻج سان گڏ گند گاهه وارو ٻج به ملائي ڇڏيو آهي. هڪ هنج جنهن انهيءَ منصوبي ۾ شرڪت ڪرڻ جي تسليمي ڏني هُئي، تنهن زهريلا ڪائنل ڀيرو کائي خودڪشي ڪئي. جانورن کي اهو به معلوم ٿيو ته سنوبال کي ڪڏهن به ”اينيمل هيرو فرسٽ ڪلاس“ جو تغمو نه ڏنو ويو هو. اها محض ڏند ڪٿا هئي، جيڪا سنوبال پاڻ ڳڻن جي واڙي واري جنگ کانپوءِ مشهور ڪئي هُئي. تغمو ڏيڻ ته پري رهيو هو، هن کي ته جنگ ۾ بزدلي ڏيکارڻ تي چنڊ پٽي وئي هُئي. هڪ ڀيرو وري ڪن جانورن ان خبر کي بي چينيءَ ۽ بي آرامي سان ورتايو، پر اسڪئيلر جلدي ۾ انهن کي مجرايو ته هنن جي سمڪ ۾ ڪا غلطي آهي.

سرءُ ۾ وڏي ٿڪائيندڙ ۽ جهوري وجهندڙ ڪوشش سان – جڏهن لاباري ۽ فصلن کي گڏ ڪرڻ جو وارو به هوندو آهي – پن بجلي ڪارخانو جڙي راس ٿيو. اڃان ان ۾ گهربل مشينون هٽيون هُيون، جن جي خريداريءَ

واسطي ومپر ڳالهه ٻولهه ۾ مگن هو. بهرحال ڍانچو مڪمل ٿي ويو هو. تجربو نه هوندي به ڪٽن تڪليفون سهندي، سنوبال جي دغابازين جو مقابلو ڪندي، نيٺ پراڻن اوزارن جي مدد سان هيءُ منصوبو وقت اندر پورو ٿيو. ٿڪل، پر پنهنجي ڪاوش تي نازان هي جانور پنهنجي شاهڪار جي چوڌاري ڦرندا رهيا. هن پيري وندمل کين وڏيڪ ليائيندڙ ٿي لڳو. وڏي ڳالهه ته ان جون ڀتيون اڳوڻي ڀتين جي ڀيٽ ۾ ٻيٽيون ٿلهيون هيون. بارود کان سواءِ ٻي شيءِ هن کي اڏائي نه سگهندي. هنن ويهي اها ڳڻ ڪئي ته ڪيئن نه کين هن جي اڏاوت دوران ولوڙ ڪرڻي پئي آهي ۽ ڪيترين ناڪامين کي منهن ڏيڻو پيو آهي، پر جڏهن هن جا پر چرڻ لڳندا ۽ بجلي پئدا ٿيندي ۽ ان جي ڪري سندن زندگي ۾ پڻ تبديلون ايندڻون، تڏهن هنن جو اهو ٿڪ لحظي ۾ لهي ويندو. اُهو سوچي هُو وندمل جي چوڦير ٽينگ ٽپا پائڻ ۽ خوشيءَ ۾ آواز ڪڍڻ لڳا. نيپولن بنفس نفيس ڪتن جي اٿالي ساڻ آيو ۽ مڪمل ٿيل ڍانچي جي جانچنا ۾ لڳي ويو. هن ذاتي طرح هن حاصلات تي جانورن کي مبارڪون ڏنيون ۽ انهيءَ مل جو نالو ”نيپولن مل“ رکڻ جو اعلان ڪيو.

ٻه ڏينهن پوءِ جانورن کي خاص گڏجاڻي لاءِ ڀاندي ۾ ڪوٺيو ويو. جڏهن نيپولن کين آگاهه ڪيو ته هن ڪاٺ فريڊرڪ کي وڪرو ڪيو آهي ته هو ماٺ ۾ پئجي ويا. سپاٽي فريڊرڪ جا گاڏا ايندا ۽ ڪاٺ کي ڍوئڻ شروع ڪندا. پلڪنگٽن سان پنهنجي ظاهري سنگت واري سمي ۾ هو مخفي نموني فريڊرڪ سان معاهدو طيءِ ڪرڻ ۾ مصروف رهيو. هاڻي فاڪسوڊ سان سڀ ناتا ٽوڙيا ويا ۽ بي عزت ڪندڙ پيغام پلڪنگٽن ڏانهن موڪليا ويا. ٻئي طرف ڪبوترن کي چيو ويو ته هُو پنچفيلڊ فارم کان پاسيرا رهن ۽ پنهنجو نعرو ”فريڊرڪ مرده باد“ بجاءِ ”پلڪنگٽن مرده باد“ طور بدلائين. ساڳئي وقت نيپولن جانورن کي پڪ ڏياري ته جانورن جي فارم تي متوقع حملي جون خبرون ڪوڙيون آهن ۽ فريڊرڪ پاران جانورن سان روا رکيل ظلمن جا قصا پڻ اجايا وڌايا ويا آهن. اُهي سڀ افواهه سنوبال ۽ انهن جي ساٿين ڦهلايا آهن. هاڻي پڌرو ٿيو ته سنوبال پنچفيلڊ فارم ۾ لڪل نه هو، ۽ حقيقت ۾ ڪڏهن به اوڏانهن نه ويو. هُو ته فاڪسوڊ ۾ عياشي واري زندگي گهاري رهيو هو ۽ سالن کان پلڪنگٽن جو مشير هو.

سوئر نيپولن جي حرفت بازي تي بيحد سُرها بنيل هُئا. جنهن پلڪنگٽن سان دوستيءَ جو ڏيکاءُ ڏئي، فريڊرڪ کي مجبور ڪيو ته هُو ڪاٺ جي قيمت 12 پائونڊ ڪري. پر اسڪئيلر چواڻي ته نيپولن جي ذهن جي اعليٰ خاصيت اها هُئي ته هن ڪنهن به ڌر تي اعتبار نه ڪيو - فريڊرڪ تي به نه. فريڊرڪ ڪاٺ جي قيمت جي ادائگي چيڪ جي صورت ۾ ڪرڻ تي چاهي. چيڪ هڪ طرح جو واعدو هو ته ڪاڳر تي لکيل پئسا ادا ڪيا ويندا. مگر نيپولن ته هن کان وڌيڪ ذهين هو. هن قيمت جي ادائگي روڪڙ ۾، سو به پنجن پائونڊن وارن نوٽن ۾ طلبي، جيڪا به ڪاٺ کڻڻ کا اڳ ڪرڻي هُئي. انهيءَ حساب سان ڪاٺ جا پئسا ملي چُڪا هُئا ۽ انهيءَ رقم مان مشينري خريدڻ جو ارادو هو.

انهيءَ وچ ۾ ڪاٺ جلدي جلدي ۾ نيو ويو. جڏهن اهو سڀ ڪجهه چڪو ته هڪ ٻي خاص گڏجاڻي پانديءَ ۾ ڪوٺائي ويئي ته جيئن جانور فريڊرڪ وارا نوٽ چڪاسي سگهن. نيپولن ٻه ئي تغما سجايو ۽ خوشيءَ ۾ مسڪرائيندو، ڪکائين بستري تي براجمان هو. سندس پر ۾ نوٽن کي چيني رڪاب ۾ سجائي رکيو ويو هو. سڀ جانور قطار ڻاهي، نوٽن کي دل تي ڏسندا رهيا. باڪسر پنهنجو نڪ وڌائي نوٽن کي سونگهيو. سندس نڪ واري هوا جي ڪري نوٽن ۾ ڦڙ ڦڙ پيدا ٿي.

ٽن ڏينهن کان پوءِ وري هڪ خوفناڪ هنگامو ٿيو. ومپر جنهن جو چهرو چِٽ مُردو بنيل هو، سائيڪل تي تڪڙو تڪڙو اندر آيو ۽ ميدان ۾ پهچي پاڻ کي سائيڪل تان ڦٽو ڪيائين ۽ وٺي فارم هائوس ڏانهن لُوهه پاتائين. ٻيءَ گهڙي نيپولن جي گهر مان ڪاوڙ وارا ۽ ڦهري آواز اچڻ لڳا. اصلي قصي جي خبر باهه وانگر ڦهلجي ويئي: بينڪ نوٽ ڪوڙا هُئا. فريڊرڪ مفت ۾ ڪاٺ کٽي ويو.

نيپولن فوري طور جانورن کي گهرايو ۽ خوفناڪ لهجي ۾ فريڊرڪ لاءِ ڦاهيءَ جو اعلان ڪيو. هن وڌيڪ چيو ته جيڪر هن کي زنده پڪڙيو ويو ته پوءِ هن کي ٽهڪايو ويندو. ساڳئي وقت هن چتاءُ واريو ته جانورن کي اڃان به وڌيڪ اگرن نتيجن جي توقع رکڻ گهرجي. فريڊرڪ ۽ ان جا ماڻهو

ڪيڏي مهل به فارم تي حملي جي ديرينه خواهش کي عملي جامو پهرائيندا. فارم جي هر چؤڪ تي پهريدار مقرر ڪيا ويا. وڌيڪ ته چار ڪبوتر فاڪسوڊ ۾ مصالحتي پيغام کڻي روانا ٿيا ته جيئن پلڪنگٽن سان نئين سر تعلقات جوڙي سگهجن.

ٻي صبح جو ئي حملو ڪيو ويو. جانور اچان نيرڻ ڪرڻ ۾ رڌل هُئا، ته پهريدار ڊوڙندا آيا ۽ خبر ڪيائون ته فريڊرڪ ۽ هن جا ساٿي فارم جي مکيه دروازي اندر داخل ٿي چڪا آهن. جانور همت ڪندي اوڏانهن ڊوڙ پاتي ۽ مقابلي لاءِ آڏو آيا. هن ڀيري فتح ايتري آسان نه هُئي. هُو پندرنهن ماڻهو هُئا ۽ اڌ ڊزن ماڻهن وٽ بندوقون هُيون. ۽ اهي جيئن ئي اندر آيا ته وٺي فائرنگ شروع ڪيائون. جانور انهيءَ بارود ۽ گولين جو مقابلو نه ڪري سگهيا. باوجود نيپولن ۽ باڪسر جي همٿائڻ جي، هو وٺي پوئتي ڀڳا. هنن مان ڪيترا گهايل هُئا. انهن وچي فارم جي عمارت ۾ پناه ورتي ۽ عمارتن جي پتين جي ڦوٽن ۽ چيرن مان ٻاهر تڪڻ لڳا. سڄو چراگاهه ۽ ونڊمل دشمن جي قبضي ۾ هو. ان مرحلي تي نيپولن کي ڪجهه به سمجهه ۾ نٿي آيو. هُو هيڏي هوڏي آيو ويو پئي ۽ سندس پڇ سخت ۽ سيٽيل هو. آسائتين نيٽن سان هن فاڪسوڊ جي پاسي تي نهاريو. جيڪر پلڪنگٽن ۽ ان جا ماڻهو هن جي مدد ڪندا ته پوءِ هي ضرور کٽي وٺندا. انهيءَ ساعت ۾ چار ڪبوتر، جيڪي اڳوڻي ڏينهن هتان روانا ٿيا هُئا، سي واپس پهتا. هنن وٽ ڪاڳر جو ٽڪرو هو. جنهن تي لکيل هو: اوهان جي صحيح خدمت ڪبي.

انهيءَ وچ ۾ فريڊرڪ ۽ ان جا ماڻهو ونڊمل وٽ اچي رڪيا. جانورن هنن کي تڪي رهيا هُئا. هنن ۾ مايوسي جي لهر چانيل هُئي. ٻن ماڻهن هڪ ٽيڪم ۽ هڪ لوهي لٺ (ٻارائي يا ٻاري) ڪڍيو. ۽ هو ونڊمل کي ڊاهڻ وارا هُئا.

”ناممڪن“ نيپولن رڙ ڪندي چيو، ”اسانجون پتيون تمام ٿلهيون آهن ۽ اهي پتين کي انهن هٿيارن سان هفتي ۾ به ڊاهي نه سگهندا. ڪامريڊو، همت ڪريو.“ پر بينجمن، جيڪو ماڻهن جي چرپر کي غور سان ڏسي رهيو

هو، تنهن ڏنو تہ اهي ۽ ماڻهو ٽيڪم ۽ پارائي سان ونڊ جي بنيادن وٽ سوراخ ڪري رهيا هُئا. هن آهستگيءَ ۽ سڪون سان پنهنجو ڊگهو پوٽ ڏوڻيو.

”آئون سمجهان ٿو تہ“ هن چوڻ شروع ڪيو، ”هو انهن سوراخن ۾ بارود رکندا.“ هراسيل ۽ ڊنل جانور انتظار ۾ لڳي ويا. هاڻي هن عمارت جي حفاظت مان ٻاهر نڪرڻ نا ممڪن هو. ڪجهہ منٽن ڪان پوءِ ماڻهو ونڊمل ڪان پري پڇندا رهيا ۽ چند ساعتن بعد وڏو ڪن ڦاڙي وجهندڙ ڌڌڪو ٿيو. پکي وٺي هوا ۾ اڏاميا. نيپولن ڪان سواءِ سڀ جانور زمين تي ليٽي پيا ۽ پنهنجا منهن ڇپائي ڇڏيا. جڏهن اهي واپس اٿيا تہ ڏٺائون تہ ونڊمل جي جاءِ تي ڪارو دونهون ڦهليل هو ۽ دونهون هوا جي دوش اڏامي رهيو هو. ونڊمل جو نانءُ نشان بہ نہ هو.

اهو ڏسي جانورن جي همت وري جاڳي پئي. انهيءَ ڪُڌي ۽ نفرت جوڳي عمل کي ڏسي انهن ۾ اڳوٽي خوف ۽ مايوسي جي جاءِ تي ڪروڌ ڦهلجي ويو. منهن ۾ انتقام جي باهہ ايتري تہ ڀڙڪي جو بغير ڪنهن حڪم جي، پنهنجي دشمنن پويان وٺي لڳا. هن ڀيري هنن گولين جي ڇيرن جي پرواهہ نہ ڪئي ۽ جيڪي مٿائن ڦڙين وانگر وسي رهيا هُئا. هي ڏاڍي وحشتناڪ ۽ ڪڙي جنگ هُئي. ماڻهو فائر ڪندا رهيا. جڏهن جانور ويجهو ٿي پهتا تہ هنن وري لٺين ۽ وڏن بوٽن سان ٿي حملو ڪيو. هڪ ڳئون، ٽي رڍون ۽ بہ هنج پکي ماريا ويا. هر جانور سخت زخمي ٿيو هو. ايتري تائين جو نيپولن جيڪو پويان هدايتون ڏئي رهيو هو، تنهن جو پڇ بہ ڇيرن جي زد ۾ آيو. پر ماڻهو بہ ٽلها نہ واپس ويا. باڪسر ٽن جا مٿا پنهنجي کرن سان ڦيهي وڌا. ۽ هڪ جي پيٽ کي ڳئون ٽونا هڻي گهائي وڌو. هڪ جي سٿڻ کي جيسي ۽ بلو بيل ڦاڙي وڌو. ۽ جڏهن نيپولن جا باڊي گارڊ ڪتا، جن کي هن پاڻ لوڙهي ۾ ڇپڻ جي هدايت ڪئي هئي، سي اوچتو اڳتي وڌيا ۽ ماڻهن تي اچي ڪڙڪيا ۽ خوفناڪ نموني ڀونڪڻ لڳا تہ ماڻهن ۾ ڦڙڦوٽ پئجي ويئي. انهن کي لڳو تہ هو گهيري ۾ اچي ويا آهن. فريڊرڪ ماڻهن کي حڪم ڏنو تہ سيڪو مناسب واهہ ڏسي ٻاهر نڪري. پي گهڙيءَ ڊيڄو دشمن جان بچائي پوئتي پير ڪيا. جانور آخري ڇيڙي تائين انهن جي پويان ويا. جڏهن اُهي

لوڙهن مان زوريان نڪري رهيا هُئا، تڏهن به جانور ڪين لتون هٽي رهيا هُئا. هنن جنگ ته کٽي هُئي، پر هو سخت ٿڪل هُئا. آهستي آهستي هو پوئتي فارم ڏي لڙيا. ڪاهه مٿان پيل پنهنجي مُئل ساٿين جا لاش ڏسي هو لڙڪ لاڙڻ لڳا. ونڊمل جي جاءِ تي هو ڏاڍي ڏکاري انداز ۾ ڪجهه وقت لاءِ بيهي رهيا. هائو اها ختم ٿي ويئي هُئي. ذري گهٽ سندن سخت پورهئي جو نشان الوپ هو. ايتري تائين جو بنياد به ڪنهن حد تائين تباهه ٿيا هُئا. ۽ هن ڀيري هو نئين سر اڏاوت ۾ ڪريل پٿرن کي به ڪم ۾ نٿي آڻي سگهيا. ڇو ته هن ڀيري پٿر به گم ٿي ويا هُئا. ڌماڪو ايترو ته سگهارو هو جو پٿر سوين گزن جي مفاصلي تي وڃي ڪريا هُئا. ڄڻ ونڊمل جو ڪو وجود ئي ڪونه هو.

هو جيئن ئي فارم وٽ پهتا ته اسڪئيلر، جيڪو ويڙهه دوران گم هو، پڇ لٽڪايو مطمئن بنيو وٽن آيو. فارم جي عمارت مان فائر ٿيڻ جو آواز آيو.

”ڇا جو فائر ٿيو آهي“ باڪسر چيو پڇيو.

”پنهنجي فتح ملهائڻ لاءِ ڪيو ويو.“ اسڪئيلر رڙ ڪندي ٻڌايو.

”ڪهڙي فتح؟“ باڪسر چيو. هن جا گوڏا رتو رت هئا. هن جي پير وارو نال ڪري پيو هو ۽ کر ۾ اڌ ٿي ويو ۽ پوئين ٽنگ ۾ به درجن کن ڇيرا ٽنبيل هُئا.

”ڪهڙي فتح ڪامريڊ؟ ڇا اسان دشمن کي پنهنجي مقدس زمين تان ڀڄائي نه ڪڍيو آهي.“

”پر انهن ته اسان جي ونڊمل تباهه ڪري ڇڏي آهي، جنهن تي اسان ٻه سال لڳاتار سخت پورهيو ڪيو آهي.“

”ڪو مسئلو نه آهي. اسان وري ٻي مل ٺاهينداسين. اسان چاهيون ته اسان ڇهه ملون جوڙي ٿا سگهون. ڪامريڊو، اوهان نٿا سمجهو ته اسان ڪيڏو وڏو ڪم سر انجام ڏنو آهي. دشمن هي ميدان پنهنجي قبضي ۾

ورتو هو ۽ هاڻي ڪامريڊ نيپولن جي مهربانين سان اسان ان جو انچ انچ واپس ورايو آهي“.

”نہ پوءِ اسان هر اڳوڻي شيءِ واپس ڪٿي ورتي آهي“ باڪسر چيو.

”اهائي اسان جي فتح آهي“ اسڪئيلر چيو.

هو ميدان ڏي وڌي ويا. باڪسر جي لڱ ۾ چيرا ڪيس ايذائي رهيا هُئا. هن چيد ڪيو نہ ونڊمل کي نئين سر اڏڻ جو وڏو پورهيو پيو آهي ۽ تصور ۾ هن پاڻ کي ان لاءِ تيار ڪيو. پهريون ڀيرو کيس احساس ٿيو نہ هاڻي يارنهن سالن جو اڳي ٿيو آهي ۽ منجهس پراڻو ٻل بہ نہ رهيو آهي.

پر جڏهن جانورن پنهنجو سائو جهنڊو جهوليندو ڏٺو، ست فائر ٻڌا ۽ نيپولن جي تقرير ٻُڌي، جنهن ۾ هن کين سندن ڪئي تي مبارڪباد ڏني، تڏهن کين لڳو نہ هنن واقعي بہ وڏو ڪم ڪيو آهي. جنگ ۾ مري ويلن جانورن کي ماناٿي نموني دفن ڪيو ويو. باڪسر ۽ ڪلوور مُرده گاڏين کي ڇڪيو ۽ نيپولن بنفس نفيس ماتمي جلوس جي مهنداري ڪئي. ان کان پوءِ پورا ٻہ ڏينهن فتح جو جشن ملهايو ويو. گيت ڳاتا ويا، تقريرون ڪيون ويون ۽ بندوقن سان فائر بہ ڪيا ويا. هر جانور کي هڪ صوف جو خاص تحفو ڏنو ويو ۽ ڪڪڙين کي ٻہ آنا ان ۽ هر ڪتي کي ٽي بسڪيٽ ڏنا ويا. اعلان ڪيو ويو نہ هن جنگ کي ونڊمل جنگ ڪوٺيو ويندو ۽ نيپولن هڪ نئون تغمو جوڙيو ”سائي بينر وارو آرڊر“. جيڪو پاڻ کي ئي عطا ڪيائين. انهي عام خوشي واري ماحول ۾ ڪوڙن بينڪ نوٽن وارو قصو وسري ويو.

چند ڏينهن کان پوءِ ڪجهہ سوئرن کي فارم هائوس جي ڪنهن ڀري ۾ ان شراب جون بوتلون هٿ آيون، جنهن کي شروع ۾ تہ هنن نظرانداز ڪري ڇڏيو هو. انهيءَ رات فارم هائوس مان وڏي آواز ۾ ڳائڻ جا آواز آيا، جن ۾ بعضي انگلنڊ جا جانور واري ڌن بہ شامل هُئي. ساڍي نائين وڳي ڌاري نيپولن جونز واري ٽوپي پائي پوئين در مان ٻاهر ويو ۽ ميدان جي چوڌاري ڊوڙي وري واپس اندر ويو. پر پوءِ صبح تائين فارم هائوس ۾ وڏي خاموشيءَ جو راڄ

هو. ڪوبہ سوئر چري ڦري نہ رهيو هو. نائين وڳي ڌاري صبح جوء اسڪئيلر ٻاهر آيو. هو آهستي آهستي ۽ مايوسي واري نموني ۾ هلي رهيو هو. هن جون اکيون سڄيل هيون ۽ سندس پڇ ڍري نوع ۾ لڙي رهيو هو. چڻ سخت عليل هجي. هن جانورن کي گڏ ڪري ٻڌايو تہ وٽس انتهائي بري خبر آهي. ” ڪامريڊ نيپولن مري رهيو آهي“.

سيني کان ڏک وچان رڙ نڪري ويئي. فارم هائوس جي درن وٽ ڪک رکيا ويا ۽ سڀ ڪو جانور آهستي آهستي ٻي آواز هلندو آيو. اهي هڪ ٻئي کان روئي پڇندا رهيا تہ جيڪر سندن اڳواڻ کانئن ڦرجي ويو تہ هنن جو ڇا ٿيندو. اُهو افواهہ زورن تي هو تہ سنوبال نيپولن جي کاڌي ۾ زهر ملايو هو. يارهين وڳي اسڪئيلر آيو ۽ حڪم پڙهي ٻڌايائين تہ الڪوهل پيئندڙن کي موت جي سزا ڏني ويندي.

شام تائين نيپولن ڪافي ٺيڪ ٿي ويو ۽ ٻي صبح جو اسڪئيلر ٻڌايو تہ هاڻي هو نوبنو ٿي رهيو آهي. ان ڏينهن شام ڌاري نيپولن پنهنجي ڪم ڪار ۾ لڳي ويو. ٻي ڏهاڙي اهو معلوم ٿيو تہ هن ومپر کي ولڪنگٽن مان مئي ڪشي جي حوالي سان لکيل ڪتاب خريدڻ جي هدايت ڪئي. هڪ هفتو پوءِ نيپولن حڪم ڏنو تہ باغ جو پويون حصوء جيڪو جونز جي وقت ۾ گهوڙن جي سکيا لاءِ ڪم ۾ ايندو هوء ۽ پوءِ ان کي پوڙهن جانورن جي چرڻ ۽ رهڻ لاءِ مخصوص ڪيو ويو هوء سو پوکائيءَ لاءِ استعمال ڪبو. جواز ۾ ٻڌايو ويو تہ چراگاهہ ختم ٿي ويو آهي ۽ ان ۾ نئين ٻج وجهڻ جي ضرورت آهيء پر جلدي ۾ اهو پڌرو ٿيو تہ نيپولن اتي جَوَ پوکڻ چاهي ٿو.

انهيءَ وقت هڪ ٻيو انوکو واقعو ٿيوء جيڪو ڪنهن کي بہ سمجهہ ۾ نہ آيو. هڪ رات جو ٻارهين وڳي ڌاري ميدان ۾ ڪرڻ جو آواز آيوء سو جانور پنهنجي وٿاڻ مان ٻاهر نڪري آيا. اها چانڊوڪي واري رات هُئي. وڏي ياندي جي چيڙي وٽ جتي ست حڪم لکيل هُئاء هڪ ڇاڙهي ٽٽي ٻہ اڌ ٿي پئي هُئيء ۽ اسڪئيلر جيڪو ٿورو پريشان هوء سو ان پرسان ڪريو پيو هو. هن جي پر ۾ بتيء برش ۽ اونڌو ٿيل رنگ جو دٻو هُئا. ڪتا جلدي ۾ هن کي گهيري ويا ۽ حفاظت سان ڪيس واپس وٺي ويا. سواءِ بينجمن جيء جيڪو

پنهنجو پچ ائين لوڏي رهيو هو ڄڻ ڪيس سڀ ڪجهه معلوم هو، پر ڪنهن کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه آيو.

ڪجهه ڏهاڙن کان پوءِ مُريل حڪم پڙهي محسوس ڪيو ته هڪ حڪم جانورن کي غلط نموني ياد هو. انهن جي خيال ۾ پنجون حڪم هو ته ڪوبه جانور الڪوهل نه پيئندو. پر انهن کي ٻه لفظ وسري ويا هُئا ۽ لکيل هو ته ڪوبه جانور اجايو ۽ بي انداز الڪوهل نه پيئندو.

# باب نائون

باڪسر جي پ اڌ ٽيل ڪُر چِتڻ ۾ وڏو وقت ورتو. فتح واري جشن کان ترت پوءِ ئي وندمل جي اڏاوت وارو ڪم پيهر شروع ڪيو ويو. باڪسر هڪ ڏينهن ب موڪل وٺڻ کان انڪار ڪيو ۽ اهو عزت جو مسئلو ڪٽي بڻايو ت ڪير ڪيس تڪليف ۾ ورتل ن ڪري پائني. رات جو ڪلوور سان پنهنجي پر ۾ هو اهو اظهار ڪندو هو ت ڪُر ڪيس آزاري ٿو. ڪلوور پوٽين کي چٻاڙي انهيءَ جي لئي ٿاهي ڪُر کي هٽندي هئي. بينجمن ۽ ڪلوور ڪيس چوندا هُئا ت هاڻي هو پورهئي کي گهٽائي. پر باڪسر هنن جي ڳالهه اڻ ٻڌي ڪري ڇڏيندو هو. هو چوندو هو ت هاڻي سندس زندگيءَ جي اهم خواهش اها آهي ت هُو ريٽائر ڪانپوءِ وندمل کي هلندو ڏسي.

شروع ۾ جڏهن فارم جا قانون جڙي رهيا هُئا ت ريٽائر ٿيڻ جي عمر گهوڙن ۽ سوئرن لاءِ 12 سال، ڳئن لاءِ 14 سال، ڪتن لاءِ 9 سال، رڍن لاءِ 7 سال ۽ ڪڪڙين ۽ بدڪن لاءِ هڪ سال مقرر ڪئي ويئي هُئي. پوڙهن لاءِ مناسب پينشن ب مقرر ڪئي ويئي هُئي. حقيقت ۾ اڃان ڪوب جانور ريٽائر ن ٿيو هو، پر ويجهي عرصي ۾ اهو موضوع بار بار بحث هيٺ آيو هو. هاڻي جڏهن باغ جي پويان واري پني کي جَوَن جي پوک لاءِ مخصوص ڪيو ويو هو، تڏهن اهو افواهه ب هُليو هو ت وڏي چراگاهه جي هڪ ڪنڊ کي علحده ڪري ريٽائر جانورن جو چراگاهه بنايو ويندو. چيو ٿي ويو ت گهوڙن لاءِ روزان پنج پائونڊ اناج ۽ سياري ۾ سڪل گاهه جا 15 پائونڊ ۽ موڪل واري ڏينهن گجر يا ممڪن هو ت هڪ صوف بطور پينشن ڏنو ويندو. باڪسر جو ٻارهون جنم ڏينهن ايندڙ سال جي اونهاري جي پوئين حصي ۾ ٿيڻ وارو هو.

زندگي دشوار بنيل هُئي. اڳوڻي سياري جيان هيلوڪو سيارو ب سخت ڪٽن هو ۽ کاڌي جي ب کوٽ هُئي. هڪ ڀيرو وري سواءِ سوئرن ۽ ڪتن جي، ٻين جو راشن گهٽايو ويو هو. اسڪئيلر وضاحت ڪئي ت راشن

برابري ۾ سختي جانورازم جي اصولن جي بر خلاف آهي. بهرحال هن لاءِ پين جانورن آڏو اهو ثابت ڪرڻ مشڪل نہ هو تہ جانور حقيقت ۾ گهٽ خوراڪيت جو شڪار نہ هُئا، پوءِ ظاهري نمونو ڇا بہ ڪٽي هجي. ٿوري وقت لاءِ اهو ضروري بنجي پيو آهي تہ ڪاڏي جي راشن ۾ نئين سر ردوبدل ڪئي وڃي (اسڪئيلر گهٽتائي بدران ردوبدل جو لفظ استعمال ڪندو هو.) پر جونز واري وقت جي ڀيٽ ۾ هينئر وڌيڪ سڌارو هو. تکي ۽ تڪڙي آواز ۾ انگ اکر پڙهندي هن ثابت ڪيو تہ هنن کي جونز واري وقت جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ جَوَ، وڌيڪ سڪل گاهہ، وڌيڪ گوگڙو ميسر آهن. هنن جا ٻچڙا صغيرپڻو اُڪاريو وڃن، هنن کي وٿاڻ ۾ وڌيڪ ڪک مليل آهن، ۽ مکين ۽ جيتن کان گهٽ آزاريل آهن. جانور هن جي هر ڳالهہ تي اعتبار ڪيو ٿي. سچ اهو هو تہ ڪين جونز جي وقت وارو حالتون ياد نہ هيون. هنن کي معلوم هو تہ سندس هاٺوڪي زندگي دشوار ۽ ڪٺن آهي ۽ هو اڪثر بکيو سمهيو رهن ٿا، ٿڌ جو شڪار رهن ٿا. جڏهن ننڊ ۾ نہ هوندا آهن تہ پورهئي ۾ مشغول هوندا آهن. پر لاشڪ پراڻي وقت ۾ حالتون اڃان بہ ابتر هيون. هو اُهو اعتبار ڪري خوش ٿي ويندا هُئا. وڌيڪ تہ پراڻي وقت ۾ هو غلام هُئا ۽ هاڻي هو آزاد آهن ۽ اهو مکيہ تفاوت آهي، جنهن تي زور ڀرڻ اسڪئيلر کي نہ وسرندو هو.

هاڻي آبادي بہ وڌي آهي. سرءُ جي موسم ۾ چئن مادي سوئرن 31 ٻچن کي ڄڻيو آهي، ننڊا سوئر چٽڪمرا آهن ۽ جيئن تہ رڳو نيپولن ئي سانُ آهي، سو انهن جي پيءُ جي شناخت مشڪل نہ هُئي. پوءِ وري سرون ۽ ڪاٺ خريد ڪيو ويو تہ اهو اعلانيو ويو تہ هاڻي فارم هائوس جي باغ ۾ اسڪول ٺاهيو ويندو. ڪجهہ وقت لاءِ نوجوان سوئرن کي نيپولن پنهنجي سر فارم هائوس جي رڌڻي ۾ سکيا ڏيندو. انهيءَ وقت هڪ ٻيو قانون ٺاهيو ويو تہ جڏهن ڪو سوئر ۽ ٻيو جانور وچ ۾ رستي ۾ گڏجن تہ ٻيو جانور پاسيرو ٿي بيهي ۽ وڌيڪ تہ سڀ سوئر بلا لحاظ مرتبي جي آچر جي ڏهاڙي پُڇن تي سايون ربنون پهريندا.

هيءُ سال فارم جي لاءِ سٺائو سال هو، پر روڪڙ جي وري به کوٽ درپيش هُئي. اسڪول لاءِ سرون، واري ۽ سيمنٽ ونٽو هو. ۽ وڏيڪ ونڊمل جي مشين لاءِ به بچت ڪرڻي هُئي. ان کان علاوه گهرن لاءِ بتين جو تيل ۽ شمعون، نيپولن لاءِ کنڊ (هن ٻين سوئرن کي کنڊ کائڻ کان منع ڪئي هُئي ته جيئن هو ٿلها نه ٿين) ۽ وڏيڪ اوزارن، رسين، ڪوئلي، ڪوڪن، تارن، لوهه ۽ ڪتن جي خوراڪ جي کوٽ به پوري ڪرڻي هُئي. سڪل گاهه جو ڪجهه حصو ۽ پٽاٽن جي فصل جو ڪجهه حصو وڪرو ڪيو ويو هو. بيضا پهچائڻ جو معاهدو هفتي ۾ ڇهه سو بيضن جي انگ تائين وڌايو ويو هو. انهيءَ ڪري ڪڪڙين هن سال رڳو ايترن بيضن تي آرو ڪيو، جيترا ممڪن هُئا. راشن جيڪو ڊسمبر ۾ گهٽايو ويو هو، سو فيبروري ۾ پيهر گهٽايو ويو ۽ تيل جي ڪپت گهٽائڻ لاءِ وٿاڻن ۾ بتي ٻارڻ کان روڪيو ويو. پر سوئر وڏيڪ خوش باش ٿي لڳا. حقيقت ۾ هو مچي رهيا هئا. فيبروري جي آخري هفتي ۾ هڪ شام جو، هڪ گرم ۽ خوشبودار ۽ بک ڏياريندڙ خوشبو محسوس ڪئي ويئي، جنهن جهڙي خوشبو اڳي نه سوگهي ويئي هُئي. اها جونز جي نندي ڪلال خاني مان اچي رهي هُئي. اهو ڪلال خانو جونز جي وقت استعمال هيٺ نه هو. ڪنهن چيو ته جَوَ رڌجڻ جي خوشبو آهي. جانورن بکايل نوع ۾ هوا کي سونگهيو ۽ اندازو هنيو ته هنن جي رات جي ماني لاءِ مليندو پيو تيار ٿئي. پر گرم مليندو ظاهر نه ٿيو ۽ ٻي آچر تي اعلان ڪيو ويو ته اڄ کانپوءِ جَوَ رڳو سوئر کائيندا. باغ پويان واري ٻنيءَ ۾ جَوَ پوکيا ويا هُئا. جلد اهو به پڌرو ٿيو ته هر سوئر کي روزانو بيئر جي هڪ پنٽ بوتل ملي ٿي ۽ نيپولن کي اڌ گيلن ڏنو وڃي ٿو. اهو اڌ گيلن ڪيس شاهي ٿانون ۾ پيش ڪيو وڃي ٿو.

جيڪي صعوبتون برداشت ڪيون پئي ويون، تن جو هلڪو ازالو انهيءَ حقيقت ٿي ڪيو ته هنن جي زندگيءَ ۾ اڳي جي ڀيٽ ۾ عظمت وڏيڪ هُئي. هينئر گهڻا گيچ، تقريرون ۽ جلسا هُئا. نيپولن حڪم ڏنو هو ته هفتي ۾ هڪ ڀيرو پاڻمرادو مظاهرو ڪيو وڃي، جنهنجو مقصد جانورن جي فارم جي ڪاميابين ۽ جدوجهد کي ملهائڻ هجي. مقرر وقت تي جانور ڪم ڪار ڇڏي فوجي نموني جي صف بندي ڪري فارم جي حدن جي

چوڏاري چڪر هڻندا هُئا. انهيءَ چڪر ۾ اڳيان سوئر هوندا هُئا، پوءِ گهوڙا، پوءِ ڳئون، پوءِ رڍون ۽ پوءِ ڪڪڙيون ۽ بدڪون وغيره. ڪتا جتي جي پنهي پاسن کان هلندا هُئا. سڀني کان اڳ نيپولن وارو ڪارو ڪڪڙ هوندو هو. باڪسر ۽ ڪلوور هڪ سائو بينر جهلي هلندا هُئا، جنهن تي کُر ۽ سنڱ جو نشان اڪريل هوندو هو ۽ نعرو لکيل هوندو هو ته ڪامريڊ نيپولن زنده باد. ان کان پوءِ نيپولن جي شان ۾ لکيل نظم پڙهيا ويندا هُئا. آخر ۾ اسڪئيلر تقرير ڪندو هو، جنهن ۾ پيدائش ۾ آيل واڌ جا تفصيل ٻڌايا ويندا هُئا. ڪڏهن ڪڏهن ان موقعي تي بندوق مان ٻه فائر ڪيو ويندو هو. رڍون انهن پاڻ هرتو مظاهرن جون پرجوش حمايتي هيون ۽ اگر ڪو جانور (ڪجهه جانور ڪتن ۽ سوئرن کان پرڀرو ٿي شڪايتون ڪندا هُئا) شڪايت ڪندو هو ته هڪ ته انهن جي ڪري وقت ضايع ٿئي ٿو ۽ ٻيو کين سيءَ ۾ تمام گهڻو بيهڻو ٿو پوي، تڏهن رڍون اهو ٻاڪارينديون هيون ته ”چار ٽنگون چڱيون ۽ ٻه ٽنگون بريون“ ۽ شڪايت ڪندڙ مجبورن چپ ٿي ويندو هو. پر تلهي ليکي جانور انهن جلوسن مان لطف اندوز ٿيندا هُئا. اها ياد ڏياري ته هو هاڻي پنهنجي زندگيءَ جا پاڻ مالڪ آهن ۽ سندن پورهيو سندن فائدي لاءِ آهي، کين فرحت ڏيندي هُئي. ائين گيت ڳائيندي، جلوس ۾ شريڪ رهندي، اسڪئيلر جي انگ اکرن واري تقرير ٻڌندي، بندوق جي ٺڪاءُ مهل، ڪڪڙن جي ٻانگ سان ۽ جهنڊي جي ڦڙ ڦڙ سان ڪجهه وقت لاءِ اهو وساري ويهندا هُئا ته سندن پيٽ خالي آهي.

اپريل ۾ جانورن جي فارم کي لوڪراڄ قرار ڏنو ويو ۽ ضروري ٿيو ته ان جو صدر چونڊيو وڃي. ان آساميءَ لاءِ هڪ ئي اميدوار هو: ڪامريڊ نيپولن، جنهن کي ئي يڪراءُ سان چونڊيو ويو. انهيءَ ڏينهن اهو به پڌرو ٿيو ته نوان ڊاڪيومينٽ ظاهر ٿيا آهن، جن جي مدد سان سنوبال جي جونز سان ساز باز هئڻ واري ڳالهه وڌيڪ وائکي ٿي آهي. هاڻي ظاهر ٿيو آهي ته اڳ جيڪو جانورن سمجهيو ته هن ڪيڏ ڪري جنگ ۾ شڪست تي ڏياري، سو تاثر غلط هو چو ته هو ظاهر ظهور جونز پاران وڙهيو هو. حقيقت ۾ هن انساني ڌر جي اڳواڻي ڪئي هُئي ۽ ”انسانيت زنده باد“ جا نعرا هڻي جنگ ۾

شامل ٿيو هو. سنوبال جي پوئين حصي تي رهڙون، جيڪي ڪجھ جانورن کي ياد هيون، سي نيپولن جي ڏندن جون هيون.

اونهاري جي وچ ۾ اوچتوئي اوچتو موزز ڪانگ سالن جي غير حاضريءَ کان پوءِ فارم تي ظاهر ٿيو هو. هن ۾ ڪابہ تبديلي نہ آئي هُئي. اهو اجان بہ ٽوٽي هو ۽ ساڳئي طرز ۾ مٺين شين واري پهاڙيءَ جو ذڪر تي ڪيو. هو وڻ جي ٽڙ تي ويهي ڪارا پر ڦڙڪائي، جيڪو ڪيس ٻڌندو هو، تنهن سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ پيو ڳالهائيندو هو. ”ڪامريڊو،“ هو پنهنجي چهنب کي آسمان ڏانهن ڪري چوندو هو تہ ”ڪاري ڪڪر جي بلڪل پويان شگرڪينڊي پهاڙي آهي. جتي اسان غريب جانور مرڻ پڄاڻان آرام جي زندگي گذاريندا سون.“ هو دعوي ڪندو هو تہ هن پاڻ اکين سان برسيم ۽ گاهن واريون پنيون ڏٺيون آهن ۽ اتي ڳڙ ۽ مصري جي پئدائش بہ ڏٺي آهي. ڪافي جانور هن جي ڳالهين تي ويساهہ رکندا هُئا. هنن جون زندگيون، هو دليل ۾ چوندا هُئا تہ، سخت پورهئي واريون، ڪٺن ۽ بکايل آهن. انڪري اهو حقي واجبي آهي تہ ڪا شانائتي دنيا ٻئي پاسي هجي. موزز ڏانهن سوئرن جو رويو ڪافي منجهائيندڙ هو. هڪ طرف تہ هو هن جي قصن کي ڪوڙو پيا ڪوٺيندا هُئا. تہ ٻئي پاسي نہ صرف هن کي واندو چڙدي ڏيندا هُئا، پر هن کي روزانو سوا پاءُ بيئر ڏيئي فارم تي رهڻ ڏيندا هُئا.

جڏهن باڪسر جو کر پرجي ويو ۽ تڏهن وري باڪسر اڳي کان وڌيڪ پورهئي ۾ لڳي ويو. حقيقت ڪري انهيءَ سال مڙني جانورن غلامن وانگي پورهيو ڪيو هو. رواجي ڪم ڪار ۽ ونڊمل جي نئين سر اڏاوت سان گڏوگڏ ننڍن سوئرن جي پڙهائي لاءِ اسڪول بہ اڏڻو هو. جنهن جي اڏاوت مارچ ۾ شروع ٿي هُئي. ڪڏهن اٻوري ڪاڏي تي پورهئي جا ڊگها ڪلاڪ سهپ کان ٻاهر هوندا هُئا. پر باڪسر ڪڏهن بہ نہ رڪيو. هن پنهنجي ڪنهن ڳالھ يا ڪم مان اهو تاثر نہ ڏنو تہ هاڻي ان ۾ اها شڪتي نہ رهي آهي. رڳو هن جي ڊول ۾ تبديلي نظر ٿي آئي. اڳي جي پيٺ ۾ هن جي کل ۾ اها چمڪ نہ رهي هُئي. هن جون ڏڏيون سُسِي ويون هُيون. پيا چوندا هُئا تہ بهار جو گاهہ باڪسر کي وري مچائي وجهندو. بهار آيو، پر

باڪسر مچي نہ سگھيو. ڪڏهن ائين لڳندو هو تہ ڪاهي ڏانهن ويندڙ چاڙهي تي وڏي ڪنهن پٿر جو وزن جهليو هلندڙ باڪسر جا پير رڳو پنهنجي ارادي جي سگهہ سببان ڪپيل لڳندا هُئا. اهڙي سمي ڏسبو هو تہ هن جا چپ ”آئون اجان بہ سخت پورهيو ڪندس“ جهڙو ڪو جملو پيا ٺاهيندا هُئا. چو تہ آواز هن جو ساٿ ڇڏي چڪو هو. هڪ ڀيرو وري ڪلوور ۽ بينجمن باڪسر تي زور وڌو تہ هو پنهنجي صحت جي سڌاري لاءِ ڪجهہ ڪري، پر باڪسر ان ڳالهہ کي ليکيو ئي ڪونہ. هن جو ٻارهون جنم ڏينهن ويجهو هو. تنهنڪري هن کي رڳو اها تانگهہ هُئي تہ هن جي پينشن تي لهڻ کان اڳ ئي پٿرن جو سٺو ذخيرو ٺهي وڃي.

گرميءَ جي هڪ نما شام اوچتو هُل هليو تہ باڪسر کي ڪجهہ ٿي ويو آهي. هو اڪيلي سر ويو هو پٿرن کي هيٺ ڊوئڻ لاءِ. اهو افواهہ سچ ثابت ٿيو. چند منٽن کان پوءِ بہ ڪبوتر خبر کڻي پهتا تہ باڪسر ڪري پيو آهي. هو هڪ پاسي ڪريو پيو آهي ۽ اٿڻ کان لاچار بنيل آهي.

فارم جا اڌواڌ جانور وٺي اوڏانهن ڀڳا. اُتي باڪسر گاڏيءَ جي بمن وچم پيل هو. هن جو ڪنڌ بہ لڙڪيل هو ۽ ان کي متي کڻي نہ پئي سگهيو. هن جون اکيون چمڪي رهيون ۽ پاسا پگهريل هُئا. هن جي وات مان رت جي هلڪي لار نڪري رهي هُئي. ڪلوور سندس پر ۾ گوڏا کوڙي ويهي رهي.

”باڪسر!“ هن دانهن ڪندي چيو، ”تون ڪيئن آهين؟“

”منهن جو ڦڦڙ گهائجي پيو آهي.“ هن نبل آواز ۾ جوابيو. ”پر ڪا ڳالهہ ڪونهي. آئون سمجهان ٿو تہ اوهان مون کانسواءِ بہ اها وندمل مڪمل ڪري وٺندائو. پٿرن جو ذخيرو سٺو ٿيل آهي. آئون هونئن بہ مهيني بعد وڃان ها. سچي ڳالهہ تہ اها آهي تہ آئون پاڻ بہ هاڻي ريٽائرمينٽ جو انتظار ڪري رهيو هوس ۽ شايد بينجمن پوڙهو ٿي ويو آهي، سو هن کي ساڳي وقت ريٽائر ڪندا تہ جيئن هو منهنجو ساٿي بنجي.“

”اسان کي مدد لاءِ پڪارڻ گهرجي.“ ڪلوور چيو. ”ڪو ڊوڙي وڃي اسڪئيلر کي هي واردات ٻڌائي.“

سڀ ئي جانور وڻي فارم هائوس ڏي ڀڳا ته جيئن اها خبر اسڪئيلر کي ٻڌائين. رڳو بينجمن ۽ ڪلوور پوئتي رهيا. بينجمن پنهنجي پڇ سان مکيون هڪليندو رهيو. 15 منٽن کانپوءِ اسڪئيلر پهتو. سندس چهرو همدردي ۽ ڳڻتي وارو ڏيک ڏئي رهيو هو. هن ٻڌايو ته ڪامريڊ نيپولن کي فارم هائوس جي انتهائي وفادار ساٿي جي درگهٽنا جو احوال مليو آهي ۽ انهيءَ تي غمگين ٿيو آهي. هو ولنگڊن جي اسپتال ۾ هن جي علاج جو بندوبست ڪري رهيو آهي. اهو ٻڌي جانور ۾ بي چيني ڦهلجي ويئي. سواءِ مُولي ۽ سنوبال جي، ٻئي ڪنهن جانور به هن فارم کي نه ڇڏيو آهي. هنن نٿي چاهيو ته هنن جو سنگي ظالم انسانن جي ور چڙهي. پر اسڪئيلر کين جهٽ ۾ راضي ڪري ورتو. جو ته هتي جي ڀيٽ ۾ ولنگڊن ۾ موجود جانورن جو ڊاڪٽر هن جو علاج سٺي نموني ڪري سگهندو. اڌ ڪلاڪ کانپوءِ باڪسر ڪنهن حال ۾ آيو ته وڏن ڪشالن کان پوءِ پيرن تي ڪڙو ٿيو ۽ منڊڪائيندو پنهنجي ڪڙه ڏي ويو. اتي ڪلوور ۽ بينجمن هن لاءِ ککن جو بسترو ٺاهي ورتو.

ٻه ڏينهن باڪسر پنهنجي ڪڙه ۾ پيو رهيو. سوئرن هڪ گلابي رنگ جي دوا جي وڏي بوتل ڏياري موڪلي هُئي. ڪلوور ڏينهن ۾ ٻه لڳا اُها دوا کاڌي کانپوءِ هُن کي پياريندي هُئي. لڙي شام جو هوءَ هن کي ڪڙه ۾ اچي ويهندي هُئي. جڏهن ته بينجمن مکيون پيو هڪليندو هو. باڪسر کين چيو ته جيڪي ٿيو، ان تي افسوس نه ڪيو وڃي. جيڪر هو ڀيهر تازو توانو ٿيو ته پوءِ هن کي اميد آهي ته هو اجان به ٽي سال کن وڌيڪ جيئرو رهندو. ۽ هو هاڻي چراگاهه جي ڪنڊ ۾ پويان ڏينهن گهارڻ جو انتظاري آهي. جتي هو واندڪائي ۾ پڙهندو ۽ ذهن کي سڌاريندو. هن جو ارادو هو ته هو حياتيءَ جا باقي ڏينهن الفابيٽ جا باقي رهيل 22 اکر سکڻ ۾ گهاريندو.

پر ڪلوور ۽ بينجمن رڳو ڪم واري وقت کانپوءِ وٽس موجود هوندا هُئا. سو وچ ڏينهن ۾ هڪ گاڏو آيو ۽ کيس کڻي واپس وريو. ٻيا جانور

سوئرن جي نگراني ۾ گوگڙو ڪڍي رهيا هُئا ته بينجمن هينگندو ۽ ڊوڙندو وٽن پهتو. ”تڪڙا ٿيو.“ هن رڙ ڪندي چيو، ”جلدي ۾ اچو! هو باڪسر کي الائي ڪٿي ڪٽيو پيا وڃن.“ سوئرن جو حڪم ٻڌڻ کانسواءِ ئي هو فارم هائوس ڏي ڀڳا. آڳند ۾ هڪ گاڏو جنهن کي ٻه گهوڙا ڇڪي رهيا هُئا، بيٺو هو. گاڏي جي هڪ پاسي ڪجهه لکيل هو. ڪوچوان هڪ پر اسرار شخص ٿي لڳو. باڪسر جي ڪڙه خالي هُئي جانور گاڏي جي چوڌاري ٿي بيٺا. ”خدا حافظ “ هنن هڪ آواز ۾ چيو، ”خدا حافظ“.

”بيوقوفو! بيوقوفو!“ بينجمن هنن جي چوڌاري زمين تي پير هٽندو گهميو ۽ کر سان زمين کوٽيندو رهيو. ”بيوقوفو! اوهان کي گاڏي جي پاسي ۾ لکيل ٺتو نظر اچي“ اهو ٻڌي هو خاموش ٿي ويا. مُريل لفظن کي اچارڻ شروع ڪيو. پر بينجمن هن کي پوئتي ڪري، پوائتي خاموشي کي ٽوڙيندي پڙهڻ شروع ڪيو ””الفريد سمندر گهوڙن جو ڪاسائي ۽ گلو ٺاهيندڙ ولنگڊن، ڪلن ۽ هڏن جو ڊيلر ۽ ڪتا مهيا ڪندڙ‘ اوهان کي ڪجهه سمجهه ۾ اچي ٿو. هي باڪسر کي ڪاسائين وٽ ڪٽي پيا وڃن.“

اهو ٻڌي سيني دهشت ۾ وٺجي رڙ ڪئي. انهيءَ گهڙيءَ ڪوچوان گهوڙن کي ڇهبڪ هنيو ۽ گاڏو اڳتي رڙهيو. سڀ جانور ان جي پويان هلندا رهيا ۽ رڙندا رهيا. ڪلوور زور پري اڳيان ويئي. گاڏو به تيز ٿيندو ويو. ڪلوور ڊڪڻ لاءِ پنهنجي ٿنگن تي زور وڌو، پر هو رڳو وچٿري رفتار حاصل ڪري سگهي.

”باڪسر!“ هن دانهن ڪئي، ”باڪسر! باڪسر!“ ۽ انهيءَ گهڙي باڪسر ڄڻ ٻاهريون گوڙ شور ٻڌو هجي، پنهنجو منهن، جنهنکي هيٺين حصي تي اچي پٽي ٻڌل هُئي، گاڏي جي پويان واري حصي جي ننڍڙي دري کان ظاهر ڪيو.

”باڪسر“ ڪلوور دهشت ۾ رڙ ڪئي. ”باڪسر! ٻاهر نڪري اچ جلدي ڪر! توکي هُو موت جي مُنهن ۾ وٺيو پيا وڃن.“

سيني جانورن گڏجي رڙ ڪئي. ”باڪسر ٻاهر لهي اچ!“ پر گاڏو اڳ ۾ ئي رفتار پڪڙي چڪو هُئو ۽ دور ٿيندو ويو. اها پڪ نہ آهي تہ باڪسر ڪلوور جي ڳالهہ کي ٻڌو يا نہ ٻڌو. پر ڪجهہ گهڙين کانپوءِ هن جو چهرو دري مان گم ٿي ويو. ۽ گاڏي اندر کرن هڻڻ جو آواز ايندو رهيو. هو ٻاهراچڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيو هو. اهڙو بہ زمانو هو جڏهن باڪسر جي چند لتن سان هي گاڏو ٽٽي پرزا ٿي وڃي ها. پر افسوس تہ هن جي سگهہ هن کان موڪلائي ويئي هُئي. ڪجهہ گهڙين بعد هن جي کرّين هڻڻ جو آواز گهٽجي ويو. پريشانيءَ ۾ جانورن گاڏو گهليندو جانورن کي چيو تہ ”ڪامريڊو! پنهنجي ڀاءُ کي موت ڏانهن نہ گهلي وڃو.“ پر هنن بيوقوف جانورن پنهنجي آسپاس کان غافل ٿي، ڪنن کي بند ڪري رفتار وڌائي ڇڏي. باڪسر جو منهن ٻيهر ظاهر نہ ٿيو. ڪنهن کي تمام دير سان خيال آيو تہ اڳتي وڌي وڏي ٻاهرئين در کي بند ڪجي، پر ان سمي، گاڏو ان مان نڪري ويو ۽ سامهون واري روڊ تي چڙهي گم ٿي ويو. باڪسر کي ٻيهر ڪڏهن بہ نہ ڏٺو ويو.

ٽن ڏينهن کانپوءِ اعلان ڪيو ويو تہ هُو ولنگڊن اسپتال ۾، علاج هلندي گذاري ويو. اسڪئيلر پاڻ اها خبر ٻڌائڻ آيو هو. هن پاڻ ٻڌايو تہ هو پاڻ باڪسر جي آخري ساعتن ۾ اُتي موجود هو.

”اُهو ڏاڍو عجيب نظارو هو، جيڪو مون اڳتي نہ ڏٺو هو.“ اسڪئيلر پنهنجا ڳوڙها اگهندي چيو. ”آئون آخري دم تائين هن جي بستري وٽ موجود رهيس. هن آهستگيءَ سان چيو تہ ’هن کي ڏک آهي تہ هو وندمل جي ٺهڻ کان اڳ ۾ ئي موڪلائي رهيو آهي.‘ ’ڪامريڊو! اڳتي وڌو.‘ هن جا آخرين لفظ اهي هُئا. ’بغاوت جي نالي ۾ اڳتي وڌو‘ ’اينمل فارم زنده باد.‘ ’ڪامريڊ نيپولن زنده باد‘ ۽ ’ڪامريڊ نيپولن سدائين صحيح هوندو آهي.‘ هائو اهي هن جا آخري لفظ هُئا.“

اُهو چئي اسڪئيلر جي سڀاءَ ۾ تبديلي آئي. هو ڪجهہ وقت لاءِ خاموش ٿيو ۽ پنهي پاسي شڪي نگاهن سان ڏٺو. هن چوڻ شروع ڪيو تہ ”هن کي معلوم ٿيو آهي تہ ڪن جانورن اهو غلط افواهہ ڦهلايو آهي تہ

جنهن گاڏي ۾ باڪسر کي نيو ٿي ويو. ان تي گهوڙن جو ڪاسائي لفظ لکيل هُئا. سو اهو نتيجو ڪڍيو ويو هو ته هن کي ناڪاره گهوڙا وٺي ذبح ڪندڙ ڏانهن وٺي پئي ويا.“ اسڪئيلر چيو، ”اها ڳالهه اعتبار جوڳي نه آهي. ڪو جانور ايترو وائڙو ٿي سگهي ٿو. يقيني طور نه.“ هن پنهنجي پڇ کي لوڏيندي، ڪاوڙ مان چيو ته” چا اُهي اسان جو اڳواڻ کي هن کان وڌيڪ ڄاڻن ٿا. وضاحت تمام سادي هُئي. اُهو گاڏو پهرئين ڪنهن ڪاسائيءَ جي ملڪيت هو، جنهن کي پوءِ ڪنهن جانورن جي ڊاڪٽر خريد ڪيو هو، ۽ اڃان پراڻو نالو نه مٽايو ويو هو. انهيءَ ڪري اها غلط فهمي پيدا ٿي آهي.“

جانور اهو ٻڌي ڪافي حد تائين مطئمن ٿي ويا ۽ جڏهن اسڪئيلر باڪسر جي آخرين ساعتن جا نقش چٽڻ شروع ڪيا ته هن کي بهترين سنڀال حاصل ٿي ۽ مهانگيون دوائون به مليون، جن جي ادائيگي ڪامريڊ نيپولن جهٽ پٽ ٿي ڪئي، تڏهن هنن جا آخرين شبها به دور ٿي ويا. پنهنجي ڪامريڊ جي موت جو غم انهيءَ خيال ته سندس موت خوشيءَ جي حالت ۾ ٿيو، گهٽائي ڇڏيو.

نيپولن پاڻ آچر جي گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿيو ۽ باڪسر جي ياد ۾ تقرير ڪيائين هن ٻڌايو ته هن جو لاش آڻڻ ممڪن نه هو، پر هن حڪم ڏنو آهي ته فارم جي گلن مان چادر ٺاهي وڃي، جيڪا هن جي قبر تي چاڙهي ويندي. نيپولن پنهنجي تقرير جي پڇاڙي باڪسر جي مشهور چوڻين جي ورجاءَ سان ختم ڪئي. ’آئون اڃان به سخت پورهيو ڪندس‘. ۽ ’ڪامريڊ نيپولن سدائين صحيح هوندو آهي‘. ”اُهي مٽا“ هن چيو، ”سيني جانورن کي اپنائڻ گهرجن.“

ڪاني واري تقريب جي ڏينهن دڪاندار جي گاڏيءَ ۾ ڪاٺ جو وڏو ڪريٽ ولنگڊن مان آيو ۽ فارم هائوس ۾ وڃي لٿو. ان رات فارم هائوس ۾ گانا بجانا ٿيندا رهيا ۽ جهيڙن جا آواز ايندا رهيا ۽ يارهين بجي گلاس ٽوڙڻ کان پوءِ محفل ختم ٿي. ٻئي ڏينهن فارم هائوس جا واسي ٻنپهرن کان اڳ نه جاڳيا ۽ ڪٿان نه ڪٿان اها خبر پهتي ته سوئرن وسڪي وٺڻ لاءِ رقم ڪٿان حاصل ڪئي هُئي.

# باب ڏهون

سال گزرندا ويا. موسمون اينديون رهيون ۽ متبيون رهيون. جانورن جون ننڍيون عمريون به اڏامنديون رهيون. اهو وقت به آيو جو ڪلوور، بينجمن ۽ موزز ڪانسواءِ ڪنهن بہ جانور کي بغاوت واري وقت کان اڳ جي زماني ڪا سنيار نہ هُئي.

مُريل مري ويئي، بلوبيل، جيسي ۽ پنچر بہ راهہ رباني اختياري ويا هُئا. جونز بہ هن دنيا ۾ نہ رهيو هو. هو ڪنهن ملڪ جي شرابي خاني ۾ موت سان ملاقاتي ٿيو هو. سنوبال بہ وسري چڪو هو. باڪسر سواءِ چند جي ڪنهن کي بہ ياد نہ هو. ڪلوور هاڻي ڦيقي گهوڙي هُئي، هن جا سنڌ سيٽيل ۽ اکيون ڳاڙهيون بنيل هيون. هوءَ ريٽائر ٿيڻ جي عمر کان بہ سال وڌي ٿي چڪي هُئي، پر حقيقت ۾ ڪوبہ جانور اجان ريٽائر بہ نہ ٿيو هو. ريٽائر ڪيلن جي رهائش واسطي چراگاهہ جي ڪناري کي مخصوص ڪرڻ جو ارادو ترڪ ٿي چڪو هو. نيپولن جو وزن 154 ڪلو گرام تائين پهتو هو. اسڪئيلر ايترو تہ سڄي ويو هو جو هُو تڪليف سان اکيون ٿي کولي سگهيو. رڳو پوڙهو بينجمن ساڳئي نموني جو هو، سواءِ اُن جي تہ هن جا وار اڇا ٿي ويا هيا ۽ باڪسر جي موت کانپوءِ وڌيڪ غمگين، اداس ۽ مانيٽو بنجي ويو هو.

هوئنئ فارم تي پانت پانت جو مخلوقون هيون، جيتوڻيڪ انهن ۾ ايتري واڌ نہ آئي هُئي، جيتري جي شروع ۾ اميد پئي رکي ويئي. ڪيترا جانور نوان ڄاول هُئا. جن لاءِ بغاوت رڳو ڏندلي روايت هُئي، جيڪا زباني طرح وڏڙن کين منتقل ڪئي هئي. ڪجهہ ٻيا جانور، جيڪي خريد ڪيا ويا هُئا، تن هتي اچڻ کان اڳ ان جو ذڪر نہ ٻُڌو هو. فارم ۾ ڪلوور سان گڏ ٽي ٻيا بہ گهوڙا هُئا. اُهي ڪافي سگهارا جانور هُئا ۽ سٺا ساٿي بہ. هر وقت پورهئي لاءِ تيار پر ذهني طرح مورک هُئا. انهن مان ڪوبہ الفابيٽ جي ٻئي اکر کان اڳتي نہ وڌي سگهيو. هنن کي بغاوت متعلق يا جانورازم جي اصولن جي حوالي سان جيڪو ڪجهہ ٻڌايو ٿي ويو، سو هنن قبولي ٿي ورتو. خاص ڪري ڪلوور جي ڳالهين کي تہ جهٽ ۾ مڃي ٿي ورتو، جنهن لاءِ هنن جي

دلين ۾ مادرانہ عزت ھُئي. پر اھو يقيني نہ ھو تہ ڪين جيڪو بہ ٻڌايو ٿي ويو، سو ڪين سمجھہ ۾ نہ آيو ٿي يا نہ.

فارم ھاٽي نہ رڳو خوشحال ھو، پر وڌيڪ منظم بہ ھو. اھو وڌيڪ ڦھلجي ويو ھو، ڇاڪاڻ تہ مسٽر پلڪنگٽن کان ٻہ ٻنيون خريديون ويون ھيون. آخر ڪار ونڊمل جڙي راس ٿي ھُئي ۽ فارم ۾ ٿريشنگ مشين بہ اچي ويئي ھُئي. گاھہ ڪي چاڙھڻ ۽ چڪڻ واري مشين بہ ورتي ويئي. ان کان علاوہ ھن فارم ۾ وڌيڪ جڳھيون بہ جوڙيون ويون ھُيون. ومپر پاڻ لاءِ ٽانگو خريديو ھو. بھرحال ونڊمل کي بجلي پيدا ڪرڻ لاءِ نہ پئي استعمال ڪيو ويو. ان کي اَنَ پيھڻ لاءِ پئي ڪم ۾ آندو ويو. جنھن جي ڪري رقم جي صورت ۾ منافعو ڪمايو پئي ويو. جانور وري ٻي مل جوڙڻ لاءِ سخت پورھئي ۾ جنبيل ھُئا. جڏھن اھا ٺھي تہ اھو چيو ويو تہ ھاٽي جنريٽر لڳايو ويندو. پر جن عشرتن جا خواب سنوبال ڏيکاريا ھُئا - وٿاڻن ۾ بجلي، ٿڌو ۽ گرم پاڻي، ڪم لاءِ ٽي ڏينھن - تن جو ھاٽي ذڪر ئي نہ ٿي ڪيو ويو. نيپولن انھن تصورن کي جانورازم جي روح جي منافي قرار ڏنو ھو. ھن جو چوڻ ھو تہ حقيقي ۽ سچي خوشي پورھيو ڪرڻ ۽ سادگيءَ سان رھڻ ۾ آھي.

لڳو ائين ٿي تہ فارم ۾ خوشحالي تہ آئي ھُئي، پر سواءِ ڪتن ۽ سوئرن جي، ٻين جانورن جي حالتن ۾ سڌارو نہ آيو ھو ۽ ھو اڳي وانگر غريب ئي رھيا. شايد ان جو ھڪڙو سبب اھو ھو تہ ھتي سوئرن ۽ ڪتن جي گھڻائي ھُئي. ائين بہ نہ ھو تہ اھي صاحبان ڪو ڪم ڪار نہ ڪندا ھُئا. جيئن اسڪئيلر وضاحت ڪندي ٿڪبو ئي نہ ھو تہ فارم جي نگھباني ۽ انتظام وارو ڪم اڻ ڪٿ آھي. گھڻو ڪم تہ اھڙي نوع جو آھي، جيڪو ٻيا جانور سمجھي نہ سگھندا. مثال طور اسڪئيلر ڪين ٻڌايو ھو تہ سوئر صاحبان ھر روز فائيلن رپورٽن، منٽن، ميموئن جھڙن پر اسرار شين تي وڏو وقت کپائين ٿا. اُھي پنن جا ٿھا جيڪي پرٽا ھوندا ھُئا ۽ وري ڪين پرڻ کان پوءِ ڪوري ۾ ساڙڻو ھو. اسڪئيلر جي چواڻي فارم جي ڀلائي واسطي اھو تمام ضروري ھو. پوءِ بہ نڪي ڪتن، نڪي سوئرن پنھنجو ڪاڌو ٿي پيدا ڪيو. اُھي نہ رڳو تعداد ۾ گھڻا ھُئا، پر انھن جي ٻک بہ شاندار ھُئي.

پين جانورن جي لاءِ زندگي اهڙي هُئي، جيڪا اڳ ۾ ساڳي رهي هُئي. اهي اڪثر بکايل رهندا هُئا ۽ ڪکن تي سمهندا هُئا. حوض مان پاڻي پيئندا هُئا. پنين ۾ گهمندا هُئا. سياري ۾ سيءُ کين تنگ ڪندو هو ته اونهاري ۾ وري مکيون کين هلاڪ ڪنديون هيون. ڪڏهن ڪڏهن ڪي پوڙها پنهنجي ڏنڌلين يادگيرين وسيلي اهو تعين ڪرڻ گهرندا هُئا ته اڄوڪيون حالتون، بغاوت جي شروعاتي ڏينهن ۾ جڏهن جونز کي تازو ڀڄايو ويو هو، جي ڀيٽ ۾ بهتر آهن يا بريون آهن. پر کين ڪا چٽي يادگيري نه سجهندي هُئي، جنهن جي آڌار هو ڀيٽ ڪري سگهن. انهن وٽ اسڪئيلر جي فهرستن کان سواءِ پڙهڻ لاءِ ٻيو ڪجهه نه هو. ۽ انهن فهرستن ۾ ثابت ڪيل هو ته شيون وڃن ٿيون بهتر کان بهتر بنبيون. جانورن کي اهو احساس هو ته مسئلا حل ٿيڻ جوڳا نه آهن. پر مکيه ڳالهه اها هُئي ته وٽن ايترو وقت ئي نه هو ته انهن مامرن تي ويهي مٿاڪٽ ڪن. رڳو پوڙهي بينجمن جي دعوي هُئي ته ڪيس هر وڏي ننڍي واقعي جي چٽي يادگيري آهي. سندس خيال هو ته حالتون نه صفا خراب نه صفا سٺيون ٿيون آهن. ۽ نه ڪڏهن ائين ٿيندو. هو چوندو هو ته بکون، بدحاليون، مايوسيون وغيره زندگيءَ جو اَبدل قانون آهن.

ان هوندي به جانورن اميد جو دامن هٿان نه ڇڏيو هو. ۽ وڌيڪ ته هنن هڪ گهڙي لاءِ به نه، انهيءَ مرتبي ۽ فخر جو احساس وڃايو هو، جيڪو کين انيمل فارم جي رهواسيءَ جي حيثيت ۾ حاصل ٿيو هو. اڃان توڻي پوري انگلنڊ ۾ انهن جو فارم ئي اڪيلو هو، جنهن جا مالڪ ۽ سنڀاليندڙ سڀ جانور هُئا. نڪو انهن، نڪي نوجوانن ۽ نڪي نون آيل جانورن انهيءَ حقيقت تي اچرج ڏيکارڻ ڇڏي ڏنو هو. جڏهن بندوقن جي ٺڪائن هلندي ۽ سائي جهنڊي کي ڦڙڪندي ڏسندا هُئا، تڏهن سندن دليون فخر وچان ڦنڊي ويندڀون هيون، ۽ هنن جي ڳالهين جو رخ نيٺ وڃي پراڻن سورهيائي وارن ڏينهن، جونز جي ڀاڄ ۽ نيڪالي، ستن حڪمنامن (فرمانن) جي لکائي، ڪاهي ايندڙ انسانن کي شڪست ڏني ويندڙ جنگين ڏانهن مڙي ويندو هو. ڪوبه پراڻو خواب ترڪ نه ڪيو ويو هو. ميجر جنهن جانور ريپبلڪ، جيڪا انگلنڊ جي ساين پنين تي مبني هوندي ۽ ان ۾ انسانن جو نالو نشان به نه هوندو، جو خيال اڃان زنده هو. ڪڏهن نه ڪڏهن ان جو قيام عمل ۾

ايندو، ڪٽي هينئر نه، پر اهو اوس ٽيٽو آهي. ايتري تائين جو ”انگلنڊ جا جانور“ واري گيت جي ڌن به لڪي ڇپي جهونگاري ٿي ويئي. اها حقيقت هُئي ته هر جانور ان کي ڄاڻندو هو، پر وڏي آواز ان کي ڳائڻ کان لهرائيندو هو. ائين ڪٽي هجي ته هنن جي زندگي دشوار هُئي ۽ سندن سڀ آسون ۽ اميدون پوريون نه ٿيون هيون، پر هنن کي پتو هو ته هو ٻين جانورن جهڙا نه آهن. جو ته پن ٽنگن واري ڪابه خلقت منجهن رهائش پذيرنه هئي. ڪنهن مخلوق ٻي خلق کي آقا نه سڏيو. سڀ جانور برابر هُئا.

گرميءَ جي شروعاتي مرحلي ۾ هڪڙي ڏهاڙي اسڪئيلر رڍن کي پنهنجي ڪيد اچڻ جو حڪم ڏئي کين فارم جي ٻئي ڇيڙي ڏي وٺي ويو، جتي لَڪُڻ جا ننڍا ٻوٽا تمام گهڻا ڦٽل هُئا. اسڪئيلر جي نگهبانيءَ ۾ رڍن سڄو ڏينهن انهن کي چرڻ ۾ لڳايو. ۽ جيئن ته موسم گرم هُئي، سو اسڪئيلر کين اتي رهڻ جو چيو ۽ پاڻ واپس موٽي آيو. اُهي پورو هفتي اُتي ئي رهيون. اسڪئيلر هنن سان ڏينهن جو چڱو حصو گڏ رهندو هو. هن چيو ته هُو هنن کي هڪ نئون راڳ سيکاري رهيو آهي، جنهن لاءِ نويڪلائي جي ضرورت آهي.

جڏهن رڍون واپس وري آيون، تڏهن هڪ خوشگوار شام جو، جنهن مهل جانورن پنهنجو ڪم پورو ڪيو هو ۽ گهرن لاءِ واپس ٿي وريا، تنهن مهل آڳنڊ مان گهوڙي جي ڊيڄاريندڙ هڻڪار ٻڌڻ ۾ آئي. حيران ٿي بنجي جانور جتي هئا، اتي ئي بيهي رهيا. اهو آواز ڪلوور جو هو. هُن وري هڻڪاريو، سو جانور وٺي آڳنڊ ڏي ڀڳا. اُتي کين اِهو نظر آيو، جيڪو ڪلوور ڏٺو هو: سوئر پنهنجي پوين ٽنگن تي هلي رهيو هو.

ها اهو اسڪئيلر هو. ٿورڙو اڏنگي نموني، ڇڻ هو پنهنجي پوري وزن يا ڊول کي انهي نموني ۾ سنڀالي سگهڻ تي هريل نه هو، پر ڪافي تناسب سان آڳنڊ ۾ گهمي ڦري رهيو هو. ڪجهه گهڙين کان پوءِ فارم هائوس جي دروازي مان سوئرن جي ڊگهي قطار نڪتي، جيڪي به پوين ٽنگن تي هلي رهيا هُئا. ڪجهه صحيح طرح هلي رهيا هُئا، ته ڪي وري اهڙي نوع ۾ پئي هليا، ڄڻ کين ڪنهن ٽيڪ جي ضرورت هجي. بهرحال هرهڪ آڳنڊ جو چڪر

ڪاميابيءَ سان لڳايو ۽ آخر ۾ ڪتن جي باهوڙ ٻڌي ويئي ۽ ڪارڙي ڪڪڙ تيز ۽ تکي آواز ۾ ٻانگ ڏني، جنهن ڪانپوءِ نيپولن بنفس خود، هيڏي هوڏي شوخ نظرون ڦهلائيندو آيو. سندس ڪتا هن جي چوڌاري ٽينگ ٽپا ڏيندا رهيا.

هن جي اڱڻين ٽنگ ۾ چهبڪ پڪڙيل هو.

موتمار خاموشي ڇانئجي ويئي. حيران، ڊنل، ۽ لطف اندوز ٿيندڙ جانور هڪ جاءِ مڙي اهو نظارو ڪندا رهيا. ائين ٿي لڳو ته ڄڻ دنيا اونڌي ابتي ٿي ويئي هجي. ان بعد اُها گهڙي آئي جڏهن اهو پهريون صدمو ختم ٿيو، ۽ جڏهن هر ڳالهه جي باوجود - ڪتن جي ڊپ هوندي ۽ چا ٻه ڪٽي ٿي پوي شڪايت ۽ تنقيد نه ڪرڻ جي واري سالن کان سکيل عادت جي باوجود - شايد هنن مان ڪنهن احتجاج جو اظهار ڪيو هجي. پر ٺيڪ ان مهل، ڄڻ اشاري ملڻ سان، سڀ رڍون ٻاڪارڻ لڳيون ته : ”چار ٽنگون چڱيون، پر ٻه ٽنگون سٺيون“ ”چار ٽنگون چڱيون، پر ٻه ٽنگون سٺيون“.

اها ٻاڪار بي روڪ پنج منٽ کن هلي. جنهن وقت رڍون خاموش ٿيون تڏهن ڪنهن احتجاج جو ڪو امڪان ٻه ختم ٿي ويو هو، ڇو ته سوئر ٻه فارم هائوس اندر هليا ويا هُئا. بينجمن کي ڪو نڪ هن جي ڪلهي کي نوسيدو محسوس ٿيو. هن پوئتي ورائي ڏٺو. اها ڪلوور هُئي. هن جون اکيون اڳ جي پيٽ ۾ وڌيڪ ڌنڌليون ٿي لڳيون. بغير ڪجهه چوڻ جي هوءَ هن کي ڳچيءَ جي وارن کان نرميءَ سان پڪڙي، ٻاندي جي ڇيڙي ڏي وٺي آئي. جتي ست فرمان لکيل هُئا. ٻه ٽي منٽ اُهي بيهي پٽ تي لکيل اکرن کي تڪيندا رهيا. ”منهنجي نظر خراب ٿي رهي آهي“ هن نيٺ ڪڇيو، ”پر جڏهن آئون جوان هيس تڏهن ٻه اهو لکيل پڙهڻ جي قابل نه هيس، پر مون کي لڳي ٿو ته هن پيري پٽ جي لکت جو نمونو ڪجهه ٻيو آهي. ڇا اهي ست حڪمناما ساڳيا آهن، جيئن اڳ ۾ هُئا، بينجمن!“ هڪ ڀيرو بينجمن پنهنجو نيم ٽوڙيو ۽ هن ڪلوور کي پٽ تي لکيل پڙهي ٻڌايو. اُتي ٻيو ڪجهه ٻه نه هو، سواءِ هڪ فرمان جي ته:

”سڀ جانور برابر آهن، پر ڪجهه جانور ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ برابر آهن.“

انهيءَ ڪان پوءِ اهو اچرج جوڳو نظارو نه هو، جڏهن ٻئي ڏهاڙي فارم جي ڪمن جي نگهباني ڪندڙ سوئرن جي اڳئين ٽنگن ۾ چهبڪ هوا. اهو ڄاڻڻ به حيرانگيءَ جو باعث نه بڻيو ته سوئرن پنهنجي لاءِ وائرليس جو سيٽ ورتو آهي ۽ ٽيليفون هڻائڻ لاءِ هٿ پير هڻي رهيا آهن ۽ رسالن جان بُل، ٽٽبٽس ۽ روزاني اخبار مرر جا ساليانه خريدار بڻيا آهن. اهو به حيرت انگيز نه هو ته نيپولن فارم هائوس جي باغ ۾ چڪر هڻندي پائيپ پي رهيو هو. نڪي ڪنهن کي حيرانيءَ ورتو جڏهن سوئرن جونز جي ڪپڙن جا الماريءَ مان ڪپڙا ڪڍي پاڻ پهريا هُئا. نيپولن پاڻ ڪارو ڪوٽ، وڏو ڪڇو ۽ چمڙي جا وڏا جوراب پاتا هُئا. سندس دلدار سوئرڻ اها ريشمي ڊريس پاتي هُئي، جيڪا بيگم جونز هر آچر تي پهريندي هُئي.

هڪ هفتي ڪانپوءِ ٽپهري سمي ڪافي ٽانگا فارم اندر آيا. پر پاسي جي فارم واسين جو وفد هن فارم جي دوري تي آيو هو. هنن کي سڄو فارم گهمايو ويو. هنن جيڪا به شي تي ڏٺي، تنهن جي تي ساراهه ڪئي. خاص ڪري ونڊمل جي گهڻي تعريف پئي ڪيائون. جانور گوگڙن واري ٻني جو گند گاهه صاف ڪري رهيا هُئا. اهي سخت پورهئي ۾ رنڀيل هئا ۽ ورلي تي منهن مٿي ڪيائون. پتو نه هُئن ته سوئر وڌيڪ ڊيڄاريندڙ تي ياسيا، يا جهجهي تعداد ۾ آيل انسان .

انهيءَ رات فارم هائوس مان کاڏ پيت ۽ ڳائڻ وڄائڻ جا آواز ايندا رهيا. ۽ اوچتو جڏهن گڏوچڙ ۽ نوان آواز جانورن جي ڪنين پيا ته منجهن تجسس جاڳيو. جڏهن انسان ۽ جانور برابري واري نموني اچي گڏيا هُئا، تڏهن اُتي ڇا وهي واپري رهيو هو. هو سڀ يڪراءُ تي، خاموشيءَ سان رڙهندا، فارم هائوس جي باغ ۾ پهتا.

دروازي وٽ اُهي رڪجي ويا، ڇو ته اهي ڊنا پئي. پر ڪلوور انهن کي اڳيان وٺي ويئي. اهي آهستي آهستي بي آواز فارم هائوس تائين پهتا ۽

جيڪي ڏکيا هُئا، سي درين مان اندر تڪڻ لڳا. اندر ڪمري ۾ گول ميز تي چوڌاري اڌ ڊزن انسان هُئا ته اڌ ڊزن اهم ۽ ناليارا سوئر ويٺل هُئا. نيپولن وڏي ڪرسي تي ويٺل هو. ٻيا سوئر به ڪرسين تي آرام ده ٽيو ويٺا هُئا. هي سب تاس راند کيڏڻ ۾ مصروف هُئا، ګڏوګڏ هو هڪ ٻئي جي زندگيءَ ۽ صحت جو جام به نوش ڪري رهيا هُئا. هڪ ڏکهو جڳ ڦري رهيو هو ۽ بيئر سان مگ پرجي رهيا هُئا. ڪنهن به اندر تڪيندڙ جانورن ڪي نه ڏٺو.

فاڪسوڊ جو مسٽر پلڪنگٽن اُٿي بيٺو. هن جي هٿ ۾ پيالو هو. هن چيو ته هو ڪجهه گهڙين ۾ ويٺل صاحبان کي چوندو ته اڃي صحت ۽ زندگي جو جام نوش ڪن پر ان کان اڳ هو ضروري سمجهي ٿو ته ڪجهه ڳالهائي: ”اهو هن توڙي ٻين هت ويٺلن ماڻهن لاءِ اطمنيان جو سبب آهي ته بدگمانيءَ ۽ غلط فهميءَ جو ڏکهو دور پڄاڻي پهتو آهي. اهو به وقت هو جڏهن هن فارم جي مالڪن کي انساني پاڙيسري دشمني واري نموني نه پر شڪي طرح ڏسندا هُئا. هُو ۽ هتي موجود سندس ٻيا ساٿي اهڙي سوچ ۾ ڀاڱي ڀائيوار نه رهيا آهن. ڪي اگرا واقعا به ٿيا ۽ ڪجهه غلط نظريا به مروج رهيا. اهو سمجهيو ٿي ويو ته سوئرن جي انتظام هيٺ ڪم ڪندڙ هي فارم هڪ غيرفطري عمل آهي، جنهن جا ٻين فارمن تي خراب اثر پوندا. بغير جانچ جونچ جي ڪيترن ئي فارمن جي جاگيردارن اهو پئي سمجهيو ته هن ۾ بد انتظامي ۽ بي حيائي جو چالامان آهي. اُهي پنهنجي جانورن ۽ انساني ملازمن تي هن جي اثرات متعلق مُنجهيل هُئا. پر هاڻي سب انديشا ۽ شڪ ختم ٿي ويا آهن. اڄ هن ۽ سندس دوستن فارم گهمي ڏٺو آهي ۽ هر شيءِ کي ٽپاسيو ۽ اکيان ڏٺو آهي. ۽ هن ڇا ڏٺو؟ نه فقط وقتائتا اقدام، بلڪ جنهن ڊسيپلين ۽ منظم پٽي جو مظاهرو پئي ٿيو، تنهن کي ٻيا فارم نموني طور اختيار ڪري سگهن ٿا. هن جو ايمان هو ته هو انهيءَ چوڻ ۾ غلط نه آهي ته ٻين فارمن جي ڀيٽ ۾ هتي جا ننڍي حيثيت وارا جانور ٿورڙي کاڌي جي عيوض تمام گهڻو ڪم ڪري رهيا آهن. بيشڪ هن ۽ هن جي دوستن هتي جي ڪجهه خصوصيتن کي ڏٺو آهي ۽ انهن کي هو وچي پنهنجي فارمن ۾ لاڳو ڪرائيندا.“

هن چيو تہ پنهنجي خيال آرائيءَ جي پڇاڙيءَ تي هُو پر زور نموني چوي ٿو تہ هن فارم ۽ ٻين فارمن وچ ۾ جيڪي دوستاڻا تعلقات آهن، سي اڳتي بہ رهڻ گهرجن. سوئرن ۽ انسانن وچ ۾ مفادن جو ڪوبہ ٽڪراءُ ڪونهي ۽ نڪي اهو ضروري آهي. انهن جون ڪوششون ۽ مشڪلاتون ساڳيون رهيون آهن. هونئن بہ ڇا هر جاءِ تي پورهئي جو مسئلو ساڳيو نہ آهي! هتي لڳو پئي تہ مسٽر پلڪنگٽن اڳواٽ سوچيل ڪنهن لطيفي سان سامعين کي وندرائيندو. پر ڪنهن سبب هو واتان ڪڍي نہ سگهيو. ساهہ گهٽجڻ مهل سندس ڪاڏي ڳاڙهي ٿي پئي، آخر هن چئي وڌو تہ جيئن اوهان کي پنهنجي نندي حيثيت وارن جانورن کي منهن ڏيڻو ٿو پوي، تيئن اسان کي پنهنجي لوئر ڪلاس کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. انهيءَ دلچسپ فقري تي ٽهڪڙو مچي ويو. آخر ۾ وري بہ مسٽر پلڪنگٽن سوئرن کي گهٽ راشن جي عيوضي ۾ وڌي ڪم وٺڻ ۽ جانورن کي نہ ڪارڻ واري ڳالهہ تي مبارڪباد ڏني.

پوءِ هن چيو تہ هو مڙني ويٺلن کي اٿڻ لاءِ چوي ٿو ۽ چاهي ٿو تہ هر هڪ پنهنجو گلاس پورو ڀري. ”دوستو، آئون اوهان کي هن فارم جي شاهوڪاريءَ جو جام آڇيان ٿو.“

ان ڪان پوءِ سيني گرم جوشيءَ سان آوازيو ۽ پير زمين تي لڳايا. نيپولن ايترو تہ مشڪور ٿيو جو پنهنجي جاءِ ڇڏي، ميز جي ٻئي ڇيڙي ڏانهن آيو ۽ مسٽر پلڪنگٽن جي جام سان پنهنجو جام ٽڪرايائين ۽ پوءِ نوش ڪيائين. جڏهن اهو عمل ختم ٿيو تہ نيپولن جيڪو پيرن تي ڪڙو هو، تنهن اشارو ڏنو تہ هو بہ ڪجهہ چوڻ چاهي ٿو.

ٻين تقريرن وانگيان هي تقرير بہ مختصر هُئي. هُن پڻ اهو چيو تہ هو بہ خوش آهي تہ غلط فهمي جو دور ختم ٿيو آهي، جو تہ ڪافي وقت تائين ڪجهہ افواهہ جيڪي هن جي خيال ۾ هن جي دشمنن ڦهلايا هُئا تہ هيءُ ۽ هن جا ساٿي انقلابي ۽ ٽوڙ ڦوڙ جا حامي آهن. اها ڳالهہ بلڪل غلط آهي. هن جي هڪ ئي آرزو اڳي بہ هُئي، ۽ هاڻي بہ اها آهي تہ هو پنهنجي پاڙيسرين سان پر امن ۽ ڪاروباري لين دين ۾ رڌل رهن. هيءُ فارم، جنهنجي انتظام هلائڻ

جو اعزاز هن کي حاصل ٿيو آهي، سو هڪ سهڪاري ادارو آهي. اداري جا مالڪي وارا ڪاڳر هن وٽ آهن، پر مالڪ سوئر آهن.

هن چيو ته هن کي پڪ آهي ته اڳوڻا شبها ختم ٿيا آهن. ۽ تازو فارم جي روزمره واري عمل ۾ ڪجهه تبديلون ڪيون ويون آهن، جن جي ڪري اسان جو هڪ ٻئي ۾ اعتبار به وڌندو. هن وقت تائين جانور هڪ ٻئي کي بيوقوفانه نموني ”ڪامريڊ“ ڪري مخاطب ٿيندا رهيا آهن، تنهن کي هاڻي ختم ڪيو ويندو. هڪڙو پيو به عجيب رواج آهي. هر آچر تي هڪ سوئر جي کوپڙي وٽان مارچ ڪرڻ جو، سو به ختم ڪيو پيو وڃي. اها کوپڙي جيڪا باغ ۾ لڳل هُئي، تنهن کي دفن ڪيو ويو آهي. مانائتن مهمانن اسان جو سائو جهنڊو جهوليندو ڏٺو هوندو. اوهان ڏٺو هوندو ته اسان جي اڳوڻي جهنڊي وارا کر ۽ سنڱ وارا نشان به ختم ڪيا ويا آهن ۽ هاڻي جهنڊو رڳو سائي رنگ وارو آهي.

هو مسٽر پلڪنگٽن جي شاندار تقرير تي هڪ تنقيد ڪندو ته مسٽر پلڪنگٽن تقرير ۾ هن فارم کي انيمل فارم ڪوٺيو هو آهي. پر هن کي شايد خبر نه هُئي ته آئون هن فارم جو اهو نالو ختم ڪري رهيو آهيان ۽ اڄ کان پوءِ هن جو نالو مئنر فارم ٿي رهندو، جيڪو ئي هن جو درست ۽ اصلي نالو آهي.

نيپولن پڇاڻي ڪندي چيو ته آئون به ساڳيو ئي صحت جو جام آڇيان ٿو پر ٻي نموني. گلاسن کي پريو. ”مئنر پارڪ جي خوشحالي لاءِ هي جام نوش ڪجي ٿو.“

اڳي وانگيان ساڳي طرح مرحبا جا آواز ڪڍيا ويا. پر ٻاهر بيٺلن، جڏهن اهو منظر پئي ڏٺو ته کين لڳو ته ڪا عجيب ڳالهه ٿي رهي آهي. اهو ڇا جي ڪري پي ٿيو ته سوئرن جا چهرا بدلجي رهيا هُئا. ڪلوور جون ڏنڌيل اکيون هڪ سوئر کان ٻئي سوئر ڏي ڦرنديون رهيون. ڪن جون پنج کاڏيون ته ڪن جو چار ته وري ڪن جو ٽي کاڏيون هيون. پر اهو هو ڇا، جيڪو

بدلجي رهيو هو. ان ڪان پوءِ هڪ ٻئي جي ساراهه جو عمل ختم ٿيو. اندر وينئل وري راند ۾ لڳي ويا. اهو ڏسي جانور پوئتي رڙهيا.

پر اڃان هو ويهارو کن قدم پوئتي نه ويا هُئا ته اُتي بيهجي ويا. فارم هائوس مان گوڙ شور جو آواز آيو هو. هو وري واپس ويا ۽ درين مان اندر ڏسڻ لڳا. اندر جهيڙو متل هو. ڪي دانهون ڪري رهيا ته ڪي وري ميز تي هٿ هڻي رهيا هُئا. ڪي شڪي نگاهن سان هڪ ٻئي کي تڪي رهيا هُئا ۽ ڪي انڪار ڪرڻ ۾ رڌل هُئا. انهيءَ هنگامي جو ظاهري سبب اهو هو ته هڪ ئي وقت مسٽر پلڪنگٽن ۽ نيپولن ڪاري جو يڪو هنيو هو.

ٻارنهن آواز ڪاوڙ ۾ دانهون ڪري رهيا هُئا ۽ سڀ هڪ جهڙا ٿي لڳا. هاڻي سوئرن جي چهرن کي ڇا ٿيڻ وارو سوال باقي نه رهيو. ٻاهرين خلقت انسان ۽ سوئرن جي چهرن کي پئي ڏٺو. ڪڏهن هڪ کي ته ڪڏهن ٻئي کي. انهن لاءِ ٻنهيءَ ۾ تفاوت ڪرڻ ڏکيو هو.

# پورو ٿيو.